# صبح ٿيندو

## رسول بخش پليجو

★

[ٻيو ايڊيشن]

ٿورو وڌايل

•••••••••••••••••••••••••••••••••••

پهريون ڇاپو: فيبروري 1974ع
ٻيــو ڇاپــو: فيبروري 1978ع

سنڌي عوامي ڪتاب گهر حيدرآباد، سنڌ

# سنڌي قوم جي سوچ جي تاريخ ۾ زبردست انقلاب

- تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سنڌ جي مارو ماڻهن پاران سنڌ ۽ پاڪستان جي سياست ۽ تاريخ جي آپريشن.

- ان انقلابي وطن دوست علم ۽ سائنس جي روشني ۾.

- جنهن دنيا جي نڌڪين ۽ لاوارث، ايرين ۽ اڳهين قومن کي مچائيو، مورائي مڙس ڪريو، جوان جماڻ ۽ سگهارو، ڪنڌار ۽ ڪٽ مست بنائي ۽ سندن ڪياڙ ڦيرائي ڇڏيا.
- جنهن ڊنل ۽ هيسيل، ماريل ۽ پيڙيل قومن کي شينهن جا ڇاڙ ڦيرائڻ ۽ سانن جا ور سنوان ڪرڻ سيکاري ڇڏيو.
- جنهن جي سوجهري ۾ صدين جون قريون ۽ ڏاڙا پڌرا ٿي پيا. گهر ڏٽين ۽ پاڳين، ڏاڙيلن ۽ پاٽاريدارن کي چيلهن ۾ ٽوڙها وجهي ڪائڻ صدين جا پلاند وٺي ڇڏيا.

★

سنڌ ۽ پاڪستان جي چوٽيءَ جي انقلابي وطن دوست عالم ۽ ڏاهي

## محترم رسول بخش پليجي

جي تيز شوخ ۽ اڪابر ذهن جي نظرياتي تخليق جو مجموعو

★

# ترتيب



| صفحو | حوالو | مضمون | |
|---|---|---|---|
| 6 | ”تحريڪ“ نومبر 1972ع | سنڌي عوام کي بنيادي سياسي تعليم ڏيو | 1 |
| 11 | ”تحريڪ“ مارچ 1973ع | وڏيرا شاهي خلاف جدوجهد قومي جدوجهد جو لازمي حصو آهي | 2 |
| 19 | ”تحريڪ“ اپريل 1973ع | صحيح قومي بڏيءَ لاءِ جدوجهد ڪريو | 3 |
| 24 | ”تحريڪ“ مئي 1973ع | قومي جدوجهد جو وڏيرڪو نظريو | 4 |
| 31 | ”تحريڪ“ آگسٽ 1973ع | قومي جدوجهد جو سنڌي وچين طبقي وارو نظريو | 5 |
| 38 | ”تحريڪ“ ڊسمبر 1972ع ۽ جنوري، فيبروري 1973ع | ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوناءِ | 6 |
| 52 | ”تحريڪ“ آڪٽوبر 1973ع | قومي جدوجهد جو پناهگير پنجابي نقلي ترقي پسند نظريو | 7 |
| 75 | ”تحريڪ“ جنوري 1974ع | قومي جدوجهد جو سنڌي انقلابي وطن دوست نظريو | 8 |
| 95 | ”تحريڪ“ ڊسمبر 1976ع | نقلي ترقي پسند، ڪٽر نسل پرست سنڌ دشمنن خلاف جدوجهد ڪريو | 9 |
| 114 | ”تحريڪ“ جنوري 1978ع | سڄي ملڪ جو عوامي جمهوري اتحاد، جو قائم ٿيڻ ڪيئي ۽ ڪيئن قائم ڪجي؟ | 10 |



ٽيڪسٽ اِنٽري ۽ اِي بُوڪ ڪمپوزنگ: سڪندر علي ابڙو، قمبر علي خان

# پيش لفظ

درويش ۽ الله لوڪ ماڻهو سيني ڏنا ۽ ٻڌا آهن. نہ ڪنهن جي هنئي ۾ نہ ڪنئي ۾. پرايا ٽپڙ ۽ ملڪيت تہ نهيو، پر پچار ڪان بہ پري. پنهنجا ڪن جهليو پيا هلندا آهن. نہ دين جي خبر نہ دنيا جي. پنهنجو پاڻ ۾ گم. بک بہ تهڙي، ڍؤ بہ تهڙو. نفعي نقصان، هوند اڻهوند جي چڪر ڪان پري. ’جيڪي قسمت ۾ هوندو سو ملندو.‘ ڪو ڦُري ويو تہ چا، جي ماري ويو تہ ڇا. چي، ”’سڀ ڪنهن جي نيت.‘ وجي ڇائي پائي. اڪين جو ڍؤ، پيٽ جي بک. پاڻيهي ڪيتو ڏيندو. اسان جو الله اسان سان. جيئن ڇهنب ڏني اٿس، تيئن چوڻو بہ ڏيندو.“

ڪي قومون بہ درويش ۽ الله لوڪ ٿينديون آهن. جيئن اسين سنڌي ماڻهو. اسين پنهنجي هزار سالن جي تاريخ ۾ دنيا جي هڪڙي ڪنڊ ونيو، پنهنجا ڪن جهليو، منهن ويڙهيو لڪا پيا آهيون.

هر دؤر ۾ گهر توڙي ٻاهر جي چورن، پاڻاريدارن ۽ ڌاڙيلن ڦريوسين، ماريوسين، پر پاڻ ڪنهن جو نالو بہ ڪونہ ورتو. گهڻو گهڻو ٿيو تہ ڪنهن مهل ڪنهن کي لٺ ڪڍي گهر مان تڙي ڪڍيوسون. ٻيو ٿيو خير. ’سڀ ڪنهن جي نيت‘!

انسان ذات جي لکن سالن جي ڌاڙن جو ڦاٽ نيٺ ڦاٽي پيو. دنيا ۾ انقلابي طوفان اٿيا. ڦريل ماريل ماڻهن لکين سال کورن ۾ پچي، ڪڙهي، ٻري، جهُري، مري رُجن ۾ پڪي پڪي نيٺ اصل ڌاڙيلن جا ڏس پتا هٿ ڪري ورتا ۽ پيرا ڪڍي وجي سڀگ سوڌو کين سندن ٽم ۾ جهليو ۽ سندن چيلهن ۾ ٺوڙها وڌا. پر اسان جي دل ۾ خير!

ايراني ماڻهن ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي، لاچار منگول وحشي چاڙهي عرب خليفي سڀوري ۽ سندس رهزن لوڌ جي گهر تي ٿانڊا رکائي ڇڏيا. جرمني، چين، روس ۽ ٻين ملڪن جي هارين پنهنجون فوجون ٺاهي سلطنتون زير زبر ڪري ڇڏيون. يورپ جي واڻين، وڪالن ۽ شهرين وڏا وڏا ڏگ، نواب ۽ بادشاهہ کُهي ڇڏيا. روس، چين، ويٽنام، ڪوريا، يمن ۽ ٻين ملڪن جي ماڻهن ظالمن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيا. سڄيءَ دنيا جا عوام موذين تي مارا ٻڌيو بيٺا آهن. پر اسان درويش سنڌين جي دل ۾ خير. ’سڀڪو پنهنجي نيت لوڙيندو.‘ ـــ ’الله ڏسندن!‘

ذري گهٽ هزار سوا سال اسين درويش رهيا آهيون. اهو عرصو گهٽ ڪونهي. بهتر آهي تہ هاڻ ڪجهہ اکيون کوليون. ڪجهہ ڏسون وائسون. ڪجهہ ويچار ڪريون، ڪجهہ ڳولا ڪريون.

جيئن چوندا آهن تہ ديون جو ساھ ڪنهن طوطي وغيره ۾ هوندو هو، تيئن سماج جو ساھ ان جي گذر جي وسيلن ۾ هوندو آهي. گذر جي وسيلن لاءِ جيڪا لٽ لڳندي رهي آهي، ان جو نچوڙ سڏجي ٿي سياست. اهڙيءَ ريت سنڌي عوام جي ساھ جون نسون سياسي اقتدار لاءِ هلندڙ جدوجهد ۾ اٽڪيل آهن.

اُهو ڪيئن هٿ ٿئي؟ ٻليءَ جي ڳچيءَ ۾ گهنڊڙي ڪير ٻڌي؟ اُهو هيستائين عوام کي هٿ ڇو ڪونہ آيو آهي؟ هيترين ڪوششن ناڪام ڇو ٿيون آهن؟ هاڻ ڇا ڪجي؟ هن ڪتاب ۾ ڏنل مضمونن ۾ اِنهن سوالن مان ڪن اهم سوالن جا تلهي ليکي جواب، قومن جي تقدير بدلائڻ جي سائنس جي روشنيءَ ۾، ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

ڪنهن زماني ۾ ماڻهو بيمارين جو علاج رڳو جنترن منترن، ڦيٽن ڦوڪارن، ڏمالن ۽ پليتن سان ڪندا هئا. اجا بہ اڪثر ماڻهو اِنهي ”علاج“ جو شڪار آهن. پر هاڻي روز بروز ماڻهو باقاعدي ڊاڪٽري علاج ڏانهن لاڙو رکندا وڃن. ڪيترا ماڻهو آپريشن لاءِ بہ تيار ٿين ٿا.

ساڳيءَ طرح قومون بہ هزارين سالن کان بيمارين ۾ ورتل ٿين ٿيون. اُنهن تي بہ جنائي ۽ پوپا تجربا ڪندا يا پنهنجون ڪرامتون ڏيکاريندا رهيا آهن. ويجهڙائيءَ ۾ قومن جي مرضن سڃاڻڻ ۽ انهن کي دور ڪرڻ جا بہ پڪا پختا طريقا نڪتا آهن ۽ ڪيتريون قومون پنهنجو علاج انهن جي مدد سان ڪري رهيون آهن. ڪيترين کي فائدو پهتو آهي. ڪيتريون اچي ڇڙهيون آهن. ڪيترين هاڻ مس علاج شروع ڪيو آهي. اهي بہ چاڻ ڇڙهيون. وقت آيو آهي تہ اسين بہ پنهنجي ”لاعلاج“ مرض سان باقاعدي مقابلو شروع ڪريون. دنيا جي آزمايل نسخن جو فائدو وٺون. نوان تجربا ڪريون. ڪڙين دوائن کان نہ ڊڄون. آپريشن لاءِ تيار ٿيون، ۽ مرضن مان جند ڇڏايون.

20 فيبروري 1974ع

**رسول بخش پليجو**

چيف ايڊيٽر
سنڌي عوامي ڪتاب گهر
پتو: 80 ـ بي لطيف آباد 4 ـ حيدرآباد

# سنڌي عوام کي بنيادي سياسي تعليم ڏيو

سنڌي عوام جي انقلابي ۽ وطن دوست جدوجهد گذريل ٿورن سالن ۾ تاريخي واڌارا ڪيا آهن ۽ اهم فتحون حاصل ڪيون آهن. سنڌي قوم جي سياسي سمجهه ۽ شعور جو معيار اڳ جي ڀيٽ ۾ ڪافي مٿي ٿيو آهي.

ساڳئي وقت اُنهيءَ جدوجهد ۾ اسان جون ڪيتريون قومي ڪچايون، اوڻايون ۽ ڪوتون بہ ٿوري عرصي اندر ظاهر ٿي پيون آهن. گذريل تجربي ڏيکاريو آهي تہ جنهن وسيع، گهري ۽ جٽادار قومي ٻڌيءَ کان سواءِ اسان جي ڪاميابي ناممڪن آهي، تنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي تمام وڏي عرصي لاءِ جدوجهد ڪرڻي پوندي ۽ ڪيتريون وڏيون رڪاوٽون ۽ مشڪلاتون دور ڪرڻيون پونديون.

## قومي ٻڌيءَ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟

سڄي قوم قومي مسئلن تي ٻڌي ڪري، گڏجي، اڳتي وڌي، تنهن لاءِ لازمي آهي تہ اسان جي بنيادي قومي سوچ ساڳي هجي، قومي مقصد ساڳيا هجن ۽ اڳتي وڌڻ جو رخ ۽ لاڙو ساڳيو هجي. اسان کي خبر هجي تہ اسان کي ڪهڙي واٽ وٺڻي آهي. ڪهڙن ورن وڪڙن، پيچرن ۽ لڪن مان لنگهڻو آهي. ڪٿي ڪٿي رستي تان ڀلجڻ يا ٿڙڻ جو خطرو آهي ۽ ڪيئن اُن کان بچجي. ٻين لفظن ۾، ڪامياب انقلابي وطن دوست جدوجهد لاءِ ۽ قومي ٻڌيءَ لاءِ اسان وٽ صحيح انقلابي ۽ عوامي وطن دوست (1) مقصد، (2) جذبو، (3) واٽ، ۽ (4) ڪم جو ڍنگ هئڻ گهرجي.

اُنهن ڳالهين سکڻ ۽ پرائڻ لاءِ اسان وٽ چار مکيہ ذريعا ۽ وسيلا آهن. پهريون ذريعو آهي انساني سماج جي واڌاري جي جدلي قانونن جي ڄاڻ. انسان فطرت جو حصو آهي. انساني سماج جو واڌارو بہ اُنهن قانونن جو پابند آهي، جيڪي فطرت جي ٻين شين سان لاڳو آهن. اسين فطرت جي ذري گهٽ اٽل قانونن جي واقفيت ۽ ڄاڻ جي روشنائيءَ جي مدد سان اڳتي وڌنداسين، تہ ڪامياب ٿينداسين، پر جي اُنهن جي خلاف هلنداسين، تہ اُهو غير فطري ۽ غير سائنسي ڪم لازمي طور ناڪام رهندو.

ٻيو ذريعو آهي انساني سماج جي تاريخ جي سائنس يا تاريخيماديت، جنهن مان اسان کي خبر پوي ٿي تہ انساني سماج ڪهڙن قانونن مطابق، ڪهڙن ڪهڙن ڏاڪن ۽

ڪهڙين واٽن تان لنگهي، ھتي پهتو آهي ۽ سندس آئيندي جو رخ، لاڙا، واٽون ۽ منزلون ڪهڙيون نظر اچن ٿيون.

ٿيون ذريعو آهي اسان جي پنهنجي وطن ۽ قوم جو تاريخي تجربو، جنهن مان اسان کي خبر پوي ٿـ اسان جي قوم ۽ اسان جو وطن ڪهڙي خاص واٽ ڏيئي، ھتي پهتو آهي، ۽ انساني قافلي ۾ اڳي، هاڻ ۽ اڳتي سندس جڳهه ڪهڙي پئي رهي آهي، ۽ ڪهڙي رهڻي آهي.

انقلابي وطن دوست جدوجهد جي صحيح رخ ۽ لاڙن، منزلن ۽ واٽن سمجهڻ ۽ رٿڻ ۽ انهن تي هلڻ لاءِ چوٿين مکيـ مدد اسان کي اجوڪي انقلابي دور جي انقلابي قومي تحريڪن ۽ اڳواڻن جي تاريخ جي مطالعي سان ملندي.

اُنهن سمورين ڳالهين جي پڪيءَ پختيءَ ڄاڻ کي گڏي انقلابي علم ۽ سائنس ڪوٺجي ٿو. اها سائنس گذريل سوا سؤ سالن ۾ نهي جڙي آهي. ان جي نهڻ ۾ ڪروڙين انسانن جو تجربو، جدوجهد، خون ۽ قربانيون آهن. هزارين اعلىٰ، نيڪدل ۽ انقلابي عالمن، اڪابرن ۽ مجاهدن جون دليون ۽ دماغ، عقل ۽ ڏاهپ ڪتب آيا آهن. انسان ذات جي واڌاري جي دشمنن، سرمائيدار ظالمن ۽ قومن کي غلام بنائي ستائيندڙن اُن علم ۽ سائنس کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ آزمائڻ تي سخت بندش وڌي آهي ۽ ان لاءِ سخت سزائون پئي ڏنيون آهن. اُن ڪري دنيا جو گهڻو عوام ان جي بي پناه فائدن کان محروم رهجي ويو آهي. سنڌي عوام کي پنهنجي عوامي وطن دوست جدوجهد جي ڪاميابيءَ لاءِ ان علم ۽ سائنس جي ڄاڻ جي سخت ضرورت آهي.

## انقلابي سائنس جو سنجيدَه ۽ گهرو مطالعو گهرجي.

انقلابي سائنس البت ڪجهه ڏکي ۽ پيچيدي سائنس آهي، ۽ ڪافي گهري ۽ سنجيده مطالعي ۽ غور بعد سمجهه ۾ ايندي.

پر ان کي سمجهڻ بنان ڪابہ تحريڪ نہ وجود ۾ اچي سگهي ٿي ۽ نہ ئي وري مشڪل ۽ ورن وڪڙن واريءَ جدوجهد ۾ پير پختا رکي، اڳتي وڌي ويجهي ۽ ڪامياب ٿي سگهي ٿي.

تنهن ڪان سواءِ رڳو ڪن ٿورن عالم قسم جي ماڻهن ڪٽي اها سمجهي بہ ڇڏي، تہ بہ ان جو تيستائين ڪوبہ فائدو ٿي نہ سگهندو، جيستائين اُهي ان کي عملي ميدان ۾ ڪتب آڻڻ جو هنر بہ سکن ۽ خاص ملڪي حالتن موجب اُن ۾ گهربل نوان واڌارا ۽ سڌارا بہ ڪن.

اهو عمل ڪامياب ٿئي، تنهن لاءِ وري اها ڳالهه لازمي آهي، تہ عوام نہ، تہ بہ عام ڪارڪن تہ ضرور ان جون تمام بنيادي ۽ لازمي ڳالهيون چڱيءَ طرح پروڙي وٺن.

اسان جا عام ڪارڪن اڪثر اڻ پڙهيل آهن. ڪي ٿورا بہ چار درجا انڌا منڊا پڙهيل آهن. سنڌي انگريزي ڇاٽيندڙ ۽ اعلیٰ تعليم يافتہ ڪارڪن نہ هئڻ جي برابر آهن. تنهنڪري انقلابي سائنس جي تعليم جو نصاب بہ، في الحال ۽ فوري مقصد لاءِ، مواد توڙي بيان جي خيال کان، ڪجھ ٿورو بہ هجي ۽ بلڪل آسان بہ هئڻ کپي. تجويز طور ان جو خاڪو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

الف: انقلابي سائنس جي تعليم مقدار ۾ ڪيتري بہ ٿوري هجي، پر معنیٰ ۽ مفهوم جي خيال کان اها اعلیٰ کان اعلیٰ سطح جي هجي، بلڪ بين الاقوامي معيار جي هجي، اُن ۾ ڪا بہ ڳالهه غلط نہ هجي، ڪوبہ ضروري پهلو نظرانداز نہ ڪيل هجي، ڪنهن بہ پهلوءَ تي اجايو گهٽو زور نہ ڏنل هجي. مطلب تہ اها اهڙي معيار ۽ مقصد واري هجي، جنهن ۾ هر احوال، ڳالهہ، نظريي يا واقعي جو سڀ طرفو، تاريخي، صحيح توازن وارو، سلسليوار، جدلي (يعني ارتقائي توڙي انقلابي تبديلين کي واضح ڪندڙ)، ڪڙي ڪڙيءَ سان مليل، پاڻ ۾ نهڪندڙ، اصلي روپ ڏيکاريل هجي.

ب: بيان جي ڍنگ جي خيال کان اهم احوال اهڙو تمام سادو، سنئون سڌو، صاف، چٽو، مڪمل، ۽ پيچيدگين، مونجهارن، خالي علمي مفروضن ۽ استعارن، اجاين پٺاڙن ۽ سڪٽن لفظن کان پاڪ ۽ مختصر هجي، ۽ ساڳئي وقت مطلب سان اهڙو پرپور هجي، جو اڻ پڙهيل ماڻهوءَ کي پڙهي ٻڌائجي، تہ هڪدم سڄي ڳالهہ سمجهي وڃي ۽ هڪدم محسوس ڪري تہ ڪا تمام وڏي، تمام ڪم جي، تمام نئين ۽ تمام وڻندڙ، سرهائي ڏيندڙ، دل دماغ جي ڪايا پلٽيندڙ ڳالهہ ٻڌي اٿم، جا وسارڻ سان نہ وسرندي.

ت: ساڳئي وقت اُن سادگيءَ ۾ اهڙو تہ فن هجي، اهڙو تہ اثر هجي، اهڙي معنوي پختگي ۽ قوت هجي، جو پي ـ ايچ ـ ڊي پڙهيل ماڻهو، جو اڳ هن سائنس جو پاڻ کي عالم سمجهندو هجي، سو بہ هڪدم محسوس ڪري تہ هيءَ ڳالهہ پهريون دفعو صاف ۽ مڪمل اڄ سمجهي اٿم.

ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل معيار جي درسي ڪتابڙن جي ضرورت آهي، جن کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

پهريون ڀاڱو: هن ڀاڱي ۾ اهڙن ڪتابڙن جا ٽي درجا هئڻ گهرجن.

(الف) درجو پهريون ـ اهڙا ڪتابڙا، جن ۾ انقلابي سائنس ۽ تاريخ جي تعليم تي دلچسپ ڪهاڻيءَ ۽ رنگين داستان جو گهرو رنگ چاڙهيل هجي. پڙهندڙ ان ۾ آيل اصولن

۽ نڪتن کي فقط اتفاقي سمجهن، پر انهن جو اڻ سڌيءَ طرح گهرو اثر ضرور قبول ڪن. ان لاءِ هيٺيون رٿون پيش ڪجن ٿيون:

(الف) موجوده دور ۾ جن قومن عظيم جدوجهدون هلائي، آزادي حاصل ڪئي آهي ۽ پنهنجي عوام کي ظلم، غلاميءَ، جهالت ۽ غربت کان نجات ڏياري آهي، تن جي، مثلاً لينن، هوچي مِن، مائوزي تونگ، سوئيڪارنو، ڪم اِل سنگ، جمال ناصر، فيڊل ڪاسترو، جهڙن اڳواڻن، ۽ جديد انقلابي سائنس جي علمي ۽ سائنسي پايي وجهندڙ عالمن ۽ دانائن، ڪارل مارڪس ۽ اينجلس، جي رنگين ۽ ڊرامائي زندگين ۽ سندن بيمثال ذهني ۽ علمي ڪارنامن کي، ڪهاڻيءَ ۽ داستان جي رنگ ۾، پيش ڪجي. انهن داستانن ۾ سندن لکڻين ۽ ڪارنامن جو بيان ڪندي، لازمي طور انقلابي سائنس ۽ تاريخ جا سوين نڪتا نڪرندا، جي ڪهاڻيءَ جي انداز ۾ صاف، چٽي ۽ مزيدار نموني سمجهائي وڃن.

(ب) ٻئي درجي جي ڪتابن ۾ انقلابي تاريخ جي ڊرامائي تاريخي واقعن جو داستان پيش ڪجي، ۽ اُن جو ڍنگ مٿي ذڪر ڪيل هئڻ گهرجي. اُهي ڪتابڙا فرينچ انقلاب، پئرس ڪميون، 1905ع جي فيبروري انقلاب، 1917ع جي آڪٽوبر انقلاب، جنگ عظيم، چيني، ڪوريائي، انڊونيشي، مصري، ويٽنامي، ڪيوبائي انقلاب، عظيم چيني ثقافتي انقلاب، موجوده پاڪستاني جمهوري انقلاب جي رنگين داستانن بابت هجن.

(ت) ٽئين درجي جي ڪتابڙن ۾ 1. سائنسي سوشلزم جي ڪهاڻي، 2. انقلاب جي سائنس، جدليماديت، 3. تاريخ جي سائنس، تاريخي ماديت، 4. عوامي انقلابي وطن دوست جدوجهد، عالمي انقلابي جدوجهد جو اهم ترين مورچو، 5. قومي ۽ طبقاتي جدوجهد پاڻ ۾ ساٿي آهن نه مخالف، 6. سوشلزم ڇا ناهي ـ سوشلزم بابت ڦهلايل ڪوڙا افسانا ۽ ڏند ڪٿائون، وغيره، ڏکيرڙا مضمون تمام دلچسپ نموني، يعني عام انگريزي ۾ Popular Science جي لکيل ڪتابڙن جي انداز ۾ لکجن. (ياد رهي ته ايٽمي سائنس، علم نجوم، نباتات، علم الارض بلڪ خود رياضيات جي Theory of Relativity جهڙن خشڪ ۽ بور سائنسن بابت اهڙا ته دلچسپ ۽ آسان ڪتاب لکجي ويا آهن، جي ماڻهو پڙهيو، پائي ته هي ته تمام دلچسپ ۽ آسان ڳالهيون آهن.)

پاڳو ٻيو: عوامي انقلابي وطن دوست جذبي سان ٽمٽار چونڊ سنڌي ادب، شعر ۽ تاريخ ڇاپي وڃي، جيئن (1) شاهه، اياز، خليفي نبي بخش، سرويچ، ابراهيم منشيءَ، نياز، تنوير، امداد، استاد بخاريءَ، خاڪي جويي ۽ ٻين انقلابي وطن دوست شاعرن جا تمام خبرداريءَ ۽ ڌيان سان چونڊيل، چونڊ ڪلام؛ (2) سنڌي تاريخ جا چونڊ واقعا ۽ ڪارناما:

(3) قوم جي جذبي ۽ سمجھ کي بلند ڪندڙ چونڊ سنڌي ڪھاڻيون، تلخيص ڪيل ناول نندين ڪتابڙن جي صورت ۾ شايع ڪجن.

پاڳو ٽيون: دنيا جي انقلابي وطن دوست قومن جي اڳوڻي خواھ هاڻوڪي ادب جا شاهڪار چونڊي ۽ ڪجھ مختصر Condense ڪري، پر ساڳين لفظن ۾، شايع ڪجن.

انهي لاءِ سنڌي عوام کي، هيءُ هڪ مکيہ قومي فرض سمجھي، پنھنجي سياسي ۽ نظرياتي اڻ ڄاڻائيءَ خلاف جدوجهد ڪرڻ گھرجي ۽ پنھنجي ذهن کي صحيح ڄاڻ سان هٿياربند ڪرڻ کپي. خاص ڪري، هر انقلابي وطن دوست هاريءَ، پورهيت، شاگرد، استاد، اديب، عالم ۽ دانشور قومي ڪارڪن جو فرض آهي تہ هو هن اهم بنيادي قومي ڪم کي هٿ ۾ کڻن ۽ پنھنجي عوام ۽ قوم جي واڌاري جي راھ روڪيندڙ سياسي اڻ ڄاڻائيءَ جو پربت ڏاهي پٽ ڪن، نہ تہ ان اڻ ڄاڻائيءَ لاءِ اسان کي ڪو زمانو ڳريون قومي چٽيون ۽ نقصان ڀرڻا پوندا. اسان جي راھ اٽانگي، لمبي ۽ ڪٺن آهي. ان لاءِ هينئر کان ئي تياري ڪرڻ کپي.

هي تان ٿورڙيون، جي تو پورا پائيئيون،
راتيون ڀيون گھٽيون، جي تو ايندين هيڪلي.

جيڪي سنڌي هاري، پورهيت، شاگرد، استاد، اديب ۽ دانشور قومي ڪارڪن انهيءَ ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ لاءِ تيار هجن، ۽ انهن سياسي تعليمي ڪتابڙن لکڻ، نقل ڪرڻ، انهن کي هارين، پورهيتن، شاگردن، پڙهيلن ۽ ٻئي عوام تائين پهچائڻ ۽ وڪڻڻ لاءِ ڪارائتين رٿن، صلاحن، لکڻين، مالي مدد ۽ جسماني پورهئي لاءِ تيار هجن، سي سنڌي عوامي تحريڪ (ڳاڏي کاتو، حيدرآباد) جي دفتر اچن، ۽ پنهنجون خذمتون پيش ڪن. سنڌي عوامي تحريڪ طرفان انهيءَ سلسلي ۾ هوچي من ۽ مائوزي تونگ شايع ٿي چڪا آهن، ۽ هاڻ روس جي برک انقلابي ڪامريڊ لينن جي سوانح حيات شايع ڪري پيش ڪئي ويندي.

[”تحريڪ“، نومبر 1972ع]

# وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد قومي جدوجهد جو لازمي حصو آهي

سنڌي قوم سان روز ازل کان وٺي ٻٽو ويل آهي. هڪڙي پاسي گهر ۾ ويٺل دشمن يعني وڏيرا، مير، پير ۽ ملان سنڌن هڏا پيا ڪرٽين، ته ٻئي پاسي نت نوان ٻاهريان ڦورو ٽولا سنڌن باقي رهيل ميڙِي چوندي ناس ڪريو وجن. سوال آهي ته اِنهن ٻن بلائن مان ڪنهن ڪنهن کي منهن ڏجي؟

سنڌي عوام جي ٻهراڙيءَ واري اڪثريت وڏيرا شاهيءَ خلاف دانهون ٿي ڪري، ان کي پنهنجو اصل دشمن ٿي ليکي، ۽ ان جي خلاف جدوجهد کي ئي پهرين اهميت ڏئي ٿي. شهرن جا پڙهيل ڳڙهيل سفيد پوش رڳو پنجابي پناهگير سامراج خلاف جدوجهد کي ئي اهميت ڏين ٿا، سنڌي عوام جي وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد کي ٻه اهميت نٿا ڏين. انهيءَ ڪري قوم جي گهڻي پورهيت عوام ۽ ٿوري سفيد پوش طبقي جي وچ ۾ ڪوبه اتحاد پيدا ٿي نٿو سگهي. پڙهيل هڪڙو راڳ پيا آلاپين، ته اڻ پڙهيل عوام ٻيو. جڏهن ڪا ڳالهه ٿئي ٿي ۽ پڙهيل طبقو سنڌ دشمنن سان ٽڪر کائي ٿو، ته ٿوريءَ دير ۾ ئي ڪيس پنهنجي اڪيلائيءَ جو احساس ٿيڻ لڳي ٿو ۽ هو مايوسيءَ وچان سوچڻ لڳي ٿو ته سنڌي قوم ۾ قومي غيرت ناهي.

اُن جو بنيادي ڪارڻ اهو آهي ته سنڌي پڙهيل طبقو سنڌي عوام جي نقطي کي سمجهڻ جي ڪوشش نٿو ڪري، ان جي مسئلن کي نظرانداز ڪري ٿو، اُن جي دشمنن کي پنهنجو نٿو ليکي، اُن جي جدوجهد جي پنيرائي نٿو ڪري، رڳو پنهنجي مطلب جي ڳالهه ٿو ڪري ۽ چاهي ٿو ته سنڌي پورهيت عوام پنهنجي مطلب جون ڳالهيون ڇڏي، رڳو پڙهيلن جي مطلب جي ڳالهين لاءِ جدوجهد هلائي.

اُن جو حل اهو آهي ته ٻيئي ڌريون هڪٻئي جي مسئلن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ۽ هڪٻئي جي دشمن خلاف گڏجي جدوجهد هلائين.

پڙهيل پنهنجو مطلب اخبارن، رسالن ۽ تقريرن ذريعي سالن کان بيان ڪندا رهيا آهن. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌين جي زبردست اڪثريت، يعني ٻهراڙيءَ جي هاريءَ ۽ پورهيت عوام، جي سڀ کان وڏي مسئلي، يعني وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد، جي اهميت کي سمجهجي.

سنڌ جي نيڪ نيت ۽ انصاف پسند ماڻهن ۾ انهيءَ ڳالھ بابت گهڻو مونجهارو آهي. وطن جا ڪيترا گهڻگهرا ۽ پڙهيل ڳڙهيل سنڌي ماڻهو پرمارن جي خلاف جدوجهد جي اهميت سمجهن ٿا، پر وڏيرا شاهيءَ جي خلاف عوامي جدوجهد جي بنيادي اهميت نٿا سمجهن.

هو سمجهي نٿا سگهن تہ وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد قومي جدوجهد جو تمام اهم ۽ لازمي حصو آهي، ۽ وڏيرا شاهيءَ خلاف عوامي جدوجهد جي پنيرائي ڪرڻ کان سواءِ "جيئي سنڌ" جي قومي جدوجهد هرگز اڳتي وڌي، مضبوط نہ ٿِي ٿِي سگهي. اُن کان سواءِ قومي جدوجهد جي ڪامياب ٿيڻ جو سوال ئي پيدا ٿي نٿو سگهي. اڪثر سمجهو، نيڪ نيت ۽ وطن جا گهڻگهرا ماڻهو اِنهيءَ باري ۾ گهٽي ڀاڱي هيٺئين نموني سوچين ٿا:

(1) اسان جو اصل دشمن پناهگير پنجابي سامراج آهي. اُهو سنڌ دشمن پناهگير پنجابي وڏو زميندار، سرمائيدار، ڪوڙو ڪليمنٽ، پرمار وچون طبقو آهي، جنهن 25 سال سنڌ توڙي سڄي پاڪستان کي مال غنيمت سمجهي، ڦريو، لٽيو ۽ چباڙيو آهي. انهن جي نازي ۽ فاشسٽ ذهنيت جو بد ترين مثال اوير پاڪستان واري ڪربلا آهي. نہ رڳو سنڌ پر سڄي پاڪستان جي مظلوم ماڻهن ۽ قومن جو فرض آهي تہ پاڻ ۾ گڏجي، انهيءَ آفت کي منهن ڏين، ۽ پنهنجون قوتون ڪنهن ٻئي مورچي تي ضايع نہ ڪن. خاص ڪري سنڌين جهڙي چؤطرف گهيريل ۽ وکوڙيل قوم کي ٻئي ڪنهن بہ ڦڏي ۾ پوڻ نہ گهرجي.

(2) وڏيرا ڪٽي کهڙا بہ آهن، تہ بہ آهن تہ پنهنجا، هونئن بہ وڏيرن جو اڳوڻو زور ڪونهي. وڏيرا شاهي آهستي آهستي ختم ٿي، پاڻيهي پنهنجي موت مري ويندي. پر جا بہ ڪٽي هجي، هي نازڪ ۽ ڏکيو وقت آهي. هي گهر جي ڀاتين سان وڙهڻ جو ٽائيم ڪونهي. هينئر سڀ مِڙي مُٺ ٿيون ۽ سنڌ دشمنن سان مقابلو ڪري سنڌ بچايون. پوءِ جڏهوڪا لُڙ تڏهوڪا پاٽي. جي پوءِ بہ وڏيرن گهٽي ڪئي تہ انهن کي بہ ڏسي وٺبو.

(3) پر جي هرويرو سمجهجي ڪٽي تہ ٻاهريان سنڌ دشمن ۽ سنڌي وڏيرا شاهي هڪ جهڙا دشمن آهن، تہ بہ هڪڙي وقت تي ٻنهي سان وڙهڻ بيوقوفي ٿيندي اول ٻاهرين سنڌ دشمنن کي منهن ڏيئي سنڌ بچائجي، پوءِ هنن اندرين سنڌ دشمنن کي بہ نيڪ ڪري ڇڏبو.

اِنهيءَ سوچ وارا وطن دوست ساٿي هينيون ڳالهيون يا تہ نہ ٿا سمجهن يا نظرانداز ٿا ڪن:

## (1) پناهگير پنجابي سامراج جي اصل جڙ ۽ بنياد وڏيرا شاهي آهي.

سنڌ، سرحد، بلوچستان ۾ دقيانوسي، رجعت پرست ۽ عوام دشمن قبائلي، سرداري ۽ وڏيرڪو نظام حاوي نہ هجي ها، ۽ هڪڙي طرف ماٺهو وڏيرن، رئيسن، پوتارن، سردارن، ميرن ۽ پيرن جا ماريل، پيڙهيل ۽ ذليل ڪيل نہ هجن ها، ۽ وڏيرڪي نظام جا پيدا ڪيل مرض يعني بک، بيماري، جهالت ۽ خوف مٿن چانيل نہ هجن ها، ۽ ٻئي طرف مڪاني وڏيرا، رئيس، خان، پير، مير غدار ٿي، دشمن جي ڪمداري نہ ڪن ها، تہ جيڪر پناهگير پنجابي سامراج بنا ڪٽڪي ۽ بنا مقابلي پاڪستان ڪي هرگز ڳڙڪائي نہ سگهي ها. تاريخي طرح بہ سنڌ جي تباهيءَ جو ڪارڻ اندروني دشمن هئا، نہ تہ ٻاهرين ڪي مجال ئي ڪا نہ هئي، جو سنڌ ڪي زير ڪري سگهن. سنڌي هندو ۽ مسلمان وڏيرن ۽ سيٺين پاڻ ۾ وڙهي، يو ـ پي ۽ پنجاب جي ليگي ۽ ڪانگريسي سياست بازن ڪي سنڌ ۾ ٽنگ اڙائڻ جي دعوت ڏني. ڪراچي سنڌ کان ڪاٽڻ ۽ ون يونٽ مڙهڻ جا ڪڌا ڪرتوت وڏيرن پنهنجي هٿ سان ڪيا. هينئر بہ سنڌي عوام وڏيرن ڪي ياري اڪثريت سان ڪامياب ڪري، راڄ ڀاڳ جو مالڪ ڪيو، پر هو هڪ طرف عوام سان وڙهي ۽ ٻئي طرف پاڻ ۾ ڏاڙهي پٽ ڪري، وڃي دشمنن جي پيرن ۾ ڪريا آهن، ۽ پاڻ تان ۽ سنڌ تان جڳ ڪلائي رهيا آهن. اِها ڳالهہ بہ خيال ۾ رکڻ گهرجي تہ بنگال ۾ پناهگير پنجابي سامراج سان مقابلو ان ڪري سخت ٿيو، جو بنگالي نہ رڳو گهڻا ۽ پري هئا، پر اُتي وڏيرڪو نظام تمام ڪمزور هو، جوتہ وڏيون زميندار يون اتڻ سان ئي اُتي ختم ٿي چڪيون هيون ۽ وچون طبقو ۽ غريب عوام زور هئا.

## (2) وڏيرا شاهي سنڌين ڪي پرمارن سان ٽڪر کائڻ نٿي ڇڏي، ۽ دشمن ڀاران وچ ۾ ٽپيو، سنڌين ڪي دسائي ٿي.

وڏيرا شاهي سنڌي عوام جي نڙيءَ تي لت رکيو ويٺي آهي. عوام وڏيرن ۽ سندن دلال ڪامورن جي ڦرلٽ، ڌاڙي، ڏهڪاءَ، ڪوڙن ڪيسن، ڦرين، قيدن جي اشڪنجي ۾ اهڙا تہ قابو آهن، جو هنن ڪي پنهنجي تن جو بہ هوش ڪونهي. سندن ساهہ سدائين سوريءَ تي ٽنگيل آهي. انهيءَ ڪري هو ملڪي معاملن ۽ قومي مسئلن جو سماءُ ئي نٿا لهي

سگهن. ڪين خبر ئي ڪانهي تہ ڪنهن جي بازار پئي لڳجي. پر جي ڪٽي خبر پوين، تہ بہ ڪجهہ بہ نٿا ڪري سگهن، جو وڏيرا شاهيءَ منجهن ايترو رت ئي ڪونہ ڇڏيو آهي، جو هو دشمنن کي منهن ڏيئي سگهن. پر جي اتفاق سان ڪڏهن ڪو سنڌي هاري همت ڪري ڪنهن پرمار سان ڪو ٽڪر ڪايو وجهي، تڏهن بہ سنڌي وڏيرو ۽ ڪامورو، گوال ۽ چغلخور بنجيو، خود پنهنجي هاريءَ خلاف ڪوڙي ڪليمنٽ ۽ پرمار چوڌريءَ سان ٻٽ ٿيو وجي. ڪيترا ئي هاري ڪارڪن ڪوڙن ڪليمنٽن ۽ پرمار چوڌرين جي ٻچ تي ۽ سنڌي وڏيرن ۽ ڪامورن جي شاهدين تي ٽيپون ڪاٽي ۽ ڦٽڪا ۽ اذيتون سهي چڪا آهن ۽ سهن پيا.

## (3) سنڌي قوم جي اڪثريت اسان جي هاڙوڪي جدوجهد کي قومي جدوجهد نٿي سمجهي، ان کي اهميت نٿي ڏئي ۽ ان ۾ شريڪ نٿي ٿئي.

سنڌي قوم جا نوي سيڪڙو ماڻهو هاري ناري آهن. انهن مان ڪجهہ سيڪڙو ڪوڙن ڪليمنٽن ۽ ٻين ناجائز حددخلين ڪندڙن سان ٽڪر ۾ آهن ۽ انهن جا ستايل ۽ ماريل آهن. باقي رهيل زبردست اڪثريت وڏيرا شاهيءَ جي شڪنجي ۾ پيڙجي پيئي. ڪين اٺ ئي پهر وڏيرا شاهيءَ ۽ سندن پاليل ڪامورا شاهيءَ جي ظلمن جا ڪان ڪپار ۾ لڳل آهن. تنهنڪري هنن جي نظر ۾ حياتيءَ ۽ موت جو سوال اِهو ڪونهي تہ آيا مرڪز جا چوڌري مضبوط ٿيڻ ڪپن يا صوبائي وڏيرا مڪمل خودمختياري ماڻين. روزمره جي بيرحم زندگيءَ ۾ هو ڏسن ٿا تہ صوبائي وڏيرن يعني تر جي رهزنن ۽ پاٽاريدارن کي جيترا گهڻا پاور هوندا، اوترا سنڌي مسڪينن لاءِ وڏا پادر هوندا! مرڪز جو حامي ظالم چوڌري يا ڪوڙو ڪليمنٽ برابر سندن رت ست چوسي ٿو وٺي، پر تر جو رهزن ۽ پاٽاريدار ”عوامي نمائندو“ تہ سندن زال بہ ڪٽايو، سندس در تي ڪانگ ويهاريو ڇڏي! هنن جي نظر ۾ صوبائي ٻولي يا گهٽين صوبائي ٻولين جو فرق بہ ڪا اهڙي فوري ۽ فيصلي ڪن اهميت ڪا نہ ٿو رکي، جو هو اُن لاءِ مرڻ مارائڻ لاءِ تيار ٿي وڃن.

مطلب تہ جن مسئلن کي اسين پڑهيل شهري متين طبقن جا ماڻهو هيستائين قومي مسئلا سڏيندا رهيا آهيون، سي سڌيءَ طرح فقط ڪن مٺ جيترن شهري پڙهيلن ۽ متين طبقن جي سنڌين سان واسطو رکن ٿا. اُهي ئي اُنهن کي ڪجهہ سمجهن ۽ ڪجهہ اهميت ڏين ٿا. سنڌين جي وڏي ڳوناٺي اڪثريت نہ انهن کي سمجهي ٿي ۽ نہ ڪين وڏي

اهميت ڏئي ٿي. ان ڪري اسان واري محدود ”قومي جدوجهد“ ۾ سنڌي قوم جي اڪثريت ڀرپور نموني ۾ نہ شامل آهي، نڪا هن حالت ۾ ٿيندي. سچي ڳالهہ ڪجي، تہ اسان واري ”قومي جدوجهد“ اجا صحيح ۽ ڀرپور معنيٰ ۾ قومي جدوجهد ناهي، ڇوتہ ان ۾ اسان جي اڪثريت جا اهم ترين ۽ حياتيءَ ۽ موت جا مسئلا شامل نہ آهن. اِن ڪري جيڪڏهن اسين ايمانداريءَ سان گهرون ٿا تہ اسان جي قومي جدوجهد صحيح معنيٰ ۾ قومي جدوجهد ٿئي، ۽ ٿورن شهري پڙهيلن بدران سڄيءَ سنڌي قوم جا لکين ماڻهو اُن ۾ زورشور سان ڀرپور حصو وٺن، تہ پوءِ اسان کي قومي جدوجهد جو دائرو وسيع ڪرڻو پوندو ۽ اُن ۾ سنڌي قوم جي زبردست اڪثريت جا مسئلا شامل ڪرڻا پوندا.

## (4) درحقيقت سنڌي عوام جي اڪثريت جو بنيادي ۽ دائمي مسئلو اندروني بيماري يعني وڏيرا شاهي آهي.

فطرت جو بنيادي قانون آهي ”ابتڙن جو ميلاپ ۽ مقابلو.“ سنڌي قوم ميلاپ آهي ٻن بنيادي طرح ابتڙ ۽ مخالف قوتن جو، يعني هڪ پاسي سنڌي عوام تہ ٻئي پاسي وڏيرا شاهي. اِهو سنڌي قوم جو اندريون تضاد آهي. سنڌن ٻيو تضاد پراون جي پرماريت سان آهي. اُهو ٻاهريون تضاد آهي. فطرت جي سائنس اسان کي سيکاري ٿي تہ ٻاهرين جي ڀيٽ ۾ اندريان تضاد وڌيڪ اهم، بنيادي ۽ فيصلو ڪندڙ هوندا آهن.

سنڌي قوم جا بنيادي ۽ دائمي مسئلا آهن: اڻ هوند، بک، بيماري، جهالت، ۽ وڏيرن، ڪامورن، پيرن ۽ ملن جي ڦرلٽ، دٻاءُ ۽ دهشت، ذهني بلئڪ ميلنگ ۽ روحاني ڊڪٽيٽرشپ. اِنهن بنيادي مسئلن ئي ٻاهريان مسئلا پيدا ڪيا آهن. وڏيرا شاهي نظام جي گندگيءَ ۽ پوسل ۾ ئي مڃرن ۽ ٻين جيوڙن کي پيدا ٿيڻ، وڌڻ ۽ ويجهڻ جو موقعو مليو آهي. اِهو ئي سبب آهي، جو سنڌي عوام وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد کي پنهنجي حياتيءَ ۽ موت جو سوال سمجهي ٿو.

## (5) جدوجهد فقط اُها ڪامياب ٿئي ٿي، جنهن ۾ سنڌي عوام جا بنيادي مسئلا شامل آهن ۽ جنهن کي سندن ڀرپور تائيد حاصل آهي.

ون يونٽ خلاف سنڌ جي پڙهيل شهري طبقي جو هڪڙو تمام ننڍڙو محب وطن حصو لڳاتار 15 ـ 16 سالن کان واڪا ڪندو رهيو. پر سنڌي عوام جي ڪن تي جونئن بہ

کا نہ سُري! چوتہ اهڙن نعرن جو عوام جي روزمره جي زندگيءَ سان ڪوبہ سڌو ۽ پڌرو تعلق ڪونہ هو. تنهنڪري هو اُنهن نعرن کي هوائي سمجهندا رهيا ۽ اُن ۾ شريڪ ٿي ڪونہ ٿيا. نتيجو اِهو ٿيو، جو اُها تحريڪ، هيڏيءَ مٿا ڪٿ ۽ تقريرن ۽ تحريرن جي هيڏيءَ اتاه ٻوڏ جي باوجود، اتاه عوامي تحريڪ ٿي نہ سگهي. البت جڏهن ايوب شاهيءَ جا قيد ڪيل شاگرد ۽ قومي ڪارڪن، جيل مان قومي جدوجهد جي هڪ نئين، وسيع ۽ عوامي نظريي سان ٿورڙا واقف ٿي، ٻاهر آيا، ۽ ٻهراڙيءَ جي سنڌي عوام سان سندن دل جي ڳالهہ يعني وڏيرا شاهيءَ جي مخالفت جي ڳالهہ ڪيائون تڏهن صورتحال بدلجي ويئي. 4 ـ مارچ 1969ع تي 2 لک سنڌي هاري حيدرآباد ۾ گڏ هئا ۽ سنڌ دشمنن جون وايون ولڙيون ٿي ويون. اُن ڪان پوءِ وري جڏهن قومي جدوجهد جو تنگ، غير عوامي، وڏيرڪو نظريو غالب ٿي ويو، تڏهن جيڪا حالت ٿي آهي، سا سيني ڏٺي!

ٻئي طرف، پيپلز پارٽي جڏهن عوام ۾ وڏيرا شاهيءَ خلاف زبردست تبليغ جو طوفان ڪڙو ڪيو، تڏهن سنڌ جي ٿرن، ٻرن ۽ جهنگن کي جڻ باهہ لڳي ويئي! سندن تحريڪ ۾ ايڏي وڏي طاقت پيدا ٿي ويئي، جو وڏا وڏا جبل بہ لڏي ويا! پر وري جڏهن پارٽيءَ ۽ حڪومت تي وڏيرن مڪمل غلبو ڪري ورتو ۽ وڏيرا شاهيءَ جي مخالفت جو چوغو لاهي ڇڏيائون، تڏهن جيڪا صورتحال ٿي آهي، تنهن جي تشريح جي ضرورت ڪانهي!

## (6) سنڌي قومي جدوجهد تڪڙي فيصل ڪانہ ٿيندي.

اِها لاهين چاڙهين ۽ ورن وڪڙن واري، لمبي ۽ ڪٺن جدوجهد هوندي، جا گهڻن ئي مختلف مورچن تي لڙي ويندي.

جيڪڏهن اِئين نہ هجي ها ۽ پاٽيپٽ جي لڙاين وانگر هڪڙي ڏينهن ۾ فيصلو ٿيڻ وارو هجي ها، تہ پوءِ ڪٽي ڇئجي تہ وڏيرا شاهيءَ کي نظرانداز ڪري، سڀ گڏجي، ڪٽي سنڌ دشمنن سان هڪ هڪاٽي ڪريون. پر ان ۾ هڪ بہ نہ، پر گهڻا سال لڳندا. اُنهيءَ سموري عرصي ۾ اِها توقع رکجي تہ سنڌي عوام وڏيرا شاهيءَ جي گهاٽي ۾ بہ پيڙبا رهن ۽ ٻڙڪ بہ ٻاهر نہ ڪڍن ۽ ساڳئي وقت سنڌ دشمنن جي حملن ۽ سازشن کي بہ ڪاميابيءَ سان منهن ڏين، سو ٿيندو خيالي پلاءُ پچائڻ.

تنهنڪري وڏيرا شاهيءَ طرفان سنڌي عوام سان جيڪا اٺ ئي پهر ويڌن پيئي ٿئي، تنهن کي نظرانداز ڪبو، تہ سنڌي عوام قومي جدوجهد ۾ دل جان سان شريڪ نہ ٿي سگهندو، ۽ جدوجهد جو رينگٽ تہ خير هلندو پيو، پر سُر ڪونہ ٿهندو.

## (7) پناهگير پنجابي نقلي ترقي پسند سنڌي پورهيت عوام کي قومي جدوجهد کان بدظن ڪري، سنڌين ۾ زبردست ڦوٽ وجهي رهيا آهن.

جيئن تہ هيستائين ٻهراڙيءَ جي سنڌي عوام جي اڪثريت جي مسئلن کي قومي جدوجهد ۾ شامل نہ سمجهيو ويو آهي، ۽ اسين رڳو مٿئين طبقي جي ننڍڙيءَ ٽورائيءَ جي فائدي جي ڳالهين کي قومي جدوجهد جو نالو ڏيندا رهيا آهيون، تنهنڪري پناهگير پنجابي نقلي ترقي پسندن جي ٻيگهي مچي ويئي آهي. هو ڳجهہ ڳوهہ ۾ سنڌي هارين، پورهيتن ۽ غريب پڙهيلن کي ائين برغلائي رهيا آهن تہ ”هيءَ قومي تحريڪ سڪين ۽ شاهوڪار شهرين ۽ وڏيرن جي پٽن جي تحريڪ آهي، جي پنهنجي مطلب لاءِ ’قوم!‘ ’قوم!‘ ۽ ’سنڌ!‘ ’سنڌ‘ پيا ڪن - اوهان کي تہ پڇن ئي ڪونہ ٿا.“ نتيجو اهو پيو نڪري تہ اندر ئي اندر سنڌي پورهيت عوام جا ٿورا گهڻا سمجهو ماڻهو سنڌين کان ڪٽبا وڃن ۽ پناهگير نقلي ترقي پسندن جا ذهني غلام ٿيندا وڃن. هو ڪين پنهنجي مطلب لاءِ استعمال پيا ڪن.

## (8) وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد کي قومي جدوجهد جي اعلىٰ مفادن جي دائري اندر هلايو.

وڏيرا شاهيءَ جو اصلي علاج آهي زميندراي نظام کي مڪمل طور ختم ڪرڻ. ان کان سواءِ سنڌي قوم ڪڏهن بہ هڪ پاڻ پري، طاقتور ۽ شاندار قوم بنجي ڪا نہ سگهندي. پر قومي اتحاد خاطر سنڌي هاري عوام موجوده حالت ۾ زميندراي سرشتي جي فوري طرح ۽ مڪمل خاتمي جو مطالبو نٿا ڪن. هن وقت هو تمام محدود مطالبا ٿا ڪن. جهڙوڪ: وڏيرا مٿن ظلم بند ڪن. ڪين بيدخل نہ ڪن. مٿن ڪوڙا قرض نہ لکن. ليکو صاف ڪن. زرعي قانونن موجب هلت ڪن. ڪوڙا ڪيس ۽ ڦڏا نہ ڪن. ڪين ذليل ۽ تباهہ نہ ڪن، وغيره.

تاڙي هڪ هٿ سان نہ وڄندي آهي. سنڌي هاري قومي مفاد خاطر وڏيرا شاهيءَ جو ڳٽ ڳچيءَ ۾ سهيو وينا آهن. پر وڏيرا شاهيءَ کي بہ قومي مفاد خاطر ڪجهہ حياءُ ڪرڻ

گهرجي، ۽ سنڌي عوام جي ڀاري اڪثريت سان جنگبندي ڪرڻ گهرجي، تہ جيئن سڀ گڏجي سنڌ دشمنن کي منهن ڏيئي سگهون. اِها ڳالهہ بہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ قومي جدوجهد ذريعي جيڪي ڪجهہ حاصل ٿئي ٿو، تنهن جو مکڻ ۽ ڏونئرو تہ پس پيش وڏيرا ۽ سندن پوئلڳ وچون طبقو ئي کائين ٿا. عوام کي رڳو ڪُتي لسيءَ جي لپ نصيب ٿئي، تہ بہ ڄڻ حج ڪٽيائون!

اهڙيءَ حالت ۾ جيڪو وڏيرو هن ڏکئي وقت بہ سنڌي هاري عوام تي ظلم بند ڪرڻ ۽ ڪيس انسان ڪري ليکڻ لاءِ تيار نہ هجي، تنهن کي سنڌي هرگز سمجهڻ نہ گهرجي. ان کي سنڌي قوم جو غدار ۽ دشمن جو دلال سمجهجي. قومي ڪارڪنن کي گهرجي تہ اهڙي وڏيري خلاف مظلوم هارين ۽ پورهيتن جي هڙان وڙان مدد ڪن. جيڪي سنڌي شاگرد، اديب، دانشور، قومي ڪارڪن ۽ اڳواڻ اهڙيءَ حالت ۾ بہ مظلوم سنڌي هاري عوام جي پٺڀرائي ڪرڻ لاءِ تيار نہ هجن، تن کي قوم پرست نہ ليکڻ گهرجي. اُهي ڇٽبو تہ رڳو نالي جا ٺلها نڪر آهن. هو قوم پرست نہ، پر مطلب پرست آهن. سچن پچن سنڌي وطن دوستن کي، سنڌي عوام جي اِنهن تمام محدود، مناسب ۽ واجبي گهرن کي قومي جدوجهد جي پروگرام جو هڪ لازمي ۽ بنيادي حصو ڪري سمجهڻ گهرجي. هي مسئلو معمولي ڪونهي. اسان جي قومي جدوجهد جي ڪاميابيءَ جو بنيادي دارومدار اِنهيءَ مسئلي جي صحيح حل تي آهي. اِنهيءَ مسئلي کي جيڪڏهن اسان نظرانداز ڪيو يا رڳو اٽڪل بازيءَ سان عوام کي ان ۾ ٺڳڻ جي ڪوشش ڪئيسون، تہ پوءِ پلي لک ڀيرا پيا ”جيئي سنڌ!“ جا نعرا هڻون، پر اُن مان ڪڙتيل ڪوبہ ڪونہ نڪرندو. جڏهن سچ نيزي پاند بيهندو، تڏهن سڏ ڏيڻ وارو بہ ڪو ڪونہ هوندو. هن مسئلي جو حل ڪنهن هڪڙي جي ڏاهپ سان نہ، پر اسان جي سڄيءَ قوم جي گڏيل ڏاهپ سان ٿيندو.

[”تحريڪ“، مارچ 1973ع]

# صحيح قومي ٻڌيءَ لاءِ جدوجهد ڪريو

سنڌ ڪي سدائين ڪي نه ڪي آفتون ڇهٽيون پيون هونديون آهن. پر جهڙيءَ طرح اڄ اها واڳن جي وات آهي، تهڙيءَ طرح اُها اڳ ڪڏهن به ڪانه هئي.
دشمنن وٽ حڪومت جي مشينري آهي، ڏنڊو آهي، دولت آهي، چالاڪ ۽ عيار دماغ آهن، رهزن ۽ قاتل ذهنيت آهي، قسمين قسمين تنظيمي جار آهن، فريبي من موهيندڙ نعرا آهن، هزار سالن جي بدمعاشيءَ جو تجربو آهي، عزم آهي ته اتحاد به آهي، سياسي ۽ فوجي جنگ جو وسيع تجربو آهي، قومي ۽ بين الاقوامي مددون، لاڳاپا ۽ مٿيون مائٽيون آهن. اُن جي مقابلي ۾ اسين اٻوجهه ۽ اڻڄاڻ آهيون، ننڍڙي دل ۽ ننڍي دماغ وارا آهيون، اسان ڪي پنهنجي بچاءَ ڪرڻ جو نه تجربو آهي، نه وسيلا آهن، نه صحيح وات آهي.
اِن صورتحال ڪي بدلائڻ لاءِ اسان وٽ فقط هڪڙو هٿيار ٿي سگهي ٿو، اُهو هٿيار آهي ٻڌي.
اسان ڪي پنجن قسمن جي ٻڌيءَ جي ضرورت آهي. 1 ـ هڪڙي مقصد ۽ هڪڙيءَ منزل جي ٻڌي. 2 ـ ان منزل ۽ مقصد لاءِ صحيح وات جي ٻڌي. 3 ـ اڳتي وڌڻ جي صحيح طريقن جي ٻڌي. 4 ـ تنظيم جي ٻڌي. 5 ـ عملي جدوجهد جي ٻڌي.

## 1 ـ هڪڙي مقصد ۽ هڪڙيءَ منزل جي ٻڌي

اسان جي قوم، منزل ۽ مقصد جي خيال ڪان، ڪيترن ڇڙوڇڙ ۽ پاڻ ۾ وڙهندڙ ننڍڙن ننڍڙن ٽولن ۾ ورهايل آهي. اسان مان ڪن جي سڄي منزل ۽ سڄو مقصد نوڪرين وٺڻ تائين وڃيو ڇيهه ڪري. نوڪرين وٺڻ ڪان پوءِ اسان جا اهي ماڻهو چون ٿا ته ”هاڻي جدوجهد جو دنگ ٿي ويو، هاڻي وڃي پنهنجي گهرگهات جي ڪجي.“ ڪن جو منزل مقصود اليڪشن وڙهي، ميمبر ۽ وزير ٿيڻ آهي. ٻين ڪي سورهن ايڪڙن تان ڏل جي معافي کپي، ٽين ڪي ريڊيو تان سنڌي پروگرام کپن. چوٿن ڪي جلسا ۽ جلوس ڪرڻ ۽ رعب وارا نعرا هڻي، واهه واهه ڪرائڻ جي لذت کپي. مطلب ته هر ٽولي جي منزل مراد تمام ننڍڙي ۽ الڳ الڳ آهي. رسمي طرح اسان سڀ ”جيئي سنڌ!“ جا نعرا هڻون ٿا، پر هر ٽولي جو مقصد ۽ مطلب پنهنجو آهي. سڄيءَ قوم جي منزل ۽ مقصد جي ٻڌي

تڏهن ٿيندي، جڏهن انهن ڌار ڌار ننڍڙين ٽولين جي مقصدن ۽ مطلبن کي گڏ ڪري، پاڻ ۾ پيٽي، چندي چاڙي، مطلبن ۽ مقصدن جو اهڙو گڏيل مجموعو ناهيو وڃي، جنهن ۾ سڀني ڌار ڌار ٽولن جا مطلب ۽ مرادون سمائجي وڃن. هر ٽولو پنهنجي مطلب جي گهر به ڪري ۽ ساڳئي وقت يڪن گڏيل مقصدن ۽ مرادن جي مجموعي يعني گڏيل قومي گهرن لاءِ به وڙهي. سڀ سنڌي ٽولا گڏجي سڏجي، هڪڙي سنڌي ٽولي جي گهُرن توڙي سمورن ٽولن جي گڏيل گهُرن جي پنيرائي ڪن. مثلاً نوڪرين جي گهُر اهو ٽولو به ڪري، جنهن کي نوڪرين جو مسئلو درپيش آهي، پر ساڳئي وقت اهي سڀ ٽولا به ڪن، جن کي اهو مسئلو درپيش ناهي پر پنهنجا مسئلا درپيش اٿن. نه رڳو شاگرد، پر ڪڙمي، ڪوري، لوهار، واڍا، موچي، واپاري، آبادگار ۽ وطن سان همدردي رکندڙ زميندار به اها گهُر ڪن ته "سنڌين کي نوڪرين جا حق ڏيو!" ساڳئي وقت، شاگردن جو به فرض آهي ته رڳو داخلائن ونڻ، فين گهٽائڻ جي گهر نه ڪن، پر ان سان گڏ ڪڙمين، ڪورين، موچين، مزدورن، واپارين، آبادگارن ۽ وطن سان همدردي رکندڙ زميندارن جي گهُرن جي به تائيد ڪن ۽ انهن گهُرن واريءَ جدوجهد ۾ شريڪ ٿين. سڄيءَ قوم جي گڏيل گهُرن کي اسين قومي جدوجهد جا اقتصادي، سياسي ۽ ثقافتي مقصد يا ٽورن لفظن ۾ قومي مقصد سڏي سگهون ٿا. انهن قومي مقصدن کي اسين ٻن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا. هڪڙا فوري مقصد، جيڪي موجوده حالتن ۾ اسين پنهنجي موجوده وسيلن سان حاصل ڪري سگهون: ٻيا اهي آئيندي جا مقصد، جن کي اسين اڄ حاصل ڪري نٿا سگهون پر سياڻي ڪري سگهنداسين. اهي ايندڙ مقصد به تڏهن حاصل ٿي سگهندا، جڏهن اسان قوم کي اڄ ۽ هينئر کان ئي انهن کان واقف ڪريون ۽ انهن لاءِ هينئر ئي ذهني ۽ ٻئي قسم جي تياري ڪري، ايندڙ جدوجهد لاءِ رستا ۽ ميدان تيار ڪريون.

## 2 ـ قومي منزل ۽ مقصد تي پهچڻ لاءِ صحيح واٽ جي ڳولا

قومي منزل ۽ مقصد کي طئه ڪرڻ کان پوءِ ٻيو بنيادي مسئلو اهو آهي ته اها واٽ ڳولي لهجي، جيڪا اسان کي انهيءَ قومي منزل تائين پهچائي سگهي. اسان جي قوم ۾ هونئن ته گهڻائي ٽولا آهن، پر هن مضمون جي مقصد لاءِ اسين سنڌي قوم کي پنجن مکيه ٽولن ۾ ورهائينداسون: 1 ـ هاري، 2 ـ مزور، 3 ـ وڏو زميندار، 4 ـ سرمائيدار ۽ مٿيون وچون طبقو ۽ 5 ـ ننڍو وچون طبقو جنهن ۾ آبادگار، نوڪرين وارا ماڻهو، ڪاريگر ۽ ننڍا واپاري اچي وڃن ٿا.

سوال آهي تہ قومي جدوجهد ۾ انهن پنجن ٽولن مان هرهڪ ٽولي مان ڪهڙي اميد ۽ ڪهڙو آسرو رکجي؟ انهن مان ڪهڙا ٽولا پڇاڙيءَ تائين جدوجهد ڪندا ۽ ڪهڙا دشمن تي بيهندا. ڪهڙا ڪجهہ وقت هلندا ۽ پنهنجو مطلب پورو ڪري يا حالتون ڏکيون ڏسي، اڌ مان گوهي ڏيئي، پٺي ويندا، يا تہ مرڳو وڃي دشمن سان ملندا؟ ٻيو سوال آهي تہ جيڪي ماڻهو قومي جدوجهد جي آخري منزل تائين پهچڻ چاهين ٿا، انهن کي انهن ٽولن يا طبقن مان هرهڪ ٽولي يا طبقي سان ڪهڙي روش ونڻ کپي ۽ ساڻن ڪهڙي هلت هلڻ کپي. ٽيون سوال اهو آهي تہ سنڌ جي قومي جدوجهد جي آخري منزل تائين هلڻ وارن کي پاڪستان جي ڌار ڌار غيرسنڌي قومن، طبقن ۽ ٽولن مان ڪهڙو آسرو، اميد يا انديشو رکڻ کپي. انهن سان اسان جو ڪهڙو رويو ۽ هلت هئڻ کپي. چوٿون سوال اهو آهي تہ جيڪي قومون، طبقا ۽ ٽولا سنڌي قوم جا بدخواهہ آهن، اُهي سيئي پاڻ ۾ ڪيترين ئي ڳالهين ۾ هم خيال بہ آهن، پر پاڻ ۾ بنيادي ٽڪر ۽ مقابلا بہ اٿن. جيئن دشمن اسان جي مختلف ٽولن جي اندر ويڇن ۽ مقابلن کي استعمال ڪري، اسان کي پاڻ ۾ ويڙهائي، پنهنجا مقصد حاصل ڪن ٿا، تيئن اسين بہ سندن اندروني ڦيٽارن جو پنهنجي قومي مقصدن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ فائدو وٺي سگهون ٿا. تہ اُن لاءِ ڪهڙا طريقا، رستا، پاليسيون ۽ سياسي چالون استعمال ڪريون؟ پنجون سوال آهي تہ اسان جي قوم جي مختلف طبقن ۽ ٽولن جا مقصد هڪٻئي جي ابتڙ بہ آهن، تہ ساڳيا هڪجهڙا بہ آهن. هيستائين دشمن جي چالاڪيءَ، اسان جي اڻ ڄاڻائيءَ ۽ اسان جي غدار ٽولن جي غداريءَ سبب، سنڌي قوم جو سڄو زور انهن معاملن تي صرف ٿيندو رهيو آهي، جن معاملن بابت اسان ۾ ناناهہ ۽ ڦيٽارو آهي. ڇا اسين ناناهہ ۽ ڦيٽاري وارين ڳالهين کي صفا وساري يا پاسيرو رکي، قومي ٻڌي ناهڻ جي ڪوشش ڪنداسين، تہ ڪامياب ٿينداسين؟ جي نہ، تہ ڪو اهڙو رستو آهي ڇا، جو اسين انهن ڦيٽارن کي ايترين حدن اندر رکون، جو اهي قومي ٻڌيءَ کي وڌڻ ويجهڻ کان روڪي نہ سگهن! ڇا ائين نٿو ٿي سگهي تہ اسين ڪن ڏڦيڙ ۽ ناسوري غدار ٽولن کي پائيچاري جي پٽ مان ڪڍي ڇڏيون ۽ باقي ٻيا سڀ ٽولا ۽ طبقا پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري، سڀ گڏجي، دشمن تورڙي انهن ڏڦيڙن سان وڙهڻ لاءِ پنهنجن اندروني اختلافن کي ضابطي اندر رکون، ۽ ڪنهن بہ ڏر کي ليڪو لنگهڻ نہ ڏيون؟ اهي ۽ ٻيا واسطيدار مسئلا جيڪڏهن اسان حل ڪري سگهياسون، تہ پوءِ ڇئبو تہ اسان قومي جدوجهد جي صحيح واٽ ڳولي لهڻ ۾ ڪامياب ويا آهيون.

## 3 ـ اڳتي وڌڻ جي صحيح طريقن جي ڳڌي

جدوجهد جي واٽ ۽ ان جون پاليسيون ڪٽي ڪهڙيون به صحيح هجن، پر جيڪڏهن جدوجهد جو طريقو صحيح نه آهي، ته صحيح مقصد ۽ صحيح واٽ جي هوندي به، جدوجهد اڳتي وڌي نه سگهندي. اڄ سنڌ جي ماڻهن جا قومي جدوجهد بابت ڌار ڌار ۽ ابتڙ خيال آهن. ڪن جو سڄو زور آهي اخباري بيانن تي ۽ جلسن جلوسن تي. ڪي چون ٿا ته اهي سڀ ڳالهيون بيڪار آهن، ”مڙس ته ڦڏو نه ته جڏو“، ”ڏنڊا ڪٽي ملڪ ۾ ڪاهي پئو.“ ڪن جو مرڳو خيال آهي ته ”پاڪستان آيو پيو آهي، اجايو پاڻ کي هلاڪ ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. رڳو وينا ڏسو ته هندستان، چين يا روس ڪيئن نه ٿا سيني جي ٿڪ مان وڙ لاهين.“ مطلب ته هر ماڻهوءَ ۽ هر ٽولي کي جدوجهد جو ڌار ڌار ڍنگ ۽ طريقو صحيح نظر اچي ٿو. سوال آهي ته اسان جي موجوده حالتن کي ڏسندي ۽ دنيا جي موجوده دور کي خيال ۾ رکندي، جدوجهد جا ڪهڙا ڍنگ صحيح ۽ ڪارگر آهن. جڏهن سڄيءَ قوم جا وطن دوست ۽ وفادار ٽولا پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري، جدوجهد جي صحيح طريقن بابت پاڻ ۾ متفق ٿيندا، تڏهن چئبو ته اسان ۾ جدوجهد جي طريقن بابت قومي ٻڌي پيدا ٿي ويئي آهي. اُن ۾ انهيءَ ڳالهه جو به خيال رکڻو پوندو ته جدوجهد جا جيڪي طريقا ڪالهه موزون هئا، سي ممڪن آهي ته اڄ ناموزون هجن يا جيڪي ڪالهه ناموزون هئا، سي اڄ موزون نظر اچن. ساڳيءَ طرح جدوجهد جي اچوڪي ڏاڪي تي جيڪي طريقا اڄ موزون آهن، سي سڀاڻي ناموزون ثابت ٿي پون. تنهن ڪان سواءِ اهو ضروري ناهي ته جدوجهد جي هڪڙيءَ اسٽيج تي فقط هڪڙو ئي طريقو استعمال ڪيو وڃي. ساڳئي وقت تي، ڌار ڌار حالتن ۾، ڌار ڌار طريقا هڪٻئي سان گڏ نهڪائي، استعمال ڪري سگهجن ٿا ۽ ڪرڻ کپن.

## 4 ـ تنظيم جي ٻڌي

چوٿون بنيادي مسئلو تنظيمي ٻڌيءَ جو آهي. قوم پلي مقصدن تي متفق هجي، ان تائين پهچڻ جي صحيح واٽ به ڳولي لهي چڪي هجي، جدوجهد جا صحيح طريقا به مقرر ڪري چڪي هجي، پر انهيءَ هوندي به جيڪڏهن ان وٽ ڪا اهڙي تنظيم ناهي، جيڪا ان جدوجهد جي رٿابندي ڪري، مختلف قوتن کي گڏي سندن رهبري ڪري، ڪين منظم نموني ۽ ڊسيپلن سان مختلف ميدانن ۾ لڙڻ لاءِ تيار ڪري، ته پوءِ سڄي ڪمائي ڪٽ ٿي ويندي. انقلابي وطن دوست تنظيم ڪان سواءِ ڪابه انقلابي وطن دوست

جدوجهد هلي ۽ ڪامياب ٿئي، سو ائين ناممڪن آهي جيئن ڪنهن فوج جو ڪمانڊرن ۽ سپهه سالارن ڪان سواءِ جنگ ڪٽي سگهڻ. اسان جي قوم هن وقت ڇڙوڇڙ ماڻهن ۽ ٽولن ۾ ورهايل آهي. ڪي نالي ماتر جلسا جلوس ۽ اخباري بيان ڏيندڙ فرد ۽ تنظيمون به آهن، پر اُها داناءُ، دورانديش، منظم، انقلابي ۽ عوامي تنظيم ناهي، جا قوم کي تيار ڪري، سندن ڪمان ڪري ۽ ڪيس لڪن، لانگهن مان اڪاري پار ڪري. جيڪڏهن اسان اهڙي تنظيم ناهڻ ۽ وڌائڻ ۾ ڪامياب وياسون، ته چئبو ته اسان قومي ٻڌيءَ جو چوٿون شرط، يعني تنظيمي ٻڌي، پورو ڪيو. اُن تنظيم جو بنياد قوم جي ڪهڙن طبقن تي هجي، ان ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ڪهڙيون لياقتون ۽ شرط هجن؟ اُن جي ڪم جو ڍنگ ڪهڙو هجي؟ اُن جي اڳواٽي ڪهڙو طبقو ڪري؟ اِهي سڀ فيصلي طلب سوال آهن.

## 5 ـ عملي جدوجهد جي ٻڌي

مٿين چئن ئي قسمن جي ٻڌيءَ ڪان پوءِ سوال آهي عملي جدوجهد جي ٻڌيءَ جو. اسان جا مختلف محب وطن ٽولا مختلف ميدانن تي مختلف طريقن سان پنهنجي حال سارو جدوجهد ڪري رهيا آهن. انهن جي وچ ۾ ڪوبه لاڳاپو ڪونهي. جيڪڏهن شاگرد هڙتالون ڪن ٿا يا سنڌ دشمن قوتن سان ٽڪر ڪائين ٿا، ته ماستر، هاري، مزدور ۽ واپاري پنهنجي گهر وينا آهن. وري جي ماستر، هاري يا مزدور ڪو قدم کڻن ٿا، ته شاگرد، واپاري ۽ آبادگار چپ آهن. عملي جدوجهد جي ٻڌي تڏهن چئبي، جڏهن هڪڙي ٽولي جي جدوجهد جو سڄي سنڌ جي هڪڙيءَ ڪنڊ ڪان ٻيءَ ڪنڊ تائين، ڪينجهر ڪان ڪارونجهر تائين، ڪنڌڪوٽ ڪان ڪيٽي بندر تائين، پڙاڏا ڪرڻ لڳي.

## ٻڌيءَ بابت مطالعو، غور، فڪر ۽ صلاح مصلحت ڪريو.

انهن مان هرهڪ ٻڌيءَ جا پنهنجا مسئلا آهن. انهن تي غور ڪرڻ کپي، صلاح مصلحت ڪرڻ کپي. دنيا جي ٻين مظلوم ۽ مجاهد قومن جي جدوجهد مان سبق حاصل ڪرڻ کپي. اُنهن کي پنهنجي ماحول ۽ حالتن مطابق گهڙي سنواري، پنهنجي ڪم لائق بنائڻ کپي. انهن ۾ پنهنجي طرفان بااصول ايجادون ۽ واڌارا ڪرڻ کپن. اسان جي قومي جدوجهد جو صحيح بنياد فقط تڏهن پوندو، جڏهن اسان جي سڄيءَ قوم جا عوام ۽ ڏاها ماڻهو انهن مسئلن جي اهميت سمجهندا ۽ انهن جو حل ڳولي لهندا.

[”تحريڪ“، اپريل 1973ع]

# قومي جدوجهد جو وڏيرڪو نظريو

## چار نظريا، چار واٽون

سنڌ ۾ قومي جدوجهد جا چار نظريا، چار واٽون ۽ چار طريقا موجود آهن:
1 ـ قومي جدوجهد جو وڏيرڪو نظريو.
2 ـ قومي جدوجهد جو سنڌي وچين طبقي وارو نظريو.
3 ـ قومي جدوجهد جو ڪٽر قوم پرست پناهگير پنجابي وچين طبقي طرفان سنڌين کي سيڪاريل نظريو يا نقلي ترقي پسند نظريو.
4 ـ قومي جدوجهد جو انقلابي وطن دوست نظريو.

## ڪسوٽيون

ڪنهن طبقي جو قومي جدوجهد بابت ڪهڙيو نظريو آهي، تنهن جي خبر هيٺين ڳالهين مان پوندي:
(الف) هو قومي جدوجهد ڪهڙي مقصد لاءِ ڪري ٿو. (ب) هو اُن جدوجهد جو مکيه دارومدار ڪهڙي طبقي يا طبقن تي رکي ٿو ۽ اُن جي اڳواٽي ڪهڙي طبقي کي ڏيڻ گهري ٿو. (ت) اُن جدوجهد جو نشانو ڪهڙين دشمن قوتن کي بنائي ٿو. (ج) اُن جدوجهد ۾ ڪهڙا طبقا يا ٽولا ساٿي ڪري ڪٽي ٿو. (ح) اُن جدوجهد ۾ ڪهڙن طبقن يا ٽولن کي دشمن ڪان ٽوڙي، پاڻ سان شامل ڪري ٿو يا ڪين غير جانبدار بنائڻ گهري ٿو. (خ) اُن جدوجهد لاءِ هو ڪهڙي قسم جي تنظيم ناهي ٿو. ( د ) اُن جدوجهد جي مختلف ڏاڪن تي جدوجهد جا هو ڪهڙا طريقا اختيار ڪري ٿو.
اسين هن پيري قومي جدوجهد جي وڏيرڪي نظريي، واٽ ۽ طريقن جي چنڊ ڇاڻ ڪنداسون.

## مقصد

وڏيرو طبقو قومي جدوجهد جو مقصد اهو ٻڌائيندو آهي ته پنهنجي مظلوم قوم کي ڏارين ظالمن کان ڇوٽڪارو ڏياري، ڪيس هڪ خوشحال، طاقتور ۽ عظيم قوم بنائجي. پر جيئن ته وڏيرو طبقو پاڻ خود قوم جو چور ۽ قوم جو دشمن آهي، قوم جا

گذر جا وسيلا ڦٻايو وينو آهي ۽ قوم جي ماڻهن کي ڦريو ماريو، ڌڙاتيو، غلام بنايو وينو آهي، تنهنڪري هو قوم جي ماڻهن کي ڌڪاري ٿو ۽ ڪانئن ڊڄي ٿو. ساڳيءَ طرح ماڻهو بہ کيس ڌڪارين ٿا ۽ ڪانئس ڊڄن ٿا. ڇاڪاڻ جو اهي سنڌ جا طبقاتي فطرت قوم دشمن آهي. ماڻهن جو ڇوٽڪارو، آزادي ۽ طاقت وڏيري طبقي جي واسطي موت جو پيغام آهي. اُن ڪري هو ڪڏهن بہ نٿو چاهي تہ سنڌ جا ماڻهو سچ پچ هر قسم جي غلاميءَ کان مڪمل طرح ڇوٽڪارو حاصل ڪن، پاڻ پراءِ سڪيا ستابا ۽ آزاد ٿين. هو درحقيقت ٽي ڳالهيون چاهي ٿو : (1) سنڌس قوم جا ماڻهو زور نہ وٺن ۽ سنڌس غلاميءَ مان آزاد نہ ٿين. (2) غير قوم جا ماڻهو کيس نہ ستائين ۽ سنڌس لئي گهٽ نہ ڪن. (3) سنڌس قوم جي ماڻهن کي ڦرڻ، مارڻ ۽ غلام رکڻ جو موقعو ۽ اختيار کيس ئي حاصل هجي ۽ ٻيو ڪو بہ ڌاريون اُن ڦرمار ۽ طاقت جا ٽڪرَ ڪانئس نہ کسي وٺي، ٽي سگهي تہ ڪانئس کو حصو پتي بہ نہ ڦري. اِنڪري جنهن جدوجهد کي هو قومي جدوجهد سڏي ٿو، سا درحقيقت سنڌس پنهنجي طبقاتي جدوجهد آهي، جنهن جي وسيلي هو پنهنجي قوم کي ڦرڻ جي هڪ هٽي پاڻ حاصل ڪرڻ گهري ٿو. اِها آهي سنڌس جدوجهد جي آخري منزل.

## وڏيرڪي قومي جدوجهد جي واٽ

ڪيس خبر آهي تہ پنهنجي قوم ۽ ڌارين سان هو ساڳئي وقت وڙهي نٿو سگهي. تنهنڪري هو پنهنجي جدوجهد کي ٽيڻ منزلن ۾ ورهائي ٿو:

(1) جڏهن ڌاريون دشمن زور ٿيو وڃي ۽ سنڌس قوم ڪمزور ٿيو پوي، تہ هو يڪدم دشمن اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري، ٽپ ڏيئي، وڃي دشمن جي پيرن ۾ ڪري ٿو. هو جلد ئي قومي دشمن کي ريجهائي، کيس پنهنجي وفاداريءَ جو يقين ڏياري، دشمن جي شڪاري ڪتي جي پوزيشن حاصل ڪري ٿو. اُن جي ٻَچ تي پچ لٽڪائي، پنهنجي قوم کي ڏاڙهي، سنڌس ٻُوٽ ڪڍي، پنهنجي مالڪن کي ڪارائي ٿو ۽ پاڻ بہ هڏا ۽ پاروٽا ٽڪر ڪائي، مچي مواڙ ٿيو پوي. جڏهن ڌارين جي ستايل مظلوم قوم آخر پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪڍي ٿي ۽ پنهنجي ڇوٽڪاري لاءِ پاڻ پتوڙي ٿي، تڏهن کيس اچيو اِهو ڊپ ڪڍي تہ متان سنڌس قوم سچ پچ آزاد نہ ٿي وڃي! تنهنڪري هو دشمن کان بہ بہ وڪون اڳتي وڌي، قومي جدوجهد تي وار ڪري ٿو ۽ پنهنجي مالڪن کي خوش ڪرڻ ۽ ڪانئن انعام وٺڻ ۾ ڪُتو نٿو پڇي. اُن وقت هو ڏسڻ ۾ تمام طاقتور هوندو آهي، پر حقيقت ۾

ڪمزور هوندو آهي، جو تہ سچي قوم سندس غدار ڪردار کي اگهاڙي روپ ۾ ڏسي، سندس اصليت کي سڃاڻندي پيئي آهي.

انگريزي دور کان ون يونٽ جي دور تائين، سنڌ جي وڏيرن جو اِهو ئي ڪردار ۽ اهو ئي روپ رهيو آهي.

(2) پر جڏهن آخر هو ڏسندو آهي تہ ائين ڪم نہ هلندو، قومي جدوجهد متان زور وٺي ۽ هو متان هتان بہ وڃي ۽ هُتان بہ وڃي، تڏهن هو پنهنجي پاليسي بدلائي ٿو ۽ 'ساڌن سان سنمک، پئنچن سان پورو' وارو پارٽ ادا ڪري ٿو. هو قومي جدوجهد سان ڳجهہ ڳوهہ ۾ همدرديءَ جو اظهار ڪري ٿو ۽ چوي ٿو: "ادا آهي تہ ظلم، پر ڇا ڪريون؟ حرامين سان ڪڇون ٿا تہ مرون ٿا. پنهنجن ۾ حال ڪونهي، نہ تہ بدمعاشن کي ٺيڪ ڪري ڇڏيون. دل تہ گهڻو ئي ٿي جلي، پر بيوس آهيون." پر اندر ئي اندر ۾ هو دشمن سان مليل رهندو آهي ۽ ڪيس هر وقت فقط اهو ڊپ هوندو آهي تہ متان سندس قوم سچ پچ ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿِي وڃي ۽ ڪيس ٽيڙ نہ گول ڪرائي ڇڏي. ون يونٽ جي پڇاڙيءَ واري دور ۾ سنڌي وڏيرن ٿلهي ليکي اِهو ڪردار ادا ڪيو ۽ اِهو روپ اختيار ڪيو.

(3) جڏهن ڌاريون دشمن ڪمزور ٿئي ٿو ۽ سندس پنهنجي قوم زور وٺيو وڃي، تڏهن ڪيس ڏڪڻي وٺيو وڃي، ۽ هو چوغو بدلايو، هڪدم ڊوڙيو، پنهنجي قوم ڏانهن وڃي. 'ٻلي ست ڪئا کائي، حج هلي' وانگر توبهہ تائب ٿيڻ جو ڍونگ ڪري، ڀالو پولو بنجي، قومي جدوجهد جي پوئين صفن ۾ اشراف ٿيو وڃيو ويهو رهي. اُن وقت هو ڏسڻ ۾ تمام هيٺو، بيواهہ ۽ نڌڻڪو هوندو آهي، پر حقيقت ۾ هو اُن وقت سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ ٿي پوندو آهي. جو تہ هو هاڻ اگهاڙو غدار ڏسڻ ۾ نہ ايندو آهي. ڪيس وطن جي همدرد جو چوغو پهريل هوندو آهي. سندس اکين تي مانگرمڇ وارا پڇتاءَ جا ڳوڙها هوندا آهن. قوم جي غم ۾ ٿڌا شوڪارا پيو پريندو آهي. ماڻهو سندس باري ۾ سوچيندا آهن تہ "جيڪو ڀُلي ڀُلي پاڻ اچي، سو ڀليل نہ چئجي." اُن روپ ۾، ويساهہ وسوڙيل ۽ اٻوجهہ عوام کي اکين ۾ سرمو پائي، هو آهستي آهستي اڳ لکي نموني قومي جدوجهد جي اڳواڻيءَ جي مرڪز ڏانهن گسڪڻ ۽ رڙهڻ شروع ڪري ٿو، ۽ اٽڪل ۽ حرفت بازيءَ سان پهرينءَ صف ۾ جاءِ والارڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو، ۽ اتان ويهي قومي جدوجهد خلاف سازشون ڪري ٿو. ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ سنڌي وڏيرن اِهو روپ اختيار ڪيو.

(4) جڏهن قومي جدوجهد صفا زور وٺيو وڃي ۽ اُن کي روڪڻ ۽ ناڪام بنائڻ جو ٻيو ڪوبہ رستو نظر نٿو اچي، تڏهن هو هڪدم جوڻ بدلائي، قوم جو وڏو زهر پياڪ ۽

سرويچ سورمو طبقو بنجيو پوي. پنهنجي طبقاتي بڌي، دولت، طاقت، تجربي ۽ حرفت، مڪر ۽ منافقيءَ سان قوم جي حقيقي مجاهد پورهيت طبقن کي بيوقوف بنائي، ويڙهائي، ٽڪر ٽڪر ڪري، پاڻ ان جي ڪنڌ تي سوار ٿيو وڃي. اهڙيءَ طرح قومي جدوجهد جي اڳواڻيءَ تي قبضو ڪري، هو دشمن سان ساز باز ڪري ٿو. ان سان جنگ بند ڪري، ناهه ڪري ٿو، ۽ ان جي مدد سان قومي جدوجهد جي قافلي کي گس تان پلائي ۽ روڪي، قافلي کي ان واٽ تان هلائي ٿو، جنهن واٽ تي هلي، قوم اڳي وانگر سندس غلام بنجيو پوي. دشمن به 'هارئي ڪان پيتو پلو' وانگر ساڻس ناهه ڪري ٿو. گذريل چوندن ڪان پوءِ سنڌي وڏيرا شاهيءَ جو ڪردار ۽ روپ اهو ئي پئي رهيو آهي.

وڏيرڪي جدوجهد جا مخالف نشان هي ٻه آهن:

1 ـ سنڌس پنهنجي قوم. 2 ـ سنڌس ڌاريان رقيب.

## وڏيرڪي قومي جدوجهد جي حڪمت عملي

هو قومي جدوجهد کي پنهنجي طبقاتي مفادن جو توڙهو ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏي ٿو، ۽ قومي قوتن کي سندن پنهنجيءَ مرضيءَ ۽ پهچ آهر اڳتي وڌڻ نٿو ڇڏي. هو ڌارئين دشمن سان فقط مٺاڄري ويڙهه ڪري ٿو ۽ توڙ نٿو ڪري. هو اهڙو ڏنگ ۽ ڇيهه ڪري نٿو وڙهي، جو سندس ڌاريون رقيب مرڳو صفا ختم ٿي وڃي ۽ سندس اصل جاني دشمن يعني سندس قوم جا عوام اهڙو زور وٺي وڃن، جو مرڳو سندس غلاميءَ جو ڳٽ ئي هٽي پيجي پورا ڪري رکن. اِن ڪري هو ڌارئين رقيب تي ڀرپور وار ڪرڻ نٿو ڏئي.

## وڏيرڪي قومي جدوجهد جو دارومدار

وڏيرڪي قومي جدوجهد جو دارومدار وچين طبقي تي هوندو آهي. اُن جدوجهد جي اڳواڻي وڏيرو طبقو پاڻ ڪندو آهي.

## وڏيرڪي قومي جدوجهد جا ساٿي

وڏيرڪي قومي جدوجهد ۾ وڏيرو طبقو ڇوٽي وچين طبقي يعني پڙهيلن، ڪاريگرن، آبادگارن، چونڊو وڏيرن وغيره کي پنهنجو ڇوٽو پائيوار ڪري ڪٽندو آهي.

## عوام وچان ماڻهو ۽ ٽولا ٽوڙڻ

صدين جي غلاميءَ سبب عام طرح پورهيت عوام اهڙا هوشيار ۽ چالاڪ نتا ٿين. منجهن ايتري ٻڌي ڪانہ هوندي آهي. منجهن ڏارئين دشمن ۽ اندروني دشمن يعني وڏيري طبقي جا ڦهلايل رجعت پرست ۽ عوام دشمن خيال گهر ڪري ويٺا هوندا آهن. سندن پاڻ ۾ ڪيترا تڪرار ۽ ٽڪر هوندا آهن. وڏيرو طبقو پنهنجي ساٿي وچين طبقي ۽ ڇوٽي وچين طبقي مان پرتي ڪيل ڪمدارن ۽ دلالن جي واهر سان، انهن حالتن جو مڪمل فائدو وني، عوام جي قوت وڙائيندو ۽ وڏيڪ اُونهي ڪندو آهي ۽ سندن سمجھ ڪي مڏو ڪندو آهي. اُن ڪان سواءِ، هو سڀ ڪان پهرين عوام جي سڄاڳ ۽ اڳتي وڌيل مجاهد ٽولن کي مختلف بهانن سان عوام ڪان ڪاٽي، اڪيلو ڪري، ڪچلي ڇڏيندو آهي. ان ڪان پوءِ جڏهن عوام پنهنجي سڄاڳ اڳواڻ دوستن جي اڳواٽي ڪان محروم ٿي، بي يار و مددگار ٿي ويندو آهي، تڏهن هو ڪين دٻائي، ماري پنهنجي پيرن جي خاڪ ڪندو آهي ۽ ڪين بنا ڪٽڪي ڦريندو لٽيندو رهندو آهي.

## وڏيرڪي جدوجهد جي تنظيمي پاليسي

وڏيري طبقي جي تنظيمي پاليسي بہ سندس مقصد وانگر ٻچاپڙي هوندي آهي. هو ٻن قسمن جون تنظيمون قائم ڪندو آهي ـــ هڪڙي اصلي، ٻي نمائشي ۽ نقلي. سندس اصلي تنظيم اُها وڏيرڪي ڳجهي تنظيم آهي، جا صدين ڪان هلندي اچي. اُن ۾ فقط وڏيرا شامل هوندا آهن. شادين مرادين، مرڻ پرڻ تي انهن جون ميٽنگون ٿينديون رهنديون آهن. سڀ فيصلا اوطاقن اندر، بند ڪمرن ۾، ڳجهي نموني ٿيندا آهن، جن جي ٻاهر ٻاڦ بہ ڪانہ نڪرندي آهي. ٻي تنظيم ظاهري ۽ نمائشي هوندي آهي. اِن جو مقصد عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي، وڏيرن کي اليڪشن ذريعي اقتدار جي ڪرسيءَ تي پهچائڻو هوندو آهي. اُنهن نقلي ۽ نمائشي جماعتن جا نالا بدلبا رهندا آهن. ڪڏهن اُنهن کي مسلم ليگ جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، تہ ڪڏهن وري ريپبليڪن پارٽي وغيره. پارٽين جو مالڪ ساڳيو طبقو هوندو آهي، فقط ليبل بدلبا رهندا آهن. اُهي تنظيمون ڪاغذي ۽ کوکليون هونديون آهن. ماڻهو پائيندا آهن تہ اُها انهن تنظيمن جي ڪمزوري ۽ مجبوري آهي. پر حقيقت ۾ اِئين ناهي. انهن کي ڄاڻي واڻي کوکلو رکيو ويندو آهي، تہ جيئن انهن تي عوام جو قبضو مضبوط نہ رهي ۽ اهي وڏيري طبقي جي هٿ مان نڪري نہ وڃن. وڏيرڪيءَ تنظيم ۾ جماعت ڪجھ بہ نہ هوندي آهي، فقط وڏيرو قومي

ليڊر سيڪجھ هوندو آهي. هو اِهو بندوبست اِنهيءَ لاءِ رکندا آهن تہ وقت اچي تہ اُن عظيم اڳواڻ جي نالي ۾ جماعت کي جهڙي نموني وٽي اُهڙي نموني کٽب آٽي سگهجي. عين وقت تي، جماعت ۽ عظيم اڳواڻ جي نالي ۾، قوم ۽ قومي ڪارڪنن جا تختا بہ ڪيڏي سگهجن. اليڪشن تائين انهن پارٽين ۾ وچين ۽ هينئين وچين طبقي مان ڪيترا قلم باز، بيان باز ۽ چاڙي باز ماڻهو پرتي ڪري ڏيکاءَ لاءِ اهم عهديدار بنائي رکيا ويندا آهن. پر سندن حقيقي ڪم پٺن ۽ مڱڻهارن وانگر وڏيرن جي شان ۾ قصيدا ۽ مداحون پڙهڻ ۽ مخالفن کي گاريون ڏيڻ هوندو آهي. اليڪشن تائين کين ٽيگرون ڏيئي، خوب ڪارائي پياري ۽ پٺ ٺپري، لئي ۾ رکيو ويندو آهي. وڏيرا ميسٽا ٽيو سندن پنيان پنيان هلندا آهن. وچين طبقي جا پٺ ۽ مڱڻهار قوندڀ ۾ پرجي هلندا آهن ۽ سمجهندا آهن تہ لهي ايري ئي اسان تي پيو. اليڪشن کان پوءِ، وڏيرا ڦري، قوم جا چونڊيل عيوضي ۽ پارٽي اڳواڻ تي پوندا آهن، ۽ سندن وڏيرڪي حڪومت ڦري، عوام جي حڪومت تي پوندي آهي. وچولي طبقي جا قلم باز ۽ چاڙي باز سورما عادت موجب ڪجھ پوز هٽندا آهن. پر جلد ئي کين ذهن نشين ڪرايو ويندو آهي تہ ”هاٽي وڏيرا پاڻ سرڪار تي چڪا آهن، هاٽي کين پٺن ۽ مڱڻهارن جي ضرورت ڪانهي. سيڪو ڪڪ پن تي وجي، نہ تہ پارٽيءَ جو غدار ۽ عوام جو دشمن تي پوندو، ۽ بچڙو ٿيندو!“

## وڏيرڪي جدوجهد جا طريقا

وڏيرڪي جدوجهد جلسن جلوسن ۽ اخباري بيانن تائين محدود هوندي آهي. هو ڪوبہ اهڙو طريقو اختيار نہ ڪندا آهن، جنهن مان هڏ جوکي جو انديشو هجي يا جنهن مان عوام جو من وڌي وجي ۽ هو ايترو زور وني وجن، جو اٿلو کين ڳچيءَ کان ونن. اِنکري هو عوامي جدوجهد کان ڪوهين پري پڄندا آهن، ۽ قومي مخالفن کي فقط زبان ۽ قلم جي مار ڏيندا آهن. سندن پاليسي هوندي آهي تہ ”لعل بہ ليي ۽ پريت بہ رهجي اچي“، يعني عوام کي اُلو بنائي، قومي سورما بنجي، اقتدار بہ ونون ۽ قومي مخالفن سان صفا دنگ بہ نہ پوي. جو تہ سياٽي جڏهن ”ڪم لٽو ڪاڳر ڦاتو“ وانگر، عوام مان ڪم ڪڍي، کين وري موچڙا هٽي، سڌو ڪرٽو پوندو، تڏهن اهي ڏاريان مخالف ئي تہ ڪم ايندا! اصل اتحاد تہ انهن سان ئي ڪرٽو آهي ۽ اصلي جنگ تہ عوام سان ئي آهي! قومي جدوجهد جو تہ رڳو نالو ئي هوندو آهي. دراصل مقصد هوندو آهي مخالف کي عوام جو پؤ ڏيکاري، ٿورو نرم ڪري، ڪانئس ڦر جي مال مان پنهنجو پورو حصو پتي ونڻ، يعني ”ڦر ڏيکاري ڄَر ڪٽڻ.“ پس پيش وڏيرا ۽ قومي مخالف پاڻ ۾ پائي

پائي ٿيو وڃن، ۽ عوام ”ڪُتيءَ سان بہ ڪارا ٿياسين، گلر بہ ويا پنهنجي گهر“ وانگر، وڙهي، ڦرجي، مارجي، گهر مسيت ڪري، پڇاڙيءَ جو سڪٽي گندي ڪلهي تي رکي، وڃي گهر پيڙا ٿيندا ۽ ساڳي ماني ساڳ سان کائيندا.

اِهو آهي وڏيرڪي قومي جدوجهد جو نظريو، ان جو مقصد ۽ ان جا نتيجا.

[”تحريڪ“، مئي 1973ع]

# قومي جدوجهد جو سنڌي وچين طبقي وارو نظريو

1 ـ وچون طبقو (Bourgeoisie) هڪ خاص معنيٰ رکندڙ سائنسي لفظ يا فقرو آهي. ان جي عام (Popular) معنيٰ تہ ٿي اُهو طبقو، جو نہ اجايو غريب هجي ۽ نہ اجايو شاهوڪار. پر سماجي سائنس جي ٻولي ۾ ان جي معنيٰ آهي هارين، مزدورن ۽ وڏن زميندارن جي طبقن کانسواءِ سماج جا ٻيا سڀ طبقا. وچين طبقي ۾ سرمائيدار، سفيد پوش ۽ مڇي مانيءَ وارا (غير هاري، غير مزدور ۽ غير زميندار) سڀ ماڻهو اچي وڃن ٿا.

2 ـ دنيا جي تاريخ کي پڙهبو، تہ معلوم ٿيندو تہ دنيا جي وچين طبقي جي سموري تاريخ قوم جي پورهيت عوام سان دغا، دوکي ۽ غداريءَ جي تاريخ آهي. جنهن بہ قوم وچين طبقي جي اڳواڻيءَ هيٺ آزاديءَ جي جدوجهد ڪئي آهي، سا ڪڏهن بہ پرماريءَ ۽ وڏيرا شاهيءَ کان مڪمل ڇوٽڪارو حاصل ڪري، باعزت ۽ شاندار قوم نہ ٿي سگهي آهي. اهي قومون سدائين مرضن ۾ ورتل هونديون آهن ۽ پيون چنگهنديون آهن. اُن جا تازا مثال هندستان، انڊونيشيا، مصر، عراق، شام، الجزائر، مراڪو، سيلون ۽ ٻيا ايشيائي آفريڪي ملڪ آهن. انهن ملڪن جي وچين طبقي ڪافي قربانيون ڏنيون، ۽ نهرو، ناصر ۽ سوئيڪارنو جهڙا مشهور ليڊر پيدا ڪيا. پر پنهنجي طبقاتي فطرت سبب هِنن ملڪن جي وچين طبقن عوام مان ڪم ڪڍي، ساڻن دغا ڪئي، ۽ انهن ملڪن ۾ صحيح عوامي جمهوري راڄ ۽ سچي پچي عوامي حڪومت جو خواب الٽو ٿي پيو. عوام اُهي ئي ڏکن ۾ ۽ دربدر آهن. (جن ملڪن جي وڏيرن ۽ جاگيردارن سامراجين سان سازباز ڪري، نالي جي ڪوڙي آزادي ورتي، تن جو مثال پاڪستان آهي. انهن جو ذڪر ئي اجايو آهي.) وچين طبقي چانگ ڪيائي شيڪ، سنگمن ري، نگودين ڊيم، مارشل ٽيو، مارشل ٿناريت ۽ جنرل موبوتو جهڙا "جڙتو قوم پرست" سورما پيدا ڪيا، جي وات ساڻ "قوم قوم" ڪندي، وطن دشمنن جا شڪاري ڪتا ٿي قومي قاتل بنجي ويا. گذريل ڪجھ صديون يورپ ۽ آمريڪا جي وچين طبقي اتان جي پورهيت عوام کي ڏٽا ڏنا تہ وڏيرا شاهيءَ ۽ جاگيرداريءَ کي ڊاهي، عوامي حڪومت قائم ڪنداسين. انهن ڏٽن تي هُنن عوام کي اتاري، اُنهن هٿان وڏيرا شاهيءَ جون پاڙون پٽيون. پوءِ عوام جي حڪومت جي جاءِ تي وچين سرمائيدار طبقي پنهنجي ڊڪٽيٽرشپ قائم ڪري ڇڏي، ۽

پورهيت عوام هڪڙي ظالم طبقي جو ڳٽ ڳچيءَ مان ڪڍي، وري ٻي ظالم جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسندو ويو، ۽ اڃا تائين ان مان نڪري نه سگهيو آهي.

جرمنيءَ ۾ نازين ۽ اٽليءَ ۾ فاشزم جي وبائن جا باني چوٽي وچين طبقي جا ماڻهو هئا. اهو طبقو ئي اُنهن عوام دشمن ۽ آدم خور تحريڪن جي پيڙهه هو. اڄ يورپ ۽ آمريڪا ۾ اهو ئي طبقو سامراج جو وڏي ۾ وڏو حامي آهي، جو سامراجين جي هر بدمعاشيءَ جو وڏي واڪي ساٿ ڏئي ٿو.

3 ـ سنڌي وچين طبقي ۾ هيٺيون خاصيتون آهن.

(1) سنڌ ۾ مٿيون وچون طبقو نه هئڻ جي برابر آهي. دنيا جي سرمائيدار ملڪن ۾، جن ماڻهن کي سرمائيدار ۽ ڪارخانيدار ليکبو آهي، اهڙو ماڻهو سنڌ ۾ هڪڙو به ڪونهي. نه رڳو ايترو، پر اسان وٽ سواءِ هارون فيملي جي ٻي ڪا به اهڙي فيملي ڪانهي. جنهن کي پاڪستان جي ٻين چوٽيءَ جي ڪارخانيدارن ۽ سرمائيدارن سان ڀيٽي سگهجي.

(2) سنڌي هيٺيون وچون طبقو ڪمزور ۽ پالپٽيءَ ۾ آهي. سنڌ جو وچون ۽ هيٺيون وچون طبقو اڳي هندو هئا. انهن جي وڃڻ ڪري سنڌ ۾ وچون طبقو ڄڻ گم ٿي ويو. گذريل 25 سالن ۾ وچين طبقي ۾ جيڪا پرتي ٿي آهي، تنهن جا پير اڃا بلڪل ڪچا آهن. اِن ڪري هو وڏيرن جي سهاري هلڻ گهري ٿو يا سنڌ دشمن پناهگير پنجابي سامراج جي. هن طبقي ۾ طبقاتي ٻڌي ۽ طاقت جو احساس نه هئڻ جي برابر آهي. هيءُ تمام گهڻو وقت انگريز ۽ پناهگير پنجابي سامراجيت جو غلام رهيو آهي. تنهنڪري هو ذهني طرح بي حس، بزدل ۽ غلام آهي.

(3) اِنهيءَ ڪري سنڌي وچون طبقو عوام دشمن آهي. سندس مکيه ٽڪر ۽ تضاد سنڌي عوام سان آهي. هو اڃا تعداد ۾ يا مالي يا ذهني حيثيت سان ايترو وڏيو ويجهيو ڪونهي، جو هو وڏيري طبقي سان ٽڪر ۾ اچي. ٻئي طرف هو شروع کان وٺي انگريز آقائن، سنڌي وڏيرن، پناهگير پنجابي پرمارن جو دلال ٿي، ساڻن جُٽ ٻنجي، سنڌي عوام کي ڦريندو ۽ لٽيندو رهيو آهي. ڪاموري، واپاري، وڪيل، ڊاڪٽر، ڪاريگر ۽ سڪئي ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ هو عوام کي لٽي، پيڙي، پنهنجن آقائن سان گڏ جاوا ڪري ٿو. هن طبقي جي پڙهيل شاگردن مان ئي اُها رهزن پوليس ۽ ڪامورا شاهي پيدا ٿي آهي، جنهن وڏيرن ۽ سامراجين سان جُٽ ٿي، سندن اشاري تي توڙي پنهنجي دليان، سنڌي عوام جي زندگي موت جي برابر ڪري ڇڏي آهي.

(4) هن طبقي جا پناهگير پنجابي پرمارن سان تضاد اجا اونها ۽ بنيادي نہ ٿيا آهن. هو پرماريت ۽ وڏيرا شاهيءَ کي سياسي ۽ اقتصادي طرح بلڪل بي دخل ڪرڻ نٿو گهري. درحقيقت هن جي ڪمزور طبقاتي پوزيشن جو سارو دارومدار اِنهيءَ ڳالھ تي آهي تہ سنڌي عوام وڏيرا شاهيءَ ۽ پرماريت هٿان اهڙا هيٺا ۽ بيوس هجن، جو وچين طبقي جي ٽيگر ۽ ڦرلٽ ۾ دست اندازي نہ ڪري سگهن. هو فقط ڦرلٽ جي مال ۾ پنهنجي حصي وڌائڻ جي خواهش تہ رکي ٿو، پر هو ان لاءِ ڪابہ سچي پچي جدوجهد ڪري، پنهنجي آقائن يعني پرمارن ۽ وڏيرن کي ڪاوڙائڻ نٿو گهري. هو ڀانئي ٿو تہ سنڌي عوام ڀلي ڪجھ گوڙ ڪري، وڏيرن ۽ پرمارن جي ٿورڙي لئي گهٽ ڪن، تہ جيئن وڏيرا ۽ پرمار ڊڄي، کيس اهميت ڏين ۽ سنڌي عوام مان ڪيل ڦرلٽ جي مال مان کيس اڳي کان وڌيڪ پتي ملي.

(5) سنڌي وچين طبقي جو پڙهيل طبقو، سياسي ۽ سماجي طرح، اڻ پڙهيل عوام جي ڀيٽ ۾ رجعت پرست آهي، ۽ قومي جدوجهد هلائڻ ۽ اُن ۾ صحيح نموني ڀرپور حصي وٺڻ لاءِ تيار ڪونهي. اُن جا هي سبب آهن:

(الف) ارغون، ترخان، مغل، ايراني ۽ انگريز سامراجين، هندو سرمائيدارن، سنڌي وڏيرن ۽ پنجابي پناهگير پرمارن جي سازش سبب، سنڌ گذريل سوين سالن کان عملي طرح دنيا کان ڪٽيل، ”هڪ اونداهو بيٽ“ پئي رهي آهي. انگريزن کان اڳ، جيڪي مٺ جيترا ماڻهو پڙهيا، تن وڏ ۾ وڏ منشي، آخوند، ملو يا خسيس ڪاموري بنجڻ جي تعليم حاصل ڪئي. جن کي اڄ عظيم عالم ۽ داناءُ سڏي، لکين رپيا خرچي، سندن ڪتاب ڇپائي، عوام تي مڙهجن ٿا، سي معمولي قسم جا نيم ملان هئا ـ جهڙوڪ محمد هاشم ٺٽوي وغيره، جن تي اسلامي دنيا جي عظيم مفڪرن، عالمن، سائنسدانن ۽ قانوني ماهرن جهڙوڪ ابن العربي، بو علي سينا، ابن خلدون، المعري، عمر خيام، ابو حنيفہ وغيره جي علمي گهرائيءَ ۽ عظمت جو پاڇو بہ ڪونہ پيو هو.

(ب) انگريزي دور ۾ بہ تعليم اڻ لڀ، مهانگي، پري ۽ انگريز پرستيءَ ۽ وڏيرا شاهيءَ جي رنگ ۾ رڱيل هئي. گهڻو ڇيھ ٿيو تہ ماڻهو عليگڙھ ۽ جهونا ڳڙھ ويندا هئا، جي رجعت پرست، جاگيرداريءَ جي تعليم جا اڏا هئا. بہ چار وڏيرن جا پٽ انگلنڊ ويا ٿي، ۽ جيئن چوندا آهن ”عيسىٰ جو گڏھ مڪي مان ٿي ايندو، تہ بہ گڏھ جو گڏھ هوندو“، تيئن هي بہ جهڙا وڏيرا هئا تهڙا ئي موٽيا ٿي. ڪي مسڪين اتفاق سان اسڪالرشپ تي ٻاهر ويا، تہ بہ نوڪريءَ جي فڪر ۾ لئبررين ۾ ئي دفن رهيا، ۽ فڪر جي نون انقلابي وهڪرن کان پري رهيا.

(ت) جيڪي ٿورڙا پڙهيل يورپ جي نئين انقلابي سماجي فڪر ۽ سوچ کان واقف ٿيا، تن جو سماجي مطالعو به ارڙهين صديءَ تائين اچي ختم ٿيو، ۽ اڻويهين ويهين صديءَ جي انقلابي فڪر مان هنن فقط ٻئي ترقي پسند نعرا سکيا، جن تي سندن ڪوبه ايمان ڪونه هو. اُهي نعرا به هندستان، خاص ڪري يو- پيءَ جي جاگيردار طبقي جي نام نهاد اڌ پڙهيل انقلابين يا ڪانگريسين جي ادب مان سکيا يا يورپ جي نام نهاد باغي اديبن ۽ مفڪرن کان سکيا. اِهي باغي وڌ ۾ وڌ سرمائيدار جمهوري قدرن جا حامي ۽ فاشزم جا ذهني مخالف هئا، بس. عملي طرح هنن جي تعليم غير عوامي ۽ غير انقلابي هئي. اُن تعليم جو مرڪزي نقطو هو، وچين طبقي واري "آءٌ"، "آءٌ ههڙو! آءٌ ههڙو!" باقي پورهيت عوام ڪجهه ناهن.

(ث) جيڪي اڱرين تي ڳڻڻ جهڙا ڪن خاص علمن جا معمولي چاڙهو پيدا ٿيا، تن جي اکين تي به وڏيرڪي ۽ سرمائيداري سوچ ۽ فڪر جا ڪوپا چڙهيل آهن، ان ڪري هو هڪڙي ننڍي خول ۾ قيد رهجي ويا آهن ۽ اڳتي وڌي نه سگهيا آهن.

(ج) وچون شاگرد طبقو علمي طرح تمام پوئتي پيل آهي. هو دنيا جي بين الاقوامي ٻوليءَ، انگريزيءَ ۾ سخت ڪمزور آهي. 'جيئي سنڌ' جي نعري هڻڻ جي عيوض هن پاڻ کي مطالعي کان موڪل ڏيئي ڇڏي آهي ۽ هر مسئلي جو حل فقط نعري بازيءَ کي سمجهڻ لڳو آهي. ڪيس دنيا جهان جي ڪابه خبر ڪانهي. منجهن پنهنجي دليان پڙهڻ، سمجهڻ ۽ سوچڻ جي قوت پيدا نه ٿي سگهي آهي.

(ح) سنڌ ۾ ويجهڙائيءَ ۾ ڪي به خاص وڏيون بنيادي سماجي اٿلون پٿلون، جهڙوڪ جنگ، خانه جنگي، ڏڪار ۽ پاچ وغيره جهڙيون حالتون پيدا نه ٿيون آهن، جيڪي قوم کي ڌونڌاڙي، دقيانوسي سوچ جي ڪوڙڪيءَ مان آزاد ٿيڻ تي مجبور ڪنديون آهن.

(خ) سنڌي پڙهيل طبقو دنيا جي انقلابي ۽ سماجي وهڪرن کان ڪٽيل آهي. ڪيس دنيا جي علمي، فڪري ۽ سائنسي واڌارن جي ڪابه خبر ڪانهي. دنيا جي ٻين ٻولين جا ڪجهه ڪتاب ۽ ادب فقط اردوءَ ۾ ترجمو ٿين ٿا. انهن کي عام سنڌي پڙهيل چڱيءَ طرح پڙهي نٿو سگهي. اردوءَ جي آڙ ۾ ٿيل بدمعاشين ڪري جيڪي ٿورا گهڻا سنڌي اردو پڙهي سگهندا هئا، سي به ان کان بيزار ٿي ويا آهن. هاڻي سنڌي پڙهيل طبقي جي ڪُل موڙي ۽ ڪائنات وڃي به چار سنڌي چوپڙيون ۽ به چار رسالا رهيا آهن. انهن ۾ بي دنيا ته نهيو پر رڳو پاڪستان جي ٻين علائقن بابت پورو سُڌ سماءُ به ڪونه هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ سان ماتيجي ماءُ وارو ورتاءُ، جيڪو ون يونٽ جي دور کان

ٿيندو رهيو آهي، اُهو اجا تائين جاري آهي، ان ڪري سنڌيءَ ۾ انقلابي علمي ته ٺهيو پر عام علمي ڪتابن جي اشاعت به بنهه نه جهڙي پئي رهي آهي. انهن سببن جي ڪري سنڌي پڙهيل طبقو، خاص ڪري شاگرد جهالت جي ڏينڻ ۾ ڳتو پيو آهي.

(6) وچين طبقي جي اديب، شاگرد ۽ دانشورن جو ٿولو ننڍڙن ٽولن ۾ ورهايل آهي. جن مان ڪي ٽولا پرمارن جي خدمت ڪن ٿا، جيئن جماعت اسلامي، پناهگير پنجابي، نعيپ ۽ ٻين نقلي ترقي پسند پرمارن جا حامي پڙهيل سنڌين جا ٽولا. ڪي سرڪاري وڏيرن ته ڪي غير سرڪاري وڏيرن جي خدمت ڪن ٿا. هڪڙو ننڍڙو ٽولو پرمارن ۽ وڏيرن سان لاڳاپا ٽوڙي، خالص سنڌي عوام ۽ سنڌي قوم جي خدمت ڪرڻ جا لاڙا رکي ٿو. انهيءَ پوئين ننڍي ٽولي ۾ به هڪڙا اُهي آهن، جيڪي اجان به عوام جي معنىٰ چوٿو وچون طبقو سمجهن ٿا. جيتوڻيڪ هو سعيو ڪري سنڌي عوام جي دشمن طبقي سان ناهن، پر پوريءَ طرح سنڌي پورهيت عوام جي ڀرپور حمايت به نٿا ڪن ۽ انهن سان ملي هڪ ٿيڻ ۽ انهن جي پويان هلڻ لاءِ تيار ناهن. هنن تي يورپ ۽ آمريڪا جي وچين طبقي جي نام نهاد باغي اديبن ۽ دانشورن جو اثر آهي. ڪين عوامي جدوجهدن ۽ انقلابن جي سائنس، فلسفي، تاريخ ۽ تجربي جي ڄاڻ ناهي. ان ڪري هو ڪڏهن پورهيت عوام طرف آهن ته ڪڏهن سنڌي عوام جي دشمنن جي پاسي.

(7) قومي جدوجهد ۾ وچين طبقي جو ڪردار "ساڍن سان سنمڪ پئنچن سان پورو"، "ماسِي ورائي، دم پنهنجي دم پرائي!" جي چوڻين وانگر ڦرٽو ڳهرٽو، ٻي پروسي جهڙو ۽ موقعي پرست آهي. هو يانئي ٿو ته "ساوا ڪک به چران ۽ مينهن جي ڦُٽي به نه سهان." اِن ڪري هو اتڪلن ۽ زباني جمع خرچ وسيلي لئي ڪرڻ گهري ٿو. اِن لاءِ هن جو هٿيار آهي وات جا نڪاءَ هٽڻ. هو چاڙي بازي، قلم بازي ۽ بيان بازيءَ وسيلي عوام وٽ ڦڙٻاٽيون هٽي، ڪين ڪاٺ ڪلهي تي ڪٽائي، ڏکيءَ مهل پاڻ ڳولي ٿيو وڃي. جيئن ته سنڌي عوام سندس انهن افعالن سبب مٿس پروسو ڪري، ڪيس پنهنجو اڳواڻ ڪرڻ لاءِ تيار نه ناهي، ۽ جيئن ته هي طبقو پاڻ به اڳواڻيءَ لاءِ گهربل جاکوڙ ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي، ۽ منجهس اُها لياقت ۽ پهچ به ڪانهي، تنهنڪري هو وچائين ٽيون گس ونئي ٿو. اهو هيءُ ته هو ڪنهن نه ڪنهن وڏيرڪي فرد يا ٽولي جي شان ۾ قصيدا پڙهي ۽ سندن لنديون خوشامدون ڪري، ڪيس آسمان تي اڏائي ٿو، ۽ ماٺهن ڪي برغلائي، ڪين اکيون ٻوٽي، ان وڏيري اڳواڻ يا ٽولي پويان پوڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح هڪڙي ڏک سان هو ٻه شڪار ڪرڻ ٿو گهري. هڪڙو ته هو فقط ڦڙٻاٽين وسيلي پنهنجي آقا ۽ مالڪ طبقي وٽ ميان مٺو بنجي پاڻ وڏائڻ گهري ٿو. ٻئي طرف هو سواءِ ڪنهن قرباني

ڏيڻ جي، نام نهاد قومي اڳواڻ جي معرفت، سندس دربار ۾ سرويچ ۽ سرفروش عوام کان ڏھ صفون اڳتي جڳهه ۽ مرتبو حاصل ڪري، قوم جي ڪنڌ تي سوار ٿيڻ گهري ٿو. يعني وات جي نڪائن سان جانباز قومي سورمو ۽ اڳواڻ بنجي، قوم جي اڇي ڪاري جو مالڪ ٿيڻ گهري ٿو.

سنڌي وچين طبقي جي قومي نظريي جا بنيادي ارڪان هي آهن! ـ (1) قوم معنىٰ آءٌ. چوته آءٌ پڙهيل آهيان. مون کي سڀ خبر آهي ۽ سيني جو فڪر آهي. (2) عوام جاهل ۽ غافل آهن. انهن کي ڪابه خبر ڪانهي. (3) عوام جو ڪم آهي ته منهنجي دلپسند وڏيري پويان هلن. جتي آءٌ ۽ وڏيرو چئون، اتي گوڙ ڪن. (4) ڪم لهڻ کان پوءِ مال غنيمت وڏيري ۽ منهنجي حوالي ڪري، پاڻ ماٺ ڪري وڃي گهر ويهن. آءٌ ۽ وڏيرو پاڻيهي حساب ڪري، سيني جي سار سنڀال لهنداسين. جيڪو اسان جي فيصلي تي اعتراض ڪندو، سو قومي غدار آهي. (5) وڏيري جو ڪم آهي ته عوام کي ڏنا ڏيئي، مڙي، اماڻي چڏي. وڏو اڌ پاڻ ڪٽي. ننڍو مون کي ڏئي. ان ۾ بي ايماني ڪندو، ته آءٌ بين وڏيرن سان گڏجي سندس ڪم لاهيندس.

قومي جدوجهد جي تاريخي تجربي به ڳالهيون ثابت ڪيون آهن: پهرين هيءَ ته قومي جدوجهدون اُهي ۽ فقط اُهي صحيح معنىٰ ۾ ڪامياب ٿين ٿيون، جن جي اڳواڻي اُن قوم جي پورهيت ۽ مزدور طبقي جي هٿ ۾ آهي ۽ نه وڏيرن ۽ وچين طبقي جي. ٻيو ته وچين طبقي جا اهي ماڻهو قومي جدوجهد سان وفادار رهي، توڙ نڀائين ٿا، جيڪي، ويٽنام، اتر ڪوريا، چين ۽ ٻين انقلابي قومن جي وچين طبقي مان اپريل انقلابي ڪارڪن وانگر، پنهنجي وچين طبقي جي ذهنيت، رهڻيءَ ڪهڻيءَ، ماحول ۽ سوچ کي ترڪ ڪري، قوم جي وڏيءَ اڪثريت ۽ بنيادي قوت هارين ۽ مزدورن سان ملي، هڪ ٿي وڃن ٿا، ۽ سچيءَ دل سان انهن جي اڳواڻي قبول ڪري، اُنهن جي صفن ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي، جدوجهد ڪن ٿا.

اسان جي وچين طبقي، خاص ڪري ننڍي وچين طبقي ۾، هينئان به گهڻي پرتي ٿي آهي. غريب هاري وڏي پنهنجي ٻنيءَ ٽڪر وارا سُکيا آبادگار ٿيا آهن، نوڪر پنهنجن ننڍڙن دڪانن ۽ ڪاروبار جا مالڪ ٿيا آهن، مسڪينن جا پٽ پڙهي ڪامورا ٿيا آهن يا ٻئي نموني چوٽي وچين طبقي ۾ شامل ٿيا آهن. اُنهن پنهنجي غريب پورهيت طبقي کي ترڪ ڪري، وڏيرن ۽ وچين طبقي جي پٺ ورتي آهي، ۽ پائنئين ٿا ته انهن جا دلال بنجون ۽ عوام جي ڦرلٽ مان موچون ماڻيون. انهن ۾ ٻين وچين طبقي جي ايماندار ۽ وطن دوست ماڻهن لاءِ هن وقت فقط ٻه رستا رکيل آهن. يا ته هو وڏيرن ۽ شاهوڪارن جا

دلال ٿين، ۽ ڪوڙيءَ قوم پرستيءَ جو ڍونگ رچائي، سنڌ جي پورهيت عوام خلاف پنهنجي جنگ جاري رکن، يا وري وڏيري، شاهوڪار ۽ وڏي ماڻهو ٿيڻ جو اجايو حرص ترڪ ڪري، عوام ڏانهن موٽ ڪائين ۽ سندن اڳواٽيءَ هيٺ نهٺائيءَ ۽ صدق دليءَ سان قوم جي چوتڪاري، سک ۽ ترقيءَ لاءِ لمبي، ورن وڪڙن واري، ڪٺن مگر شاندار جدوجهد ۾ پنهنجي جاءِ والارين.

وچان ڪوبہ ٽيون رستو ڪونهي. هرهڪ ماڻهوءَ کي پنهنجي لاءِ فيصلو ڪرڻو آهي تہ هو ڪنهن سان گڏ مرڻ جيئڻ چاهي ٿو ـــ سنڌي پورهيت عوام سان يا سندس ازلي ويرين وڏيرن ۽ پرمارن سان.

["تحريڪ"، آگسٽ 1973ع]

# ”ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر مَ ڪوٺاءِ“

## مکيہ تضاد

پاڪستان جي ماڻهن منجهہ ڪيترائي تضاد ۽ ٽڪر آهن پر موجوده حالتن ۾ سڀکان وڏو تضاد پاڪستان جي مظلوم قوميتن ـــ سنڌين، بلوچن، پناڻن ـــ ۽ ظالم قوميتن يعني پنجابين ۽ پناهگيرن جي وچ ۾ آهي. اِهو اجوڪي پاڪستان جو بنيادي ۽ مکيہ تضاد ۽ مکيہ ٽڪر آهي. جيستائين اهو تضاد حل نہ ٿيو آهي، تيستائين حڪومت ايوب جي هجي يا يحيٰ جي، محمد عليءَ جي هجي يا غلام محمد جي، کهڙي جي هجي يا پيٽي جي، جماعت اسلاميءَ جي هجي يا ڪنوينشن مسلم ليگ جي، اُها پاڻ ڪي بنيادي جمهوريت سڏائي يا اسلامي سوشلسٽ، ڳالهہ ذري گهٽ ساڳي رهندي.

## ڇهہ سنڌ دشمن ٽولا

سنڌي قوم جي حق پرست انقلابي وطن دوست جدوجهد ۾ ڇهہ ٽولا ٽوڙ ڪان، سِر ڌڙ جي طاقت سان، مخالفت ڪري رهيا آهن:

1 ـ سنڌي عوام تي ظلم ڪندڙ وڏو سنڌي زميندار ۽ سنڌي ڪامورن جو ٽولو.

2 ـ سموري ملڪ تي ڇانيل وڏن فوجي ۽ سول آفيسرن جو ٽولو، جو لا ائنڊ آرڊر قائم ڪرڻ ۽ انتظام هلائڻ جي آڙ ۾ ملڪ کي غلام بنائي ۽ ڦري لُٽي ٿو.

3 ـ پنجاب ۽ ڪراچيءَ جو وڏو زميندار ۽ سرمائيدار ٽولو، جو نظريي پاڪستان جي آڙ وني، پاڪستان جي مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن کي غلام رکيو وينو آهي.

4 ـ وڏن زميندارن ۽ سرمائيدارن جو ايجنٽ مودوديءَ جهڙن ملن جو ٽولو، جو اسلام کي آڙ بنائي، عوام تي پنهنجي رجعت پرست عوام دشمن ڊڪٽيٽرشپ مڙهڻ گهري ٿو.

5 ـ پنجاب ۽ يو- پيءَ جي چوٽي وچين طبقي جو اُهو پڙهيل ڳڙهيل ٽولو، جو ترقي پسنديءَ جي آڙ وني، سوشلزم ۽ انقلاب جي نالي ۾، پاڪستاني مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن تي يو- پيءَ ۽ پنجاب جي ننڍي وچين طبقي جي فائدي وارو سرمائيدارانہ ۽ قومي غلاميءَ وارو نظام مڙهڻ گهري ٿو. اِهو ٽولو بظاهر چيني ۽ روسي گروهن ۾

ورهايل آهي، پر عملي طرح پاڪستان جي مظلوم عوام خلاف سازش ۾ اِهي ٻيئي گروهه همخيال ۽ ساٿي آهن!)

6 - دنيا جي قومن کي ۽ دنيا جي عوام کي غلام بنائيندڙ عالمي سامراج، جنهن جي اڳواڻي آمريڪا ڪري رهيو آهي.

مٿيان سنڌ دشمن ٽولا، پاڪستان جي مظلوم قومن ۽ مظلوم عوام جا دشمن ٽولا، ظاهري طور هڪٻئي کان الڳ ۽ ڪن حالتن ۾ مخالف آهن، پر حقيقت ۾ اِهي هڪٻئي سان اڻ لکين تندن ۽ تارن ذريعي ڳنڍيا پيا آهن. ظاهري طور اِهي اجوڪي دور جا آهن، حقيقت ۾ اِهي تمام پراڻا آهن. ظاهري طور اِهي اسان جي اکين اڳيان هلن چلن ٿا، پر اِنهن جون پاڙون سنڌ، هند بلڪ ايشيا ۽ سموريءَ دنيا جي تاريخ جي پاتال ۾ پيئل آهن.

## سڀني کان خطرناڪ ٽولو

پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ گذريل پاءُ صديءَ جي تجربي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ پاڪستان جي مظلوم قومن جي سجاڳيءَ، واڌاري، اتحاد ۽ جدوجهد جي راهه ۾ ڪوبہ ٽولو اهڙي سنگين ۽ زبردست رڪاوٽ نہ ثابت ٿيو آهي، جهڙو پنجون نمبر نام نهاد ترقي پسند ٽولو.

پنجابي ۽ اردوباز سنڌ دشمن ڪامورو، وچين طبقي جو ماڻهو ۽ سرمائيدار پاڻ کي مغل سلطنت جو اڪيلو جانشين ۽ پاڪستان جو اصلي وارث ٿو سمجهي ۽ ٻين کي غاصب ۽ گهٽ ٿو ليکي. پنجابي ۽ اردوباز سنڌ دشمن ترقي پسند وري پاڻ کي ترقي پسنديءَ ۽ انقلاب جو گادي نشين سمجهي ٿو. ڪيس يقين آهي تہ انقلابي واٽن ۽ منزلن جي اسرارن جو ڪشف فقط ڪين ئي ٿي سگهي ٿو. ڪين ئي سڀ ڳالهيون معلوم آهن. پاڪستان ۾ اِها امانت فقط سندن گهر ۾ ئي سونهي ٿي. ٻيا سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ عوامي ڪارڪن، مريد ٿي، فيض پرائي سگهن ٿا، باقي اصلي منزل تي رسي نٿا سگهن، جوحضرت موسىٰ وانگر حق جي نظاري جو تاب جهلي نہ سگهندا. هو پنجابين ۽ اردوبازن جي پويان هلن ۽ سندن چانوَ هيٺ رهن، نہ تہ هو پلجي ويندا. ڪين وڏيرا، سرمائيدار، قوم پرست ۽ ٻيا جهنگ جا بگهڙ ڪائي ويندا.

اردوباز "ترقي پسند" طبقو ننڍين قومن تي پنجاب جي ظلم ۽ تشدد جي داستان ٻڌڻ، ٻڌائڻ ۽ ان جي خلاف احتجاج ڪرڻ ۽ ڪرائڻ لاءِ فراخدليءَ ۽ بهادريءَ سان تيار آهي. پر جڏهن اردوءَ جي آڙ وٺندڙ سنڌ دشمنن طرفان، سنڌين جي زمين، نوڪرين ۽ گذر جي وسيلن جي هٿ ڪس ۽ ڦرلٽ، ۽ اردوباز ڪامورن جي ظلم ۽ سنڌي دشمنيءَ جي

ڳالھ تي نڪري، تڏهن هو وٺيو قلابازيون کائڻ لڳن. ڪڏهن اکيون ڦوٽاريو، اڳلي تي ”عوام اندر ڦوٽ وجھڻ ۽ بين الاقواميت ۽ عوامي برادريءَ جي اصولن کي ٽوڙڻ ۽ ناجائز قوم پرستيءَ جي مرضن ۾ مبتلا هجڻ“ جون تهمتون ڏرين، تہ ڪڏهن هاري ـ مزدور جا نعرا هڻي، ڪيس خاموش بنائين، تہ ڪڏهن وري ڏاڍا معصوم بڻجيو چون تہ ”چا ڪجي، ملڪ جو نظام ئي اهڙو آهي! حڪومت ئي اهڙي آهي!! اردوباز ’عوام‘ ويچاري جو ڪهڙو ڏوھ!!!“

## سيني قومن جي عوام جا سمورا مفاد ساڳيا آهن؟

نام نهاد پنجابي ۽ اردوباز ترقي پسند سنڌ جي روشن خيال نوجوان طبقي کي سيکارين ٿا تہ سنڌي، پنجابي ۽ اردوباز جا سمورا مفاد ساڳيا آهن، اُهي سڀ هڪجهڙا مظلوم آهن. سيني تي سرڪار پيئي ظلم ڪري. تنهنڪري ڪين ڪپي تہ هڪٻئي کي ڏوھ ڏيڻ ۽ هڪٻئي سان وڙهڻ بدران، بدي ڪري، اُن حڪومت ۽ حاڪم طبقي سان مقابلو ڪن، جيڪي سيني تي ظلم ڪن ٿا ۽ ڪين پاڻ ۾ ويڙهائين ٿا. اِها ڳالھ هر نيڪ نيت ماڻهوءَ کي واجبي، مناسب ۽ ترقي پسند لڳندي، پر جيئن جيئن اُن تي اونهو غور ڪبو، تيئن تيئن اِها حقيقت وڌيڪ صاف ٿي ويندي تہ اِها ڳالھ غلط بنيادن تي بڌل، توري سچ، گهٽي ياڳي ڪوڙي، گمراھ ڪندڙ، رجعت پرست ۽ عوام دشمن آهي. مثال طور: پهرين اها ڳالھ تہ سيني قومن جي عوام جا سڀ نفعا ۽ نقصان ساڳيا آهن، منجهن ڪوبہ ٽڪر ڪونهي، سا ڳالھ عام سمجھ توڙي سائنسي پرک موجب سراسر غلط آهي. تاريخ ڏيکاري ٿي تہ تاريخ جي مختلف دورن ۾ مختلف قومن ۽ قوميتن مختلف پارٽ پئي ادا ڪيا آهن.

آريہ قوم جا دراوڙ قوم تي ظلم، منگولن جا سڄيءَ دنيا ۾ قتل عام، افغانن ۽ مغلن جون هندستاني قومن سان تعديون، زار شاهي روسي قومن جون ازبڪن، جارجين، لِٿوين، تاتارين ۽ پولن سان زيادتيون، جرمن قومن جا سڄي يورپ جي قومن کي ڏنل عذاب، آمريڪي قوم جي مجاهد ويتنامي قوم خلاف اڳرائي، اِهي سڀ هڪڙيءَ قوم جي ٻيءَ قوم سان ظلم جا مثال آهن. اِنهن ظلمن ۾ اڳرائي برابر سرمائيدار حاڪم طبقي ٿي ڪئي، پر ٻي سموري قوم بہ ذري گهٽ سڄي اُن وحشياڻيءَ حرڪت ۾ شامل رهي ٿي. اڄ جيڪي آمريڪي بگهڙ بي هٿيار ويتنامين تي بمباري پيا ڪن، سي سڀ سرمائيدارن جا پٽ آهن ڇا؟ هٽلر پاڻ اڪيلي سر ڪين ٿي وڙهيو! سندس ذليل پروگرام ۾ جرمنيءَ جا غريب مزدور توڙي هاري، مرد توڙي عورتون شريڪ هئا، نہ تہ هو هرگز

ايڏيون فوجي ڪاروايون نہ ڪري سگهي ها. اُن جو سبب اِهو آهي تہ قرمار ڪندڙ ظالم قوم مظلوم قومن کي پيڙي، جيڪي حاصل ڪري ٿي، تنهن ۾ ٿورو گهڻو حصو سڀيءَ ظالم قوم کي ملي ٿو. ظالم قوم جو ٻچو ٻچو پاڻ کي مظلوم قوم کان اُوچو ۽ اعليٰ سمجهڻ لڳي ٿو. پنهنجي قوم جي فائدن کي مظلوم قوم جي فائدن کان برتر سمجهي ٿو. سواءِ ڪن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ماڻهن جي، ٻيا سڀ شعوري يا لاشعوري طور، سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح، مظلوم قوم کي پيڙڻ ۽ ستائڻ ۾ حصو وٺن ٿا، ۽ ان جو عيوضو ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ حاصل ڪن ٿا. مثال طور، سنڌي قوم جي زمين ڦٻائڻ ۾ رڳو وڏن پنجابي - مهاجر سرمائيدارن، زميندارن ۽ ڪامورن حصو ڪونہ ورتو آهي، پر هر ننڍو وڏو، غريب ۽ شاهوڪار اردوباز پنهنجي توفيق آهر، ڪوڙا ڪليم نهرائي، يا ڪٽتون ڪٽيو، پرايو مال ڦٻائي چڪو آهي ۽ اڃان ڦٻائي پيو. غريب توڙي شاهوڪار پنجابي، ۽ اردوباز پهچ آهر، سنڌ جي نوڪرين تي ڌاڙو هڻي ٿو. سنڌن ٻچي ٻچي ون يونٽ جي ساراهہ جا ڍڪ پريا ٿي. سيڪو پاڻ کي اسلامي خلافت جو وارث ۽ سنڌين کي جاهل ۽ گهٽ درجي جي قوم سمجهي ٿو. اخبارون پڙهي ڏسو، رسالا پڙهي ڏسو، تقريرون ٻڌي ڏسو، بازار ۾ هوٽل تي ڳالهائي ڏسو، تہ هر پنجابي ۽ اڙدوباز اردوءَ کي خدا جي خاص خلقيل ۽ آب ڪوثر ۾ وهنجاريل، ملائڪن جي زبان ۽ سنڌيءَ کي ٻهراڙيءَ جي جاهلن جي، جاهل ۽ جهنگلي ٻولي سمجهي ٿو. غريب کان غريب، حقير کان حقير، مظلوم کان مظلوم پنجابي ۽ مهاجر پاڻ کي پاڪستان جو اصلي خالق ۽ وارث سمجهي ٿو، ۽ سنڌ تي قبضو قدرت جي عين مرضيءَ موجب، جائز ۽ لازمي سمجهي ٿو.

ڪي نام نهاد ترقي پسند نالي ماتر ڳالهہ مڃين ٿا. پر پوءِ وري ڦڙتي ڪائين ٿا. چي، "اِنهيءَ ۾ اسان جي عوام جو ڏوهہ ڪونهي. سڀو قصور زميندراي، سرمائيداري نظام جو آهي. جڏهن عوام، ٻڌي ڪري، حڪومت جو نظام بدلائيندا، تڏهن اِهو مسئلو ازخود حل ٿي ويندو. تيستائين هرگز نہ ٿيندو." اِها ڳالهہ ائين آهي، جيئن ڪو ويٽنام جي ماڻهن کي "سهڻي" صلاح ڏئي تہ "بابا اوهين ڏکڻ ويٽنام جي ڇاڙتا فوجن جي حملن جو مقابلو نہ ڪريو، اهي تہ اوهان جا پنهنجا آهن ۽ اوهان جهڙائي مظلوم آهن. ويچارا آمريڪي پگهار حلال ڪرڻ لاءِ لاچار ڪٽيو اوهان جا ڳوٺ ساڙين، اوهان جي گهرن کي باهيون ڏين، اوهان جي ٻارن ٻچن جا ڪوس ڪن ۽ اوهان مان جيڪو ملين تنهن کي ابتو ٽنگي لٽڪائن. پگهار جي مجبوري نہ هجين ها تہ ائين چو ڪن! هنن مسڪينن کي ڇڏي ڏيو تہ پنهنجي پگهار حلال ڪري، ٻچن جو پيٽ قوت پيا ڪن. اُنهن جي گلا بہ نہ

ڪريو، سندن نالو ئي نہ ونو. نڪسن اِها ڳالھ چاهي ٿو تہ اوهين چاڙتا فوج جا دشمن ٿيو ۽ ان جو مقابلو ڪري پاڻ ۾ وڙهي مرو. تنهنڪري نڪسن ڪي خوش نہ ڪريو. پيا سڙو، مرو، پچو، پڙڪ بہ پاهر متان ڪيو، نہ تہ ويٽنامي عوام ۾ قوت پئجي ويندي، نڪسن خوش ٿيندو!“ اسان جي هنن نام نهاد ترقي پسند ۽ خود ساختہ عوام دوستن جي مرضي آهي تہ جي ڪنهن سنڌيءَ ڪان ڪو پنجابي ۽ پناهگير زمين ڪسي، ڪيس بي دخل ڪري ڇڏي، جيڪڏهن ڪو وڏو پنجابي يا پناهگير عالم فاضل، انگريزيءَ ڪي ڪيڻ جي بهاني، اردوءَ ڪي زوريءَ مڙهڻ جون بچون ڪري، پنجابي پناهگير ڪامورا سنڌين سان يهودين وارا ظلم ڪن، تہ سنڌين ڪي ڪپي تہ بدمعاشن ڪي اکر بہ نہ چون، اُنهن جي شڪايت ئي نہ ڪن. رڳو ايوب يا يٽي ڪي ڊؤ تي گاريون ڏيئي، ويهي رهن، ۽ تيسين انتظار ڪن، جيسين موجوده نظام بدلجي ۽ اُهو زمانو اچي، جڏهن پاڪستان ۾ سوشلسٽ حڪومت قائم ٿئي، سنڌ دشمنن جي دلين ۾ ڦيرو اچي ۽ هو سنڌين ڪي انسان سمجهڻ شروع ڪن. ڇا هن قسم جي ڏٽن ۽ ملان مودوديءَ جي بهانن ۾ ڪوبہ فرق آهي؟ ملو مودودي بہ تہ اِها ڳالھ ٿو ڪري تہ ”هڪڙي مسلمان قوم ٻيءَ ڪي ڦري تہ پرواھ ناهي. تيستائين ماٺ ڪري ويهو، جيسين آءٌ اسلامي خليفو ٿيان، پوءِ ڏسجو منهنجا ڪم. اوهين خدا تي رکي، وجي ويهي رهو. هاڻ ڪچندا تہ ڪافر ٿيندا.“ اهڙيءَ ريت ئي پنجابي پناهگير ترقي پسند پنهنجي قوم جي ظلمن تي پردي وجهڻ لاءِ، نهايت نڪ جي ڏاڍائيءَ سان، سنڌين ڪي زميندار سرمائيداري نظام ڏانهن منهن ڏيندا آهن تہ ”وڃي ان سان صفائي ڪريو. اسان جي ماڻهن جو ڏوھ ڪونهي.“

ڪي سنڌ دشمن اردوباز ٽولي جا نام نهاد ترقي پسند هڪڙي ئي ڏڪ سان سنڌين تي اردوبازن هٿان ٿيندڙ ظلمن جي ائڊريس غائب ڪرڻ چاهين ٿا. هو چون ٿا، ” ابا اوهين ڇئو ٿا پنجابي ۽ مهاجر قومون اسان تي ظلم ٿيون ڪن. پنجابي تہ غير قوم آهي ۽ برابر ظالم آهي. اسان جي همدردي اوهان سان آهي. باقي رهيا اردوباز. چڱو، هاڻي جي اسين اوهان ڪي ثابت ڪري ڏيکاريون تہ اُهي قوم ئي ڪونہ آهن، تہ پوءِ اوهان جو مٿن ڪيس خارج ٿيو ڪي نہ؟ اسين اردوبازن جي ڪا قوم ئي ڪونہ آهيون تہ ظالم قوم ڪٿان ٿينداسين؟ “ ائين چئي، هو وڏن عالمانہ فاضلانہ دليلن سان اِهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪريو ڏين تہ اردوباز ڪا قوم نہ آهن.

سوال تو اٿي تہ ائين آهي ڇا تہ ڦرلٽ فقط تڏهن ٿئي ٿي، جڏهن اِها فقط هڪڙيءَ ساڳيءَ قوم جا ماڻهو ڪن؟ ڦورو ڏاڙيلن ڪي ڦورو ۽ ڏاڙيل فقط تڏهن ڪوني سگهبو ڇا، جڏهن هو فقط هڪڙيءَ قوم جا هجن؟ مختلف قومن جي ماڻهن جي گڏيل ڦورو

ٽولي کي ظالم ۽ جابر نہ چئي سگھبو ڇا؟ ڇا، نادر شاھ جي ڌاڙيل سپاهين ۾ سڀ ايراني قوم جا ماڻهو هئا؟ هٽلر جي ڦورو ۽ قاتل سپاهہ ۾ سڀ جرمن هئا ڇا؟ منجهن اٽليءَ، هنگري، آسٽريا وغيره قومن جا سپاهي ڪونہ هئا ڇا؟ جيڪي انگريز هندستان کي لٽيندا هئا، سي سڀ انگلنڊ جا هئا ڇا؟ نيپئر تہ آئرلينڊ جو وينل هو، جا هڪ جدا قوم آهي. انهيءَ ڪري انگريزن جي ڦرلٽ جائز ٿي پئي آهي ڇا؟ يا انگريز ڌاڙيلن مان ڦري شريف ٿي پيا ڇا؟ مهاجر نام نهاد ترقي پسند بزرگ چون ٿا تہ مهاجر قوم نہ پر ثقافتي ٽورائي آهن. جيڪي ماڻهو ٽورا آهن، تہ اهي هروڀرو شريف ٿي پيا ڇا؟ تاريخ ۾ ظالم ٽورايون نہ ٿينديون آهن ڇا؟ هندستان ۽ چين تي جن قومن حملا ڪيا آهن، سي هندستان ۽ چين جي سوين پتيءَ جيترا بہ ڪونہ هئا! يوناني، پٺاڻ، مغل ۽ انگريز سڀ ٽورائيءَ ۾ هئا. الجزائر ۾ فرينچ ڌاڪو ٽورائيءَ ۾ هئا. عربستان ۾ يهودي ٽورائيءَ ۾ آهن. آفريڪا ۾ فاشي گورا ٽورائيءَ ۾ آهن. اُهي سموريون ظالم ٽورايون ۽ اقليتون آهن، جي اڪثريت کي پنهنجي گهر ۾ چور ڪري وينيون آهن.

ڪڏهن وري چيو وڃي ٿو تہ "اردوباز ٽولي وارا پاڻ ڦرجي مارجي مظلوم ٿي آيا آهن. اُهي وري ڇا جو ظلم ڪندا هوندا!" ان جو جواب تاريخ ۾ موجود آهي. "مي فلاور" بحري جهاز ۾ چڙهي، جيڪي ڌتڙيل، پيڙيل انگريز آمريڪا پهتا، تن مظلومن اُتي پهچڻ شرط اِتي جي اصلي آمريڪين جو جڻ ٻچو ناس ڪري، سڄي ملڪ تي قبضو ڪري ورتو. اڄ بہ ويچارا باقي بچيل اصلي آمريڪي، يعني ريڊ انڊين، جهنگ جي جانورن وانگر لوڙهن ۾ بند آهن. هٽلر جي دل ڏاريندڙ وحشيانہ ظلمن جي شڪار ٿيڻ کان پوءِ، مظلوم يهودين عربن سان جيڪي ويل وهايا آهن، ۽ گهر ڏٽين کي لوڏي، مهمان مان مالڪ بڻجي، ڏندو ڪٽيو، عربن کي ڊوڙائيندا وتن تنهن جو مثال اکين اڳيان موجود آهي. تاريخ اهڙن معصوم ٽولن جي داستان سان ڀري پيئي آهي، جن پنهنجي ملڪ مان ٽڙجي نڪرڻ کان پوءِ، وڃي ٻين کي پنهنجي گهرن مان ٽڙيو. ارغون بہ تہ وچ ايشيا مان لوڏجي نڪتا هئا ۽ مظلوم ٿي سنڌ ۾ آيا هئا!

هاڻي اچو تہ انهيءَ ئي قسم جي هڪڙيءَ آخري انتها درجي جي چالاڪيءَ جو جائزو وٺون. جيڪي مهاجر تمام ڀاڄهارا، تمام لائق، تمام انصاف پسند ۽ تمام 'ترقي پسند' آهن، سي چون ٿا تہ "بابا! اسين آهيون ئي سنڌي." ۽ پنهنجيءَ پر ۾ هو ائين چئي، ڄڻ تہ سنڌين جي سٿن پيڙهين تي احسان ڪريو ڇڏين. فرض ڪريو تہ سيئي سنڌ دشمن اردوباز اهڙا شريف ۽ لائق ٿي، پاڻ کي سنڌي سڏائڻ شروع ڪري ٿا ڇڏين. پوءِ ڀلا ڪهڙو فرق پيو؟ سنڌين کي ڀلا ڪهڙو فائدو پهتو؟ مثال طور، فرض ڪريو تہ ڪڇھ

چانديا منگسين تي حملو ڪن، هنن جو سمورو مال ملڪيت لٽي ونن، پوءِ وڏيءَ فراخدليءَ سان اعلان ڪن ته ”بابا اسين اڄ ڪان وني پاڻ کي چانديا سڏائڻ ڇڏيو، ڪٽيو تا پاڻ کي منگسي سڏايون، رهيو به اوهان جي پاڙي ۾ تا پئون، اڳتي سدائين منگسي سڏائي اوهان کي ڦريندا سون. ميان! هاڻي ته خوش ٿيا؟“ ڇا ڏاڙيلن جي منگسي سڏائڻ ڪري منگسين جي ڦريل مال ۽ ملڪيت جي تلافي ٿي ويئي؟ ڇا هاڻ ظالم ڏاڙيل سندن پائر ٿي پيا؟ ۽ منگسين کي گهرجي ته ڏند ڪڍي بيهي کلن ۽ خوش ٿين؟

اُنهن نام نهاد ترقي پسند مهاجرن جا ڪي پاليل ۽ سيکاريل طوطا وري ٻي ٻولي تا ٻولين. ڇي، ”ادا آهي ته برابر پنجابين ۽ مهاجرن ٻنهي جو ظلم. پر ٻن محاذن تي ڪيئن وڙهي سگهنداسون؟ اچو ته مهاجرن سان گڏجي پنجابين سان مقابلو ڪريون! مهاجر جڏهن ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار به آهن، ته پوءِ پاڻ چو موقعو وڃايون!“ اِهو ائين آهي جيئن هڪڙو بگهڙ ۽ بيو چيتو ڪنهن گهيٽي کي ڦِري اچن، ۽ بگهڙ ڏاڍيءَ فراخدليءَ سان، ڏاڍي بزرگ واري نموني سان گهيٽي کي چوي ته ”ابا گهيٽا! اسان ٻنهي سان وڙهي ڪونه پڄندين، آءٌ پاڻ چيتي سان ڪونه نهان، تنهنڪري ٻچا تون ڊوڙي اچي منهنجي پيٽ ۾ ويهه، ته ٻيئي گڏجي چيتي سان وڙهون!“

•

نقلي ترقي پسند، سنڌ دشمن ٽولي تي ”عوام“ جي مقدس چادر وجهي، ان کي معصوم ۽ پوتيءَ پاڪ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ڄڻ ته قومون ۽ عوام ڪڏهن به ظالم نه ٿيندا آهن! مارڪس، لينن، اسٽالن ۽ مائوزي تنگ هميشه ظالم ۽ مظلوم قومن جي فرق کي نه رڳو مڃيو ۽ تسليم ڪيو آهي، پر هنن هڪ ترقي پسند جي سڃاڻپ ۽ پرک جي ڪسوٽي ئي اِها نهرائي آهي ته جڏهن سندس قوم ظالم آهي ته ان کي ظالم چئي ٿو يا نه. نه رڳو ايترو، پر هو پنهنجي ظالم قوم جي خلاف پيڙيل قوم جو ساٿ ڏئي ٿو يا نه. جيڪڏهن هو مظلوم قوم جو فرد آهي، ته هن جو، هڪ ترقي پسند هجڻ جي حيثيت ۾، اِهو فرض آهي ته پنهنجي قوم جي جدوجهد ۾ ڀرپور ساٿ ڏئي ۽ ان جي لاءِ هر قرباني ڪري. جيڪو ماڻهو اُنهيءَ ڪسوٽيءَ تي پورو ناهي، ۽ ظالم قوم جو فرد ٿي ڪري پنهنجي قوم کي ڏوهي نه ٿو نهرائي، ان تي پردو ٿو وجهي، چشم پوشي ٿو ڪري، مظلوم قوم جو ڪلم ڪلا ساٿ نٿو ڏئي، ته پوءِ اُهو نه مارڪس جي پيروي ڪندڙ آهي نه لينن، اسٽالن ۽ مائوزي تونگ جي. هو مصنوعي مارڪسي ۽ ڪوڙو ڪميونسٽ آهي. ڪيس ترقي پسند سڏائڻ جو ڪوبه حق نه آهي.

مارڪس جرمن هو. پر سندس جرمن قوم جڏهن 1848ع ۾ اٽليءَ جي قوم سان ڪوڙو تڪرار ڪري، ان کي دٻايو، تڏهن هن اٽليءَ وارن کي لکيو، ”اِنهيءَ تڪرار ۾ اسين (جرمن ترقي پسند) جيڪا روش اختيار ڪنداسين، تنهن جي باري ۾ ڪوبه شڪ نه هئڻ گهرجي. اسين اٽليءَ جي آزاديءَ جي حمايت ڪنداسون. اٽليءَ توڙي جرمنيءَ ۽ پولينڊ ۾، (پنهنجن) آسٽريائي جرمنن سان موتمار مقابلو ڪنداسين. اسين (جرمن ترقي پسند) توهان اٽليءَ جي قوم وارن ڏانهن ڀائپيءَ وارو هٿ وڌايون ٿا ۽ توهان کي ثابت ڪري ڏيکارڻ چاهيون ٿا ته توهان جي قوم تي (اسان جا) جرمن حاڪم جيڪو ظلم ڪري رهيا آهن، تنهن ۾ اسين سندن حصيدار ٿيڻ لاءِ هرگز تيار نه آهيون .... اسين مطالبو ڪنداسين ته وحشي آسٽريائي (جرمن) فوج فورن اٽليءَ مان واپس گهرائي وڃي، ۽ اٽليءَ جي عوام کي حق ڏنو وڃي ته هو جهڙي نموني چاهين، تهڙي نموني جي حڪومت قائم ڪن ....“ (مارڪس ۽ اينجلس جا چونڊ خط، صفحو 46).

جڏهن، 1870ع ۾، جرمن قوم بسمارڪ جي اڳواڻيءَ هيٺ فرانس جي سرحدن ۾ داخل ٿي، تڏهن مارڪس جي ساٿين، ليبنيڪ ۽ بيبل، جرمن پارليامينٽ اندر ڪلم ڪلا تقرير ڪري، پنهنجي قوم کي ننديو ۽ اعلان ڪيو ته اِهو فرينچ قوم سان ظلم آهي. هنن جرمن مزدورن کي هدايت ڪئي ته هو فوج ۾ ڀرتي نه ٿين. اُنهي تقرير جي ڏوهه ۾ ٻنهي تي غداريءَ جو مقدمو هلائي، کين جيل ڏياريو ويو. جڏهن 1867ع ۾، آئرلنڊ جي محب وطن انقلابين کي انگلنڊ خلاف بغاوت جي ڏوهه ۾ سزائون آيون، تڏهن مارڪس جي اڳواڻيءَ هيٺ انگلنڊ جي ترقي پسندن لنڊن ۽ ٻين شهرن ۾ پنهنجي قوم يعني انگريزن جي خلاف ۽ مظلوم آئرلنڊ جي حق ۾ زبردست مظاهرا ڪرايا ۽ اعلان ڪرايو ته انگريز قوم کي ڪوبه حق نه آهي ته آئرلنڊ کي غلام رکي. (چونڊ خط، صفحو 194 ۽ ٻيا.) مارڪس ۽ سندس ساٿي زندگيءَ تائين انهيءَ اصول تي ڪاربند رهيا، ۽ ظالم قوم کي ظالم چوندا ۽ انهن جي مخالفت ڪندا، ۽ مظلوم قوم کي مظلوم چوندا ۽ انهن جي حمايت ڪندا رهيا. مارڪس جي نظر ۾ مزدور طبقو سڀ کان وڌيڪ روشن خيال ۽ ترقي پسند ٿئي ٿو. پر هن جڏهن محسوس ڪيو ته انگلنڊ جو مزدور به مظلوم قوم جو پوريءَ طرح طرفدار ٿيڻ لاءِ تيار ناهي، تڏهن انگريز مزدور طبقي جي مذمت ڪيائين ۽ چيائين ته ”انگلنڊ جو مزدور به سرمائيدار مزدور آهي!“ (چونڊ خط، صفحو 110)

قوميتن جي مسئلي تي لينن جي تعليم ۽ عمل جو ڳوڙهو مطالعو ڪبو، ته ڏسبو ته دنيا جي قومن جي برابريءَ جي علمبردار هجڻ سان گڏوگڏ هن ظالم ۽ مظلوم قومن جي وچ ۾ سدائين فرق ڪيو ۽ مظلوم قومن جي حمايت ڪيائين. انقلاب کان پوءِ

نهايت ناسازگار حالتن ۾ ڪئين مشڪلاتن جي باوجود، هو سختيءَ سان ننڍين قومن جو حمايتي ۽ روسي ناجائز قوم پرستيءَ جو زبردست مخالف رهيو. روسي سلطنت جي فنلنڊ صوبي جي سرمائيدار طبقي، حالتن جو فائدو وٺي، ڪميونسٽن جو ڪوس ڪرايو. لينن، باوجود ان جي، ڪين گهر ويٺي آزاديءَ جو پروانو ڏياري موڪليو. هن اسٽالن ۽ جرجنسڪيءَ جهڙن ننڍين قوميتن جي ڪميونسٽن کي بہ بار بار تاڪيد ڪيو تہ ننڍين قومن کي صحيح معنيٰ ۾ آزادي ڏيو ۽ ڪا بہ بي ايماني نہ ڪريو. هو سخت بيماريءَ جي حالت ۾ بہ ڪين تارن مٿان تارون ڪندو رهيو تہ رپورٽ ڪيو تہ اوهان منهنجي هدايتن تي عمل ڪيو آهي يا نہ. هن ڪيترا پيرا مٿن ننڍين قومن سان انصاف نہ ڪرڻ جا الزام لڳائي، ڪين سخت ڇينڀيو. اسٽالن جو قوميت بابت لکيل ڪتاب ڏيکاري ٿو تہ هو ننڍين قوميتن جي حقن کي ڪيڏي بنيادي اهميت ڏئي ٿو.

مائوزي تونگ جو نظريو اُنهيءَ مان ظاهر آهي تہ هو چوي ٿو تہ ”هر مظلوم قوم جي ماڻهن جي ترقي پسندي ۽ بين الاقواميت ئي اِها آهي تہ هو محب وطن بنجن ۽ ظالم قومن خلاف پنهنجي مظلوم قوم جو ساٿ ڏين ۽ سندس اڳواٽي ڪن.“

جيڪي نقلي ترقي پسند ۽ سندن پاڙهيل ۽ سيڪاريل سنڌي طوطا چون ٿا تہ مارڪسي ترقي پسند فلسفي موجب عوام ڪڏهن بہ ظالم نہ ٿيندو آهي، فقط مٿيون طبقو ۽ حڪومت ظالم ٿيندا آهن، تن کي 1870ع ۾ فرانس طرفان جرمنيءَ تي ڪيل اڳرائيءَ وقت مارڪس جي جرمن ترقي پسندن کي ڏنل هدايت جو مطالعو ڪرڻ کپي. ڪن جرمن ڪميونسٽن، بين الاقواميت جو نالو وٺي، جرمن مزدورن کي چيو تہ ”هي فرينچ ۽ جرمن مٿئين طبقي جي لڙائي آهي، فرينچ عوام جو ڪوبہ ڏوهہ نہ آهي، تنهنڪري فرينچن جو مقابلو نہ ڪجي. پاڻيهي حاڪم پاڻ ۾ جاڙندا. اوهان جو ڪجهہ بہ نہ وڃي.“ اهو ٻڌي، مارڪس سخت ڪاوڙجي ويو. هن لکيو: ”فرينچ قوم جو سمورو عوام اهڙيءَ اڳرائيءَ تي آماده نہ هجي ها، تہ جيڪر (فرينچ بادشاهہ کي جرمنيءَ تي حملو ڪري، ساڻس) جنگ جاري رکڻ جي همت ئي نہ ٿئي ها. فرينچ سرمائيدار، فرينچ وچون طبقو، فرينچ هاري ۽ فرينچ رازا ۽ مزدور .... (سڀ اڳرائيءَ لاءِ آتا آهن). جيستائين سندن مغز مان اِها اڳرائيءَ واري هوا بنهہ چڱيءَ طرح ناهي نوڪي نہ ڪڍبي، تيستائين جرمن ۽ فرينچ قومن ۾ صلح ٿيڻ ناممڪن آهي“ (چونڊ خط، صفحو 242). اڳتي هلي، جڏهن جرمنن فرينچن کي شڪست ڏني ۽ فرينچن جو دماغ ٺيڪ ٿي ويو، تڏهن مارڪس هڪدم مطالبو ڪيو تہ ”هاڻ فرينچن سان فوراً جنگ بند ڪئي وڃي ۽ ڪانئن ڪوبہ انتقام نہ ورتو وڃي.“ جيڪڏهن اسان جن هنن نام نهاد ترقي پسندن ۾ ذري جيترو بہ

ترقي پسند، ڪميونسٽ ۽ مارڪسي اخلاق هجي ها، ته هو سنڌي، بلوچ، پٺاڻ قومن کي هدايت ڪن ها ته اسان جي ظالم قومن جي اڳراين جو مڙس ٿي مقابلو ڪريو ۽ سندن دماغ مان ڦرلٽ ڪرڻ جي ”هوا ناهي ڪيو“، چاڪاڻ ته جيستائين سندن دماغ مان اِها هوا نه نڪتي آهي، تيستائين پاڪستاني قومن جي وچ ۾ اتحاد جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

مارڪس، لينن، اسٽالن ۽ مائوزي تونگ جي اصولن تي هلڻ جي دعويٰ ڪرڻ وارن جو فرض هو ته هو پنجاب ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌ ۽ ٻين مظلوم قوميتن جي حقن جي حمايت ۾ جدوجهد هلائين ها. لاهور ۽ ڪراچيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي قوميت جي حقن غضب ٿيڻ خلاف مظاهرا ڪرائين ها. لڪين انصاف پسند مهاجر ۽ پنجابي رهبر، ڪارڪن مزدور ۽ عوام مطالبو ڪن ها ته ننڍين قوميتن کي ون يونٽ جي زنجيرن مان آزاد ڪيو وڃي! لائلپور، راولپنڊي، سيالڪوٽ، ڪراچيءَ جا ترقي پسند اعلان ڪن ها ته اسان جون قومون ظلم ٿيون ڪن، اهو بند ٿيڻ گهرجي. پوءِ مڃجي ها ته برابر پنجابي ۽ مهاجر ترقي پسند واقعي ترقي پسند ۽ مارڪسي اصولن جا علمبردار آهن، لينن جا صحيح پيرو آهن، اسٽالن ۽ مائوزي تونگ جا سچا مبلغ آهن.

هنن ترقي پسندن جي زبان تي اٽندي ويهندي مارڪس ۽ ٻين عظيم بين الاقوامي ليڊرن جو نالو آهي، پر انهن انقلابي تعليم جي اٿاه خزانن کي سدائين اردوءَ تائين محدود رکيو ۽ سنڌي، پنجابي، بلوچي ۽ پشتو عوام تائين پهچائڻ جي ضرورت نه سمجهي. برهمڻن وانگر هنن انهيءَ عظيم ترقي پسند ادب کي سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ شودرن جي ڪنن جي لائق نه سمجهي، ان کي فقط اردو پڙهندڙن اڳيان پيش ڪيو. هنن 20 سالن جي لمبي عرصي ۾ هڪڙو به سنڌي اهڙو پيدا ٿيڻ نه ڏنو، جنهن کي وٿائن ترقي پسنديءَ جي فل ڪورس پاس ڪرڻ جي سَند مليل هجي. هو سال بسال ٻه چار ننڍڙا طوطا ڦاسائيندا آهن، جيڪي ٻه ٽي سال سيڪاريل جملا وري وري دهرائيندا آهن، عوامي جلسن ۾ ڪنبي هٽندا آهن، ۽ هيڏانهن هوڏانهن ٽَٽ ٽَٽ ڪندا آهن ۽ سنڌ جي آزمايل عوامي ورڪرن ۽ رهنمائن کي ٺونگا هڻندا آهن. تان جو هو نيٺ پاڻ به ڪجهه سمجهه پريا ٿيندا آهن، ۽ هِن سڄي ڊونگ جي تهه ۾ رولو ڏسي، اعتراض ڪندا آهن. پوءِ ڏاڍي آرام سان کين رجعت پرست، سست، ڪاهل ۽ نڪمو وغيره جا لقب ڏيئي، سندن پر ڪاٽيا ويندا آهن، ۽ وري ٻيا ننڍڙا طوطا ڦاسائبا آهن. مطلب ته واڳون سرڪار ۾ به هنن وٽ ته مخالف پارٽين ۾ به هنن وٽ. رجعت پرستن جي امامت به انهن لاءِ مخصوص، ته ترقي پسندي به سندن واسطي رزرو ٿيل.

## سس پس مهم

سنڌ جي ماڻهن پاڪستان ۽ اسلام جي نالي ۾ ساڻن ٿيل دوکي کي جڏهن ڳچ دير تائين پروڙيو، تڏهن ازخود منجهن سوچ ۽ ڄُرپُر پيدا ٿي، پنهنجي خاص حالتن موجب هنن انهيءَ جي مقابلي ڪرڻ جي تحريڪ هلائي. نقلي ترقي پسندن اُنهيءَ تحريڪ ۾ ڏقيڙ وجهڻ جو ڪوبہ موقعو هٿان وڃايو. جي ايم سيد، جنهن کي سڀ کان پهريائين لياقت علي خان جي آپيشاهي جو تجربو ٿي چڪو هو ۽ جنهن سڀ کان پهريائين اسلام ۽ مسلم ليگ جي نالي ۾ ٻاهرين مداخلت ۽ دٻاءَ خلاف احتجاج ۽ مقابلي ڪرڻ جي جرئت ڪئي، تنهن تي هڪ طرف سنڌ دشمن پريس، ليڊرن ۽ عام ماڻهن زهريلا ۽ ڪمينا حملا ڪيا ۽ پنهنجي سرڪار هٿان ڪيس سزائون ڏياريون، تہ ٻئي طرف هنن نقلي ترقي پسندن بہ رات ڏينهن سندس خلاف سُس پس جي شرير مهم هلائي، سنڌ جي سماجي شعور رکندڙ نوجوان طبقي کي ڪانئس بدظن ڪيو. اهڙيءَ ريت ٻنهي طرفن کان سندس پَر ڪٽيا ويا. مون کي ياد آهي تہ جڏهن پهريون ڀيرو مارشل لا وارن حيدر بخش جتوئيءَ کي قيد ڪيو، تڏهن نقلي ترقي پسندن جي سُس پُس جي مشينري حرڪت ۾ آئي هئي ۽ ماڻهن کي سيکاريائون تہ ”جتوئي تہ وڏيرن جي ڊِلن گهٽائڻ لاءِ جيل ويو آهي، عيوضي بہ وڏيرن جو آهي!“ ساڳيءَ طرح ٻين ڪارڪنن مان ڪن کي مُلو، ڪنهن کي رجعت پرست ۽ ڪنهن کي وهم پرست جا لقب عطا ڪري، اندران ئي اندران سندن پاڙون ڪٽيون ويون. اُنهن کي پاڻ ۾ ويڙهائي، پنهنجي تابع رکڻ لاءِ هر هڪ جي واري واري سان پنهي ٺپري ويندي آهي تہ ”سچو ترقي پسند تون آهين، ٻيا هڙيئي رجعت پرست آهن!“

وري جڏهن اُهو سَند مليل سنڌي ترقي پسند سنڌ جي حقن جي حفاظت جي سوال تان ڪو اعتراض ڪندو آهي، تہ هڪدم ڪيس رجعت پرست سڏي، ٻئي کي دام ۾ آندو ويندو آهي، ۽ هن کي ثابت ڪري ڏيکاريو ويندو آهي تہ ”تون ترقي پسنديءَ جي سَند لاءِ اسان جي رحم ڪرم جو محتاج آهين. جي اسان جي فرمانبرداري نہ ڪندين، تہ تنهنجي خلاف فتوىٰ ڪڍي، توکي سموري پاڪستان جي ترقي پسندن ۾ بدنام ڪنداسين.“ اهڙيءَ ريت، هي ترقي پسند پوپ معافي نامن جي مٿا سٽا ۽ واپار ڪندا رهيا آهن، ۽ عوامي جمهوري ڪارڪنن ۽ اڳواڻن مٿان سدائين سندن مخفي فتوائن جي تلوار لٽڪندي رهي آهي.

هو پاڪستان اندر قومي آزاديءَ جي جذبن ۽ جدوجهد جو طبقاتي ۽ انقلابي جوهر پرکي نہ سگهيا. هو دل ۾ ان کي هڪ وچڙندڙ بيماري سمجهي، اُن جي اندروني

مخالفت ۽ ظاهراً منافقائيءَ واري تائيد ڪندا رهيا. ۽ موقعي ملڻ شرط، گس هلندي، اک بچائي، قومي تحريڪ جي هلندڙ گاڏيءَ جي ڦيٿن مان هوا ڪڍي ڇڏيندا هئا يا ان کي پنڪچر ڪري ڇڏيندا هئا.

دراصل يو- پي ۽ پنجاب جي جاگيردار ۽ هن نام نهاد ترقي پسند ٽولي جا مقصد ساڳيا ئي هوندا هئا ۽ آهن. يعني ننڍين قومن جي وجود کان انڪار ڪرڻ، قومي تحريڪن کي اندران ئي اندران ڏک هڻڻ ۽ ڪين پنجاب ۽ يو- پيءَ جي سياستبازن جو غلام رکڻ. فرق فقط هي هو تہ:

(1) پهريون ٽولو پاڪستان جي قومن کي يو- پيءَ ۽ پنجاب جي جاگيردار ۽ سرمائيدار سياستدان جو غلام رکڻ چاهي ٿو، ۽ ٻيو نام نهاد ترقي پسند ٽولو ڪين يو- پيءَ ۽ پنجاب جي وچين، پڙهيل ڳڙهيل طبقي جو غلام بنائڻ گهري ٿو.

(2) پهريون ٽولو اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ ننڍين قومن جي وجود ۽ حقن کان انڪار ڪرڻ گهري ٿو، تہ ٻيو ٽولو سوشلزم ۽ انقلاب جي نالي ۾ ساڳي ڪار ڪرڻ گهري ٿو.

(3) پهريون ٽولو اسلام ۽ پاڪستاني برادريءَ جي نالي ۾ ننڍين قومن جي وجود ۽ حقن تي ڏاڙو هڻڻ گهري ٿو، تہ ٻيو ٽولو اُهو ڏاڙو سوشلسٽ ۽ طبقاتي برادريءَ جي نالي ۾ هڻڻ گهري ٿو.

(4) پهريون ٽولو قومي تحريڪ ۽ ان جي علمبردارن کي هيسائڻ ۽ بدنام ڪرڻ لاءِ مٿن پاڪستان دشمن، اسلام دشمن ۽ علاقائي تعصب جون تهمتون هڻي ٿو، ۽ ٻيو ٽولو مٿن انقلاب دشمن، وڏيرا پرستيءَ ۽ رجعت پرست قوم پرستيءَ جا بهتان مڙهي ٿو.

(5) پهريون ٽولو قومي تحريڪ خلاف علي الاعلان جبر ۽ ڏاڍ کان ڪم وٺي ٿو ۽ آمهون سامهون حملو ڪري ٿو. ٻيو ٽولو ظاهري همدرد بنجي، اندران قومي تحريڪ جي علمبردارن جون گلائون ڪري، ڪوڙا افواهہ ڦهلائي، منافقيون ڪري، ڪوڙيون همدرديون ۽ سرجوشيون ڏيکاري، پنهنجن چاڙتن جي قربانين جا ڪوڙا ۽ من گهڙت افسانا ڦهلائي، سيني ڪان اڳ قومي تحريڪ جو وارث بنجي، اُن جا لاهہ ڪڍي ٿو.

اُنهن ٻنهي ٽولن جي جنڊ جي ٻن پڙن وچان ڪنهن بہ قومي تحريڪ جي رهبر جو صحيح سلامت بچڻ ناممڪن هو. نقلي ترقي پسند قومي تحريڪ ۽ قومي ڪارڪنن جي پٺ وٺيو ايندا رهيا ۽ قدم قدم تي سنڌن راهہ ۾ ڪنڊا پوکيندا رهيا ۽ ڪين اندران ئي اندران سنڌ ۽ پاڪستان ۾ بدنام ڪري، پنهنجا هٿ ٺوڪيا ماڻهو سنڌن خلاف ڪڙا

ڪري، انهن کي هشيون ۽ ٽيڪرون ڏيئي، قومي سياست کي ناڪام بنائيندا رهيا. هن ٽولي قومي تحريڪن جي سيني مورچن تي پنهنجا هٿ ٺوڪيل قابض ڪري ڇڏيا آهن، جي اشاري ملڻ تي قومي تحريڪ جي رهنمائن کي بليڪ ميل ڪري، ڪين بيواهه ڪري سگهن ٿا، ۽ هو پنهنجن پيرن هيٺان زمين کسڪندي ڏسي، بظاهر "پنهنجن" کي بہ مخالف ڏسي، لاچار هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا.

پنجاب ۽ يو- پيءَ جي انهيءَ "ترقي پسند" ٽولي جو ڄار سڄي پاڪستان ۾ ڦهليل آهي. اُن ڄار کي هو مختلف طريقن سان استعمال ڪري، سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ ان جي ڪارڪنن کي اپاهج بنائي سگهيا آهن:

(1) پهريون تہ هو سنڌ خواهہ پاڪستان جي سيني حصن ۾ جنهن کي چاهين، تنهن کي رات وچ ۾ ليڊر مشهور ڪري سگهن ٿا. انهيءَ ليڊرساز فئڪٽريءَ ڪيترا ئي نقلي شاگرد ليڊر، نقلي هاري ليڊر، نقلي سنڌي قومي ليڊر ۽ نقلي دانشور تيار ڪيا ۽ ڦٽايا آهن. اهڙا جڙتو ليڊر سنڌن اشاري تي هلي، سنڌ ۽ پاڪستان جي ٻين قومن جي محب وطن ڪارڪنن کي پاڪستان جي سطح تي بي يارو مددگار ڪري سگهن ٿا ۽ ڪندا رهيا آهن. هو هر وقت، هر هنڌ، هر مورچي تي "اڪثريت" حاصل ڪري سگهن ٿا.

(2) ٻيو تہ هو چپ چاپ ماٺ ميٺ ۾ ڪنهن بہ ڪارڪن يا تحريڪ جي خلاف سڄي پاڪستان ۾ ٻيڪ وقت خفيہ پروپئگنڊا جي مهم هلائي، ان لاءِ زهريلي فضا پيدا ڪري سگهن ٿا. جيئن تہ سڀ حرڪتون چپ چاپ ۾ ٿينديون رهنديون، تنهنڪري واسطيدار کي پتو ڪونہ پوندو تہ پردي پٺيان ڪهڙو کيل کيڏجي رهيو آهي! مطلب تہ مڪمل منافقيءَ ڪان ڪم ونڻ کي "انقلاب" جو بنيادي اصول ڪري ورتل آهي. تنهنڪري اهي سمورا مخالف ۽ سازش ڪندڙ اشراف ٿيو، ظاهري طور اڳلي جا قصيدا پڙهندا ايندا ۽ اڳلي کي خبر پوڻ ئي ڪونہ ڏيندا تہ اسين تنهنجي خلاف ڪهڙو ممڻ مچايو وينا آهيون. هو پنهنجيءَ پر ۾ ڪين پنهنجو همدرد ۽ ساٿي سمجهيو وينو هوندو تان جو عين وقت تي سڀ ڦري ويندس ۽ هو اڪيلو رهجي ويندو.

(3) انهيءَ مڪروهہ ۽ عوام دشمن سازش ۾ ڪين اردو پريس جي مڪمل حمايت حاصل هوندي، جو ان ۾ سندن اشاري تي جڙتو ليڊرن جا بيان ڇاپي، ڪين سڄيءَ سنڌ بلڪ پاڪستان ۾ مشهور ڪري، اُنهن کي ڪڏي ڪم ڪرڻ جي لائق بنائيندا آهن.

(4) سنڌ جي سياست مڪمل طور وڏيرن جي هٿن ۾ هئي ۽ آهي. وچون پڙهيل ڳڙهيل طبقو ڪافي تعداد ۾ موجود نہ هو. پڙهيلن جي بہ علمي سطح تمام هيٺ پئي رهي آهي. منجهن سياسي علم ۽ شعور ناپيد هو. موجوده جديد انقلابي نظرين جي

اونهي مطالعي جي ڪنهن ۾ بہ پهچ ڪانہ هئي. تنهنڪري هي ٽولو انقلاب ۽ سوشلزم جي نالي ۾ پنهنجي گادي بنا خطري قائم رکندو اچي.

طبقاتي ڪشمڪش جي سائنسي سچ کي هنن ايڏيءَ بي درديءَ، ايڏيءَ بي ايمانيءَ ۽ ايڏي فريب سان استعمال پئي ڪيو آهي، جو اُهو سچ هِنن جي واتان ڦري هڪ عظيم ڪوڙ ٿي پيو آهي.

مارڪس، لينن ۽ ٻين انقلابي استادن کي وهم ۽ گمان ۾ بہ ڪونہ هوندو تہ اڳتي هلي، ڪي مڪار سندن تعليم ۽ اصولن جو اهڙو واهيات مذاق اڏائيندا ۽ اُنهن کي ايڏو بدنام ڪندا.

["تحريڪ"، ڊسمبر 1972ع ۽ جنوري، فيبروري 1973ع]

# قومي جدوجهد جو پناهگير پنجابي نقلي ترقي پسند نظريو

## پس منظر

پناهگير پنجابي نقلي ترقي پسند نظريي کي سمجهڻ لاءِ پناهگير پنجابي نقلي ترقي پسندن کي سمجهڻ ضروري آهي. اُنهن کي سمجهڻ لاءِ وري خود پناهگير ٽولي ۽ پنجابي قوم جي تاريخي پس منظر کي سمجهڻ ضروري آهي.

## پناهگير ٽولي جو تاريخي پس منظر

هن مضمون جي مقصد لاءِ اصلي پناهگير ٽولو اسين ان کي ليکينداسين، جنهن جي مادري ٻولي اردو آهي. اردو لشڪري ٻولي آهي، ان لشڪر جي ٻولي جيڪو افغان، مغل ۽ ايراني، سامراجي جاگيردارن ۽ قبائلي سردارن طرفان اتر ورهايل هندستان يعني هندستان ۽ پاڪستان جي هندو توڙي مسلمان قومن کي غلام بنائي، ڦرڻ لٽڻ لاءِ، هڪ هزار سالن تائين هندستاني پاڪستاني هندو مسلمان قومن جي سيني تي چڙهيو ويٺو هو. انهيءَ ٻاهرئين لشڪر تي ٽڏڻ وارن پنهنجي جيئڻ مرڻ جو ناتو هند پاڪ ڌرتي ۽ ان جي هندو مسلمان پورهيت عوام سان ڳنڍڻ بدران ڌارئين حملو ڪندڙ افغان، مغل ۽ ايراني سامراجي غلام بنائيندڙ ڦورن سان ڳنڍي ڇڏيو هو. هزارها سال هند پاڪ ننڍي کنڊ ۾ رهڻ کان پوءِ به هو هندستان جي هندو توڙي مسلمان قومن سان ملي هڪ نه ٿيا. هو پاڻ کي هڪ مٿانهون، اعليٰ ۽ برتر نسل ۽ حاڪم ٽولو تصور ڪندا رهيا، ۽ عوام جي برخلاف پنهنجا عوام دشمن ۽ سامراج پرست سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي مفاد ۽ مورچا قائم ۽ مضبوط رکيو آيا. اُهي مفاد ۽ مورچا هندستان ۽ پاڪستان جي مظلوم پورهيت هندو مسلم عوام جي سيني ۾ سدائين هڪ ڌارئين خنجر وانگر تنبيل رهيا. جيئن اڄ امريڪي سامراج پنهنجي دهشت، ڦرلٽ ۽ خونخواريءَ تي پردي وجهڻ لاءِ، پنهنجي ڪرتوتن تي ”آزاد دنيا ۽ جمهوريت“ جو پردو لٽڪائي ڇڏي، تيئن اُنهيءَ ٽولي پنهنجي رهزن ۽ ڦورو مفادن جي ڀيانڪ عوام دشمن حقيقت مٿان اسلام، اسلامي سلطنت ۽ اسلامي تهذيب ۽ ثقافت جا پردا ۽ سائين بورڊ هڻي ڇڏيا. جڏهن انگريز آيا،

تڏهن هو ڪجهه دير ڪان پوءِ هڪدم نون آقائن سان ملي ويو. اڄ اُهو ٽولو مجموعي طرح افغان، مغل، ايراني، ترڪ ۽ انگريز ڌارين سامراجين جي هزارين سال پراڻي ڦورو ۽ رهزن سامراجي سياست، اقتصادي سرشتي، ثقافت ۽ ذهنيت جو وارث ۽ جانشين آهي. اهو اڄوڪين بدليل حالتن ۾ پنهنجا ساڳيا سياسي، اقتصادي ۽ ثقافتي مفاد ۽ مورچا بدليل روپن ۾ قائم رکڻ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي. هو توڙ ڪان وٺي سخت تعصبي ۽ اڳرائيءَ واري ڪٽر قوم پرستيءَ ۾ مبتلا رهيو آهي. اُن قوم پرستيءَ مختلف زماني ۾ مختلف روپ اختيار پئي ڪيا آهن ۽ اها مختلف دورن مان لنگهي آهي. *[لينن لکي ٿو: "بين قوم پرستن وانگر مها روسي اڳرائيءَ واري قوم پرستي به مختلف دورن مان لنگهي آهي. . . . 1905ع تائين فقط اڳهاڙي رجعت پرست قوم پرستيءَ جو زور هو. 1905ع واري انقلاب کان پوءِ مها روسي قوم پرستيءَ هن ملڪ ۾ فراخدليءَ جو چوغو اوڍيو. . . . اڳتي هلي، اها جمهوريت پسنديءَ جو لباس پائيندي. . ." بئي هنڌ لينن اڳرائي ڪندڙ ڪٽر ۽ تعصبي مها روسي قوم پرستيءَ جي سوشلسٽ چوغي پهرڻ جو بيان ڪيو آهي ۽ ان جا پول پڌرا ڪيا اٿس. "قومي سوال": لينن، صفحو 115]* اڄوڪي دور ۾ ان جا ڪيئي روپ بهروپ آهن. مثلاً، پناهگير ڪٽر قوم پرستيءَ جو پناهگير مُلي مودوديءَ جي جماعت اسلاميءَ وارو اسلامي روپ ۽ لياقت عليءَ وارو مسلم ليگي ۽ مها پاڪستاني روپ، وغيره. انهن مان سڀ ڪان هوشيار ۽ ڪارگر بهروپ آهي "انقلاب ۽ ترقي پسنديءَ" جو بهروپ. اهو روپ جماعت اسلاميءَ ۽ مسلم ليگ واري پناهگير قوم پرستيءَ جي روپ ڪان ڪئين دفعا وڌيڪ ڪامياب روپ آهي. البت ان جو مقصد به اهوئي آهي، جيڪو مودوديءَ ۽ لياقت عليءَ واري پناهگير قوم پرستيءَ جو آهي ـ يعني، پاڪستان کي پناهگير ٽولي جي جاگير بنائي، پناهگير ٽولي کي افغان، مغل ۽ ايراني ڦورو سامراجين جو گادي نشين قائم رکڻ. جيڪڏهن جماعت اسلامي ۽ ليگ پناهگير ڪٽر قوم پرستيءَ جون هوائي يا بري فوجون آهن، ته نقلي ترقي پسندي وري ان جو بحري ٻيڙو آهي، جو پناهگير قوم پرستيءَ جي شڪار کي هينان زيرآبين ذريعي تارپيڊو هڻي پورو ڪري ٿو.

## پنجابي قوم جو پس منظر

پنجابي قوم هزارين سال ڌارين حملہ آور ڌاڙيل ٽولن جو شڪار رهي آهي. سنڌ ته اڃا ڪافي وقت، ڪنهن حد تائين خودمختيار سنڌي حڪومتون ڏٺيون آهن. پر پنجاب رنجيت سنگهه کان اڳ ڪا به خودمختيار پنجابي حڪومت ڪونه ڏٺي. سِک تحريڪ

مذهبي روپ ۾ پنجابي عوام جي هڪ حصي جو مغل سامراج خلاف احتجاج هو. پنجاب جي شاعري ۽ عوامي ادب پنجابي عوام جي مظلوميت، وطن دوستيءَ ۽ انسان دوستيءَ جو خوبصورت آئينو آهي. رنجيت سنگهه پنجاب جو پهريون خودمختيار پنجابي حاڪم هو، جنهن پنجاب جي قومي شخصيت کي پهريون دفعو تاريخي اسٽيج تي آندو. رنجيت سنگهه هڪ طرف افغان سامراج جي مخالفت ڪئي، ته ٻئي طرف ان کان بہ بدتر انگريز سامراج سان اتحاد ڪيو ۽ ان جي سامراجي پاليسين ۾ چوٿو پائيوار ٿيو. سنڌ خلاف انگريز، پناڻ ۽ پنجابي سازش جو رنجيت سنگهه اهم ڪارڪن هو. پنجابي فوجون انگريز پاران ڪابل تي چڙهي ويون. سکن جو راڄ پورو ٿيو، پر پنجاب جي جاگيردار طبقي طرفان انگريزي سامراج جي چوڪيداري ختم ڪا نہ ٿي. جيئن قزاق سوين سال روسي سامراج پاران يورپ ۽ ايشيا جي مظلوم قومن لاءِ جلاد بنيا رهيا، تيئن پنجاب جي مسواڙي فوج ايشيا ۽ آفريڪا جي مظلوم قومن لاءِ انگريز سامراج جي پگهاردار جلاد بني رهي. پنجابي جاگيردارن انگريز پرستيءَ ۾ ”فنا في الانگريز“ جو مرتبو وڃي حاصل ڪيو. 1857ع واري هند پاڪ آزاديءَ جي جنگ ۾ پنجابي جاگيردارن ۽ پنجاب مان ڀرتي ڪيل مسواڙي فوج بدترين عوام دشمن ۽ وطن دشمن ڪردار ادا ڪيو. پنجابي نوجوانن کي انگريزن وٽ وڪٽي، جاگيرون ۽ لقب ونڻ، پنجابي زميندارن ۽ جاگيردارن جو پيشو ٿي پيو. انگريز پرستيءَ ۾ پنجابي جاگيردار ۽ زميندار پنهنجي ٻولي، پنهنجي ثقافت ۽ پنهنجي تاريخي ورثي کي وڪٽي ڇڏيو. دنيا ۾ شايد ئي ڪو اهڙو مثال هجي، جو ڪنهن قوم پنهنجي رضا خوشيءَ، بلڪ وڏي فخر سان پنهنجي پنهنجي هزارين سالن جي تاريخي ورثي کي ائين ترڪ ڪيو هجي. پنجاب جي نفري تعداد ۽ انگريز سامراج سان سازباز ڪري حاصل ڪيل ترقيءَ سبب، پنجابي قوم پاڻ کي پاڪستان جو ”اصلي تي وڊو“ مالڪ سمجهي ٿي ۽ پاڻ کي مسلمان ملڪن جي جاگيردارن، شيخن ۽ بادشاهن جو ليڊر ڏسڻ چاهي ٿي. ۽ اهڙيءَ ريت پنجاب جا جاگيردار ۽ نوان اپرنڊڙ سرمائيدار نہ رڳو پاڪستان پر سمورن مسلمان ملڪن کي پنهنجو جائز ۽ حلال شڪار سمجهن ٿا. پنجاب جو نقلي ترقي پسند، پنجابي جاگيردار ۽ سرمائيدار طبقي جي اُنهن ساڳين مقصدن کي ٿورڙيءَ ردوبدل سان ۽ پنهنجي طريقي سان پورو ڪرڻ گهري ٿو. پنجابي پناهگير زميندارن، سرمائيدارن ۽ وچين طبقن جو پس منظر مختلف آهي، ۽ سندن وچ ۾ ڪيتريون قومي رقابتون آهن، پر هڪڙيءَ ڳالهه تي هو سڀ متفق آهن. اُها هيءَ تہ پاڪستان جي مظلوم ۽ پوئتي پيل قومن، سنڌين، بلوچن ۽ پٺاڻن کي ڦرڻ لٽڻ ۽ غلام بنائڻ سندن پيدائشي حق آهي؛ سندن مختلف ٽولا آهن. ڪي پنهنجو اُهو حق قرآن ۽

حديث، قائد اعظم جي فرمودن ۽ اقبال جي تعليم وغيره مان ثابت ڪن ٿا. پنجابي پناهگير نقلي ترقي پسند ٽولو ساڳيو اهو حق ”ڪميونسٽ پٽرنامي“ مان ثابت ڪرڻ گهري ٿو، ۽ مارڪس اينجلس، لينن ۽ مائوزي تونگ کي پنهنجو شاهد ورائي ٿو. انهن سَندن ۽ نعرن جي اختلاف کان سواءِ بنيادي طور منجهن ڪوبہ اختلاف ڪونهي.

## پاڪستان جي اقتصادي ۽ سياسي ڇنڊڇاڻ

پاڪستان جي موجوده اقتصادي ۽ سياسي ڇنڊڇاڻ ڪبي تہ هينيون حقيقتون ملنديون:

1 ـــ پاڪستان جا بنيادي وسيلا ۽ سياسي قوت، پنجابي پناهگير زميندار ۽ سرمائيدار جي قبضي ۾ آهن. 2 ـ انهن جا بہ چوٿا پائيوار ۽ ايجنٽ آهن: هڪڙو پنجابي پناهگير وچون طبقو، ٻيو پاڪستان جي مظلوم قومن يعني سنڌ ، بلوچستان ۽ سرحد جو وڏيرو، خان ۽ سردار طبقو. 3 ـ انهن وڏيرن، خانن ۽ سردارن جو ايجنٽ چوٿو پائيوار طبقو وري انهن مظلوم قومن جو اُسرندڙ وچون طبقو آهي، جو ڄڻ تہ ’گولا جي گولن جا تن جو بہ غلام‘ آهي.

پنجابي پناهگير زميندار سرمائيدار طبقو پاڪستان جي سيني مظلوم طبقن ۽ قومن جو مکيہ گڏيل دشمن آهي. اهو سڀ کان پهرين پنجاپي پناهگير مسڪين ۽ پورهيت عوام کي غلام بنائي، پوءِ مظلوم قومن جي عوام کي غلام بنائڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي. مارڪس سچ چيو آهي، ”جيڪا قوم ٻيءَ قوم کي غلام بنائي ٿي، سا پاڻ ڪڏهن بہ آزاد ٿي نٿي سگهي.“ انهن غلام بنائيندڙن جو پهريون نزلو پناهگير پنجابي عوام تي ڪري ٿو. پر جيڪڏهن پناهگير پنجابي پورهيت ۽ مسڪين عوام چاهين، تہ بہ انهن جو تختو اندو ڪري نٽا سگهن، چو تہ هنن جون پاڙون هاڻ رڳو ڪراچيءَ ۽ پنجاب ۾ نہ آهن. هنن جي طاقت جو سڀ کان وڏو وسيلو اُها ڦرلٽ آهي، جيڪا هو پاڪستان جي مظلوم ۽ پوئتي پيل صوبن مان ڪندا رهيا آهن. اتي جي ڦرلٽ ئي کين اُهو موقعو ڏئي ٿي تہ هو پنهنجي چوٿي وچين ۽ هينئين طبقي جي ڪن حصن کي، سنڌ وغيره ۾ پراين زمينن، نوڪرين، واپار ۽ سياسي فائدن جي رشوت ڏيئي، کين پاڙت ڪري، پاڻ سان ملائي، انهن جي معرفت پناهگير پنجابي عوام جي سياسي سمجهہ کي مڏو ڪن ٿا ۽ کين برغلائي پنهنجي دائمي ۽ اصلي دشمن جي دلال ٽيڻ تي آماده ڪري سگهن ٿا. انهيءَ ذريعي هو پناهگير پنجابي عوام جي سياسي قوت کي اندران سُري وانگر کائي چٽ ڪن ٿا ۽ پنهنجي عوام دشمن مفادن ۽ راڄ جي بچاءُ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا. ان

ڦرلٽ ذريعي جيڪا سياسي قوت هو گڏ ڪن ٿا، سا هو نہ رڳو سنڌي، پناڻ ۽ بلوچ قومن خلاف استعمال ڪن ٿا، پر ضرورت پوڻ تي خود پنجابي پناهگير هارين، مزدورن خلاف استعمال ڪري سگهن ٿا ۽ ڪندا بہ رهيا آهن. ٻين لفظن ۾، هن پنجابي پناهگير زميندار ۽ سرمائيدار جي ٽولي جي طاقت جون پاڙون پاڪستان جي مظلوم صوبن ۾ آهن. اتي ئي کين وڏيڪ مضبوطي ملي سگهي ٿي ۽ اتي ئي سندن طاقت کي سڀ کان وڏيڪ ڌڪ رسي سگهي ٿو. جي سنڌس اهي مورچا مضبوط آهن، تہ هو بنا روڪ ٽوڪ جي خود پنجابي پناهگير عوام کي ڦري، لٽي ۽ غلام رکي سگهي ٿو. پر سندن اهي مورچا ختم ٿي يا ڪمزور ٿي پون، تہ پوءِ خود پنجابي پناهگير عوام لاءِ پنهنجي گهرن ۾ ساڻن مقابلو ڪرڻ نہ رڳو ممڪن پر آسان ٿي سگهي ٿو. اهڙيءَ ريت غور سان ڏٺو ويندو تہ پناهگير پنجابي عوام جي نجات جي چابي پاڪستان جي مظلوم قومن جي جدوجهد جي هٿ ۾ آهي. جي پنجابي پناهگير پورهيت عوام چاهين تہ ان جدوجهد کي مضبوط ڪري ۽ پنهنجي دشمن کي ڪمزور ڪري، پنهنجي نجات حاصل ڪري سگهن ٿا، ۽ پاڻ وٽ صحيح معنیٰ ۾ عوامي اقتدار ۽ عوامي راڄ قائم ڪري سگهن ٿا. ٻيءَ حالت ۾ هو پنهنجي حاڪم طبقن جا چاڙتا بنجي، مظلوم قومن جي ڦرلٽ مان حصا پتيون وٺي، مظلوم قومن جي حقن جي جدوجهد جي مخالفت ڪري، ان کي ڪمزور ڪري پنهنجي اصلي دشمنن کي مضبوط ڪري سگهن ٿا. اهڙيءَ حالت ۾ کين عارضي فائدو ٿيندو، پر دائمي طرح سندن غلاميءَ جو ڳٽ وڏيڪ مضبوط ٿيندو ۽ سندن زمينداري ۽ سرمائيداري راڄ کان نجات جون سندن واهون بند ٿي وينديون. انهيءَ حالت ۾ پنجابي قوم ۽ پناهگير ٽولي جي عوام جو سچو خيرخواه ڪير آهي، تنهن جي سڃاڻپ ۽ ڪسوٽي اِها آهي تہ آيا هو پناهگير پنجابي عوام جي سچن ساٿين يعني مظلوم قومن جي عوام سان اتحاد ڪري ٿو يا نہ؟ ۽ پناهگير پنجابي عوام جي اصلي ويرين جي با اصول، مڪمل، هرهنڌ ۽ هر مورچي تي مخالفت ڪري ٿو يا نہ؟ جيڪڏهن هو ائين نٿو ڪري، پوءِ عوام دوستيءَ جا ڪيڏا بہ ڪٽي نعرا هڻي تہ بہ هو پناهگير پنجابي عوام جو اصلي دشمن ۽ انهن جي دشمن يعني پناهگير پنجابي زميندارن ۽ سرمائيدارن جو حقيقي دلال آهي. مارڪس انهيءَ مسئلي تي هنن لفظن ۾ روشني وڌي آهي: ”مون کي ڏينهون ڏينهن وڌيڪ يقين ٿيندو ٿو وڃي تہ انگلنڊ جو مزدور طبقو هِتي انگلنڊ ۾ تيستائين ڪوبہ فيصلي وارو قدم کڻي نٿو سگهي، جيستائين اُهو (انگلنڊ جي غلام بنايل ملڪ آئرلنڊ بابت) پنهنجي پاليسي، انگلنڊ جي حاڪم طبقن جي پاليسيءَ کان مڪمل طرح چِني الڳ نٿو ڪري، ۽ آئرلنڊ وارن سان نہ رڳو گڏيل محاذ نٿو بنائي پر

اڳتي وڌي ٻين سيني کان اڳ ۾ انگلنڊ ۽ آئرلنڊ جي ون يونٽ کي ٽوڙڻ لاءِ اڳتي نڪتو اچي. اهو قدم ان کي آئرلنڊ سان همدرديءَ طور نه پر خود پنهنجي (يعني، انگريز مزدور طبقي جي) مفادن جي تقاضا طور کڻڻ کپي، جي نه ته انگريزي قوم سدائين انگريز حاڪم طبقن جي رسي ۾ ٻڌي پيئي هوندي، ڇو ته ڪين سدائين حاڪم طبقي سان گڏجي آئرلنڊ خلاف محاذ بنائڻو پوندو .... انگلنڊ جي نجات جو بنيادي شرط اهو ئي آهي ته انگلنڊ جي زميندار طبقي جو تخت اونڌو ڪيو وڃي. اُهو شرط پورو ڪرڻ اجا تائين ناممڪن آهي. ڇاڪاڻ ته جيستائين اهو طبقو آئرلنڊ ۾ پنهنجا مضبوط مورچا قائم رکيو ويٺو هوندو، تيستائين ان جي انگلنڊ وارن مورچن تي جلهه تي نٽي سگهي. (29 نومبر 1869ع، مارڪس جو ڪوگل مين ڏانهن خط.)

مطلب ته پناهگير پنجابي پورهيتن جو صاف ۽ ڇٽو فرض آهي ته مظلوم قومن تي ٿورو ڪري نه، پر خود پنهنجي نجات لاءِ، پنجابي پناهگير زميندار ۽ سرمائيدار جي خلاف جدوجهد ڪن. نه رڳو ايترو، پر هو، انهن مظلوم قومن کان ٻه اڳتي وک وڌائي، پناهگير پنجابي سرمائيدارن طرفان مظلوم قومن تي ٿيندڙ قومي ظلمن جي مخالفت ڪن. اها ئي صحيح ترقي پسند، صحيح انقلابي پورهيت ۽ صحيح مارڪسي ليننِي وات آهي. پر پنجابي پناهگير ترقي پسند سڏائيندڙن مان ذري گهٽ سيني اُن جي ابتڙ وات اختيار ڪئي آهي. اهڙيءَ ريت هنن پنجابي پناهگير پورهيت عوام ۽ پاڪستان جي مظلوم قومن سان غداريءَ ۽ پناهگير پنجابي زميندارن ۽ سرمائيدارن جي سڌي يا اڻ سڌي دلالي ۽ چمچاگيريءَ جي وات ورتي آهي. اهو ئي سبب آهي، جو اسين ڪين نقلي ترقي پسند سڏينداسين. انهيءَ سلسلي ۾ لينن صاف چيو آهي ته ”جيڪو ماڻهو قومي ظلم ۽ نابرابريءَ خلاف لڙائي نٿو ڪري، سو مارڪس جي انقلابي تعليم جو پوئلڳ ته نهيو پر سگهڻو جمهوريت پسند به ڪونهي.“ (قومن جي حق خودارادیت بابت مقالا، صفحو 23)

## پنجابي پناهگير نقلي ترقي پسندن جي قومي مسئلي بابت حڪمت عملي

اُنهيءَ حڪمت عمليءَ جا مکيه اَرڪان هيٺيان آهن:

(1) قومي جدوجهد جي دلي مخالفت ڪري، سندن قوم يا ٽولي طرفان مظلوم قومن جي جيڪا ڦرلٽ پئي ٿئي، تنهن ۾ پنهنجا حصا پتيون سلامت رکڻ. (2) ان قومي جدوجهد جي مخالفت ۾ سرجوشي ۽ ڪاميابي ڏيکاري، پنهنجي حاڪم طبقن کي خوش

ڪري، ڪائنن وڏيڪ سٽيا ٽڪر حاصل ڪرڻ. (3) قومي جدوجهد جو ڊپ ڏيکاري، پنهنجي حاڪم طبقن کي هيسائي، ڪين بليڪ ميل ڪرڻ ۽ پنهنجي اهميت ۽ حصو اجا بہ وڌائڻ. (4) مظلوم قومن جي سجاڳي ۽ اڳتي وڌيل جٿن کي پنهنجي هٿ ۾ رکي، ڪين پنهنجي طبقاتي ۽ قومي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ ۽ انهن جي ذريعي حاڪم طبقن سان اندروني ڪشمڪش ۾ پنهنجو پاسو ڳرو رکڻ. (5) مظلوم قومن جي وڏيري، خان ۽ سردار طبقي کي بليڪ ميل ڪري، ان کي پنهنجي اهميت جو احساس ڏيارڻ ۽ ساڻن سمجهوتو ڪري، ڪين پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ. پويون بہ ڳالهيون پناهگير نقلي ترقي پسندن سان خاص ڪري لاڳو آهن.

## چالون

قومي جدوجهد جي مخالفت لاءِ پناهگير پنجابي ترقي پسند هينيون چالون ڪتب آڻيندا آهن:

1 ـ قومي جدوجهد کي ناجائز، بي مقصد، فضول، عوام دشمن ۽ رجعت پرست ثابت ڪري. 2 ـ ان جدوجهد جو ميدان اڳواٽ ئي والاري، ان تي پنهنجا هٿ ٺوڪيا ماٺهو مقرر ڪري ڇڏڻ، تہ جيئن قومي جدوجهد صحيح معنىٰ ۾ اُسري نہ سگهي، يا جي اُسري بہ، تہ ان کي ڪچيءَ ۾ چيپياتي سگهجي. 3 ـ قومي جدوجهد ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ لاءِ جدوجهد جي مختلف مورچن تي مضبوط ففٿ ڪالم جا جٿا پرتي ڪرڻ، انهن کي تربيت ڏيئي، ڪائنن سندن مظلوم قوم جي مفاد خلاف ڏوهہ ڪرائڻ ۽ غداريءَ جا ڪم وٺڻ. 4 ـ قومي جدوجهد جي صحيح اڳواٽي ڪندڙن بابت پنهنجن ايجنٽن ذريعي افواهہ ڦهلائي ۽ بهتان هٽائي، عوام کي ڪائنن بدظن ڪري ۽ عوام کي انهن اڳواٽن ۽ تنظيمن جي صحيح قيادت کان محروم ڪرڻ. اهڙيءَ ريت هڪ طرف قيادت کي بليڪ ميل ڪري، ڪيس ڊيڄاري: پنهنجو مطيع ڪرڻ، ۽ ٻئي طرف عوام کي صحيح قيادت کان محروم ڪري، وائڙو ۽ بتال ڪري مارائڻ. 5 ـ مظلوم قوم جي عوام جي قومي خوداعتماديءَ، قوت، حوصلي، جذبي ۽ جولان کي اندران ئي اندران سُري ۽ اڌوهيءَ وانگر ڪائي چٽ ڪرڻ. 6 ـ عوام کي خوشفهمين ۽ مايوسين جي رڻ ۾ پتڪائي، فريبي نعرن جي ڏٻٽين ۾ ڦاسائي، سندن مجاهد قافلن کي رڃن پنيان ڊوڙائي ڊوڙائي، ماندو ڪري، پورو ڪرڻ. 7 ـ انقلابي رازداريءَ جي هٿيار کي عوام دشمنن بجاءِ عوام خلاف استعمال ڪرڻ، ۽ رازداريءَ جي نالي ۾ مظلوم قوم سان ڪوڙ بدوڙ، گلاخوريون، بهتان طرازيون، مڪر، فريب ۽ چالبازيون ڪرڻ.

# نظرياتي سرکڻ ڦاهي

قومي جدوجهد کي ناجائز، فضول ۽ نقصانڪار ثابت ڪرڻ لاءِ هِنن، مظلوم قومن جي عوام لاءِ قسمين قسمين نظرياتي سرکڻ ڦاهيون ناهيون آهن. اُهي عوام اجا هڪڙي ڦاهيءَ مان مس جان آزاد ڪرائين ٿا، ته ٻيءَ ۾ ڦاسيو وڃن. هنن پنهنجي رجعت پرست ۽ عوام دشمن ڪردار کي لڪائڻ لاءِ ٻه ڪئين آڙون، ڪڏٽا ۽ ٻر ناهي ڇڏيا آهن. اجا هڪڙي مان مس مس نُڪائي ٻاهر ٿو ڪيجين، ته ڊوڙ پايو ٻئي ۾ گهڙيو لڪيو وڃن. اهي سرکڻ ڦاهيون ۽ کُڏٽا هو روز پيا ناهين. هڪڙا پڌرا ٿيندا ته ٻيا اڳ ۾ ئي تيار هوندا. انهن مان ڪي هينيان آهن:

(1) پورهيتن جو ڪوبہ وطن نہ ٿيندو آهي، تنهنڪري سڄيءَ دنيا جي انقلابين جو نعرو آهي: ”دنيا جا پورهيتو متحد ٿيو!“ دنيا جي انقلابين جو انجيل آهي ”ڪميونسٽ پڌرنامون“، ان ۾ لکيل آهي ته ”پورهيت جو ڪوبہ وطن نہ ٿيندو آهي.“ اهو هنن جو سڀ کان اول ۽ آخر تُرپ جو پتو آهي. (2) قومي مسئلو آهي ئي ڪونہ. قومون نہ ٿينديون آهن، فقط طبقا ٿيندا آهن. (3) پر جي آهن ته بہ انهيءَ فرق جي پورهيتن لاءِ ڪابہ اهميت ڪانهي. اُهي فرق وڏيرن ۽ سرمائيدارن لاءِ آهن. غريب پورهيتن لاءِ فقط طبقاتي فرق اهم آهن. (4) خير ڪٽي مڃون ته مظلوم قومون بہ آهن ۽ انهن سان زيادتي بہ آهي، تہ بہ ان جو اثر فقط مٿين طبقي تي پوي ٿو. غريب تي فقط وڏيرن جي مصيبت آهي. (5) قومي جدوجهد جو فائدو فقط وڏيرا ۽ وچئين طبقي وارا وننڊا. غريبن کي ان جو ڪوبہ فائدو ڪونهي. (6) سيني قومن جا وڏيرا ۽ سرمائيدار هڪجهڙا بدمعاش آهن. انهن ۾ فرق ڪرڻ وڏيرن جي هٿ ۾ ڪيڏڻ ٿيندو. (7) قومي جدوجهد هلائبي، تہ عوام تي وڏيرا ۽ سرمائيدار ڇانئجي ويندا. (8) قومي جدوجهد کي ڌارين ملڪن جا عوام دشمن حاڪم ٽولا استعمال ڪن ٿا. ان ڪري ان جدوجهد جي تائيد ڪبي، تہ ماٺهو ڌارين حاڪمن ٽولن جو راندڪو بنجي ويندو. (9) قومي ناانصافيءَ لاءِ هي وڏيرڪو ۽ سرمائيدار نظام جوابدار آهي، ٻئي ڪنهن جو بہ ڏوهہ ڪونهي. اِهو نظام ڊاهيو تہ پاڻيهي سڀ ناانصافيون دور ٿي وينديون. (10) ان ڪان اڳ قومي مسئلي کي ڪٽبو، تہ اصل لڙائيءَ تان ڌيان هٽي ويندو. (11) قومي جدوجهد ۾ ٻيءَ قوم جي عوام جو ڏوهہ ڪونهي. انهن جو نالو وٺبو، تہ غريب پاڻ ۾ وڙهي پوندا. (12) جدوجهد اها، جا انقلابي هجي. ترقي پسند ۽ انقلابي فقط انقلابي جدوجهد جي تائيد ڪري سگهن ٿا. قومي جدوجهد جي واڳ وڏيرن ۽ وچين طبقي جي هٿ ۾ هوندي آهي. جنهن جدوجهد جي اڳواٽي وڏيرن يا وچين طبقي جي هٿ ۾ هجي، ان جي تائيد جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. (13) انقلابي جدوجهد جي اڳواٽي

هميشہ پورهيت طبقو ڪندو آهي. پورهيت طبقي ۾ قومي فرق رکڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. (14) پورهيت طبقو، جنهن ڪي اڳواٽي ڪرڻي آهي، سو غيرسنڌي آهي. غيرسنڌين خلاف جدوجهد ڪبي، تہ اها قومي جدوجهد جي جائز اڳواڻ طبقي يعني پورهيت طبقي جي خلاف ٿيندي. تنهنڪري جدوجهد ڀلي هلائجي، پر ڀيءَ ڪنهن قوم جي گلا نہ ڪجي، نہ تہ پورهيت طبقو ڪيئن ان جدوجهد ۾ حصو وٺي، ان جي اڳواٽي ڪري سگهندو! (15) سنڌ اندر پورهيت طبقو غيرسنڌي آهي. اُن جي حقيقي ۽ باطني اڳواٽي پناهگيرن جي هٿ ۾ آهي. تنهنڪري قومي جدوجهد (نقلي) ترقي پسند پنجابي پناهگيرن جي هٿ ۾ هئڻ گهرجي. (16) انقلابي جدوجهد جي اڳواٽي پورهيت طبقي کي ڪرڻي آهي. پورهيت طبقي جي اڳواٽي وري انقلابي پارٽيءَ کي ڪرڻي آهي. اهڙيون انقلابي پارٽيون پناهگير پنجابي اڳ ۾ ئي ناهيو وينا آهن. پنجابي پناهگير زيادتين خلاف جدوجهد جو مطلب ٿيو انقلابي پارٽيءَ جي هلائيندڙن جي قوم خلاف جدوجهد. انقلابي پورهيت پارٽيءَ جي مخالفت معنیٰ بين الاقوامي تحريڪ جي مخالفت ڪرڻ ۽ رجعت پرستن جو ساٿ ڏيڻ. (17) پوءِ ويچارا هيترا سارا پناهگير پيلا ڪيڏانهن ويندا؟ اُنهن کي آخر ماري تہ ڪونہ ڇڏبو؟

لينن چيو آهي تہ ”ست احمق ايترين تہ گهڻيون حجتون اٿاري سگهن ٿا، جو دنيا جا ستر ڏاها بہ انهن جو جواب مشڪل ڏيئي سگهن!“ جي اهي احمق ساڳئي وقت مڪار، بي ايمان ۽ دليءَ جا ننگ بہ هجن، تہ پوءِ ستر تہ ڇا ست لک ڏاها بہ انهن حجتن کي ڪٽائي ڪونہ سگهندا. اِنهيءَ ڪري سنڌيءَ ۾ چوندا آهن تہ ”نہ کي نوَ ڪوٽ آهن“!

هن دور جو انقلابي نظريو ڪو وحي يا الهام ڪونهي. ڪنهن جي بہ دعویٰ ڪانهي تہ اُهو آسمان مان نازل ٿيو آهي يا ڪنهن خاص دماغ ان کي ايجاد ڪيو آهي. اُهو انساني سماج جي هزارين لکين سالن جي واڌاري جي هڪ خاص منزل جو نشان آهي. اُهو ڪروڙين انسانن ۽ هزارين نسلن جي محنت ۽ جدوجهد مان حاصل ڪيل سبقن ۽ نتيجن جو مجموعو آهي. اُهو هر وقت گڏيل تجربي جي ڪسوٽيءَ تي رکبو رهي ٿو. هر وقت اُن مان ناقص يا مدي خارج جزا خارج ڪرڻا آهن ۽ نوان جزا اُن ۾ شامل ڪرڻا آهن. انقلابي دانائن ۽ استادن ائين سيڪاريو ۽ ڪيو آهي. گذريل صديءَ کان وٺي هر انقلاب، هر جدوجهد ۽ هر انقلابي استاد انقلابي نظريي جي جوهر کي سلامت رکيو ۽ بچايو آهي، نقصن کي دور ڪيو آهي ۽ زندگيءَ جي تقاضائن موجب اُن ۾ واڌارا ڪيا آهن. انقلابي نظريي جو ڪم آهي انقلابي عمل جي رهنمائي ڪرڻ. پر هر حالت ۾ لازمي ناهي تہ نظريو اڳ هجي ۽ عمل پوئتي. گهڻائي ڀيرا عوام جو انقلابي عمل چال ڏيئي

اڳتي نڪري ويندو آهي ۽ نظريو پوئتي رهجي ويندو آهي. اُن ڪري ئي لينن گوئٽي جو قول دهرائيندي چيو آهي ـ

”دوست! نظريو خاڪي آهي (يعني نه صفا پيلو ۽ نه صفا سائو، يعني وچٿرو)، پر زندگيءَ جو وڻ سدائين سائو، سرسبز ۽ سدا بهار آهي!“

اچو ته انقلابي نظريي جي ڏاڪي بہ ڏاڪي واڌاري تي هڪڙي اڏامندڙ نظر وجهون.

انقلابي نظريي 19 صديءَ ۾ نسبتاً مڪمل روپ ورتو. ”ڪميونسٽ پٽرنامو“ ان جو پهريون پرپور اظهار آهي. اُن اُهو ڌرتي ڌوڏيندڙ انقلابي نعرو ڏنو ـ ”دنيا جا مزدور متحد ٿي وڃو!“ اُن وقت سمجهيو ٿي ويو ته (1) انقلاب ساڳئي وقت گهڻن ملڪن ۾ ايندو. هڪڙي ۾ آيو ته پوءِ يورپ جا سڀ رجعت پرست گڏجي، ان ڪي 1848 جي يورپي انقلابن، خاص ڪري پيرس جي جون 1851 جي بغاوت، وانگر ڪچلي ڇڏيندا. (2) ترقي پسند چوٽو وچون طبقو پورهيت انقلاب جو اتحادي ٿيندو. (3) سماجي انقلاب فقط انهن ملڪن ۾ ايندو، جي صنعتي طرح اڳتي آهن، يعني انگليند، جرمني ۽ فرانس ۾. (4) هاري انقلاب دشمن رول ادا ڪندو. (5) سرمائيدار مزدور اتحاد کي ٽوڙڻ لاءِ قوم پرستيءَ کي تلوار طور استعمال ڪندا، ۽ ان جي وسيلي جنگيون ڪري، مختلف ملڪن جي پورهيت عوام جي وچ ۾ نفرت جون ديواريون کڙيون ڪندا.

1848ع وارن يورپي ناڪام انقلابن ثابت ڪري ڏيکاريو ته چوٽو وچون طبقو قطعي پروسي جوڳو ناهي. اهو پورهيت انقلاب جو پختو اتحادي ۽ ساٿي ٿي نه سگهندو. اڳتي هلي 1871 جي ’پئرس ڪميون‘ جي ناڪاميءَ انقلابي پورهيتن کي قطعي طرح ثابت ڪري ڏيکاريو ته سواءِ هارين جي اتحاد جي پورهيت اڪيلي سر انقلاب آڻي نه سگهندا. البت اِهو اندازو اجا بہ قائم رهيو ته انقلاب فقط تڏهن ڪامياب ۽ قائم رهي سگهندو، جڏهن اُهو ساڳئي وقت گهڻن چوٽيءَ جي سرمائيدار ملڪن ۾ اچي.

روسي انقلاب انهن مان ٻن مفروضن کي غلط ثابت ڪيو ۽ هڪڙي کي صحيح ثابت ڪيو. اهو انقلاب توقع جي برخلاف يورپ جي ترقي يافته ملڪن ۾ نه: پر يورپ جي پوئتي پيل ملڪ ۾ آيو. ٻيو ته اهو ساڳئي وقت گهڻن ملڪن ۾ نه، پر هڪڙي ملڪ ۾ آيو. ۽ نه رڳو ڪامياب ٿيو پر بچي بہ ويو. جيڪا ڳالهه توقع مطابق ٿي، اُها هيءَ ته انقلاب ۾ مزدورن سان هارين جو اتحاد قائم ۽ ڪامياب ٿيو. اهڙيءَ ريت انقلاب جي نظريي ۾ اهم تبديليون ۽ واڌارا ٿيا.

قومي مسئلي تي يورپ ۾ شروع کان وٺي ٻه لاڙا هئا، هڪڙو لاڙو جرمن ۽ فرينچ سوشلسٽن: جهڙوڪ: لاسال، لافارجي، لانگي ۽ پراؤڌن جو هو. هنن قومن کي هڪ مدي خارج شيءِ سمجهيو ٿي ۽ قومي مسئلي کي انقلاب لاءِ رنڊڪ سمجهيو ٿي.

ٻيو لاڙو مارڪس ۽ اينجلس جو انقلابي لاڙو هو. هنن قومي سوال کي شروع کان وٺي زبردست ۽ تاريخي اهميت ڏني. هنن نه رڳو قومن جي وجود، اهميت ۽ تاريخي جواز کي مڃيو ۽ مڃرايو، پر اُن جو سائنسي حل سوچي ۽ غور ڪري تيار به ڪيو. اُهو ٿورن لفظن ۾ هي آهي: "قومن کي غلام ۽ تابع رکڻ ناجائز آهي. ڪنهن به قوم جي مفادن، ٻوليءَ ۽ ثقافت کي ٻيءَ قوم جي مفادن، ٻوليءَ ۽ ثقافت تي برتري ڏيڻ ناجائز ۽ انقلاب لاءِ نقصانڪار آهي. انقلابي گهڻ قومي اتحاد انقلابي جدوجهد جي لازمي ضرورت آهي. ڏنڊي جي زور سان قائم ڪيل ۽ رکيل اتحاد انقلاب دشمن اتحاد آهي. اتحاد معنيٰ خوشيءَ جو اتحاد، حقيقي برابريءَ ۽ هڪجهڙائيءَ وارو اتحاد. ان اتحاد لاءِ ضروري آهي ته سمورو قومي ظلم، سموريون قومي برتريون، سمورا خاص رتبا ختم ڪيا وڃن. ڪنهن به قوم کي زوريءَ ڪنهن حڪومت جي تابع رهڻ لاءِ مجبور نه ڪيو وڃي. ڪنهن به قوم کي زبردستيءَ ٻيءَ قوم جي حڪومت ۾ شامل ٿيڻ تي مجبور نه ڪيو وڃي. قومن کي آزادي ڏجي ته هو چاهين ته ڪنهن ٻيءَ قوم سان گڏجي حڪومت ۾ ڀائيوار ٿين ۽ وٽين ته پنهنجي الڳ قومي حڪومت قائم ڪن. جڏهن زبردستيءَ واري ڳالهه، ڦرلٽ وارو عنصر وچان نڪري ويندو، تڏهن قومون رضا خوشيءَ سان پنهنجي پنهنجي فائدي لاءِ هڪٻئي جي ويجهو ايندين ۽ پاڻ ۾ ملي ڪيرڪنڊ ٿي ويندين. انهيءَ وچ ۾ حاڪم ۽ زورآور قومن جي پورهيتن جو فرض آهي ته پنهنجي ئي فائدي لاءِ محڪوم ۽ مظلوم قومن جي آزاديءَ جي حق جي وڪالت ڪن، پنهنجي پورهيت عوام کي اُن لاءِ ذهني طرح تيار ڪن ۽ اُن لاءِ جدوجهد ڪن. اِن ريت مظلوم قومن جي عوام کي ظالم قوم جي پورهيتن تي ڀروسو ٿيندو ۽ هو ساٿن ٻڌي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا. اُن ٻڌيءَ ذريعي هو سڀ گڏجي، پنهنجن دشمنن سان وڙهي، پنهنجي نجات حاصل ڪري سگهندا" مارڪس ۽ اينجلس اِنهيءَ خيال کان وڏين يورپي قومن جي سوشلسٽن جي قوميت کان انڪار ڪندڙ لاڙي خلاف زبردست جدوجهد ڪئي ۽ انهن جي لڪل ڪٽر قوم پرستيءَ کي بي نقاب ۽ اگهاڙو ڪيو. *[پڙهو "مارڪس ۽ اينجلس جا چونڊ خط"، پراگريس پبلشرس، ماسڪو.]*

مارڪس ۽ اينجلس يورپ جي تجربي کان پوءِ ان نتيجي تي پهتا ته يورپ جي انقلاب کي مکيه هٿي ايشيا ۽ آفريڪا جي غلام ۽ اڌ غلام قومن جي آزاديءَ جي

جدوجهد سان ملندي. هنن هندستان، چين، انڊونيشيا، مصر، الجزائر، ايران وغيره غلام ۽ اڌ غلام ملڪن جي تاريخ جو ڳوڙهو مطالعو ڪيو ۽ اڳڪٿي ڪئي تہ اهي جدوجهدون يورپي سرمائيداريءَ جون پاڙون ڪمزور ڪري ڇڏينديون ۽ يورپي پورهيتن ڪي يورپ ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ ميدان سازگار ڪري ڏينديون. (ڏسو مارڪس ۽ اينجلس جي مقالن جو مجموعو ـ ”بينڪون“)

1896ع ۾ بين الاقوامي سوشلسٽ ڪانگريس اهو فيصلو ڪيو تہ ’دنيا جا پورهيت انقلابي انهيءَ ڳالھ لاءِ جدوجهد ڪن تہ هر ڪنهن قوم کي پنهنجي قسمت جو فيصلو پاڻ ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي.‘

1903ع ۾ روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو صحيح معنيٰ ۾ بنياد رکيو ويو، اُن پارٽي ڪانگريس پنهنجي پروگرام جي قلم 9 ۾ گهر ڪئي تہ ”روس جي غلام قومن کي پنهنجي سياسي مستقبل جي پاڻ فيصلي ڪرڻ جي آزادي ڏني وڃي“. انهيءَ فقري جي خلاف مها روسي ذهنيت رکندڙ روسي سوشلسٽن زبردست اعتراض ڪيا ۽ اِهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ قومي مسئلي کي اهميت ڏيڻ انقلاب دشمني آهي. اِنهيءَ ڪري 1912ع جي پڇاڙيءَ ۾ لينن جي هدايت تي اسٽالين پنهنجو جڳ مشهور مقالو ”مارڪسزم ۽ قومي سوال“ لکيو. جنهن ۾ قومي حقن ۽ قومي جدوجهد تي انقلابي نقطي نظر کان روشني وڌي ويئي. 1913ع ۾ لينن قومي جدوجهد جي مسئلي تي پنهنجي مشهور مقالن جو سلسلو شروع ڪيو. اُهي آهن: (1) روسي سوشلسٽ جمهوري پارٽيءَ جو قومي پروگرام. (2) قومي سوال بابت تنقيدي تبصرا. (3) قومن جي خود اختياريءَ جو حق. (4) مها روسين جو قومي تڪبر. (5) سوشلسٽ انقلاب ۽ قومن جي خود اختياريءَ جو حق. (6) قومي خود اختياريءَ جي حق بابت بحث جو نچوڙ. اِهو مقالن جو سلسلو جولاءِ 1916 ۾ پورو ٿيو.

لينن اِهي مقالا لکي، سڄي يورپ جي انقلابي پارٽين جي بين الاقوامي جماعت (ٻي انٽرنيشنل) ڪي قومي سوال تي اگهاڙو ۽ بي نقاب ڪيو. ان بين الاقوامي جماعت تي يورپ جي وڏين ۽ جابر قومن يعني جرمني، فرانس ۽ انگلنڊ جا اهي سوشلسٽ ڇانيل هئا، جن قومي مسئلي تي اهو ئي رويو ٿي ورتو، جيڪو اڄ اسان جا پناهگير پنجابي سوشلسٽ وٺي رهيا آهن، يعني قومن جي وجود کان انڪار ڪرڻ يا لنوائڻ، پلٽا هڻڻ ۽ گوهيون ڏيڻ. (هر انقلابيءَ جو فرض آهي تہ اُنهن مقالن ڪي غور سان پڙهي ۽ انهن ۾ اجوڪن پناهگير پنجابي ترقي پسندن جون تصويرون ڏسي.)

1917ع ۾ روسي انقلاب آيو. ان ۾ مظلوم قومن جي انقلابين، لينني قومي پاليسيءَ جي روشنيءَ ۾، ڀرپور حصو ورتو ۽ هڪجهڙائيءَ ۽ برابريءَ جي بنياد تي قومن جي ساٿ ۽ برابريءَ جو شاندار مثال پيش ڪيو. جلد ئي قومي حقن کان انڪار ڪندڙ، وڏين قومن جي چاڙتيءَ ٻيءَ انٽرنيشنل کي ٽوڙي، ان جي جاءِ تي حقيقي پورهيت بين الاقوامي جماعت ”ٽين انٽرنيشنل يا ڪميونسٽ انٽرنيشنل“ قائم ڪئي ويئي. 1920ع ۾ ٽين انٽرنيشنل جو هڪ خاص اجلاس ”قومي ۽ بينڪي جدوجهدون“ جي مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ سڏايو ويو. ان ۾ لينن ۽ هندستاني انقلابي ايم اين راءِ جون قومي جدوجهد بابت ٿيسسون (نظرياتي مقالا) منظور ڪيون ويون. انهن ۾ جدوجهد لاءِ صحيح انقلابي لائين پيش ڪئي ويئي. هن ڪانگريس سڄيءَ دنيا جي انقلابي پورهيتن جي پاران دنيا جي پورهيتن ۽ مظلومن کي نين بدليل حالتن ۾ هي نعرو ڏنو: ”دنيا جا پورهيتو ۽ دنيا جون مظلوم قومون پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي وڃو!“

انهيءَ وچ ۾ انقلاب جي نظريي ۾ هڪ اهم تبديلي آئي. اُها هيءَ ته اڳي جو سمجهيو پئي ويو ته انقلاب يورپ جي ترقي يافته ملڪن ۾ ايندو يا گهٽ ۾ گهٽ يورپ يا آمريڪا ۾ ايندو؛ تنهن نظريي ۾ تبديلي آئي. لينن انهيءَ نتيجي تي پهتو ته يورپي سرمائيداري سامراج جي منزل تي پهچي چڪي آهي. اها هڪ هٽيءَ واري سرمائيداري آهي، جيڪا اُپرندڙ سرمائيداريءَ وانگر ترقي پسند نه پر رجعت پرست ٿي ويئي آهي. انهيءَ هڪ هٽي واريءَ سامراجي سرمائيداريءَ سڄيءَ دنيا مان ڦر ڪري، جيڪي دولت جا انبار ڪنا ڪيا آهن؛ تن جي زور تي هنن يورپ جي پورهيت طبقي کي رشوت ڏيئي، ان منجهان هڪڙو پورهيت امير طبقو پيدا ڪري ورتو آهي. اهو طبقو يورپ ۽ آمريڪا ۾ انقلاب کي اُسرڻ نٿو ڏئي. تنهن ڪري يورپ مان انقلاب جي في الحال اميد رکڻ بيسود آهي. يورپ جي هڪ هٽيءَ واريءَ سرمائيداريءَ کي ڌڪ تڏهن لڳندو، جڏهن سندس ايشيا مان پاڙون اکڙجن اُهي دولت جا بي پناهه وسيلا بند ڪجن، جن جي مدد سان پورهيتن مان سرمائيداريءَ جا دلال پرتي ڪري، پورهيتن کي برغلايو ۽ خراب ڪيو پيو وڃي.

لينن پنهنجي سياسي وصيت ۾ دنيا جي انقلابين کي ظالم ۽ مظلوم قومن جي وچ ۾ فرق ڪرڻ ۽ مظلوم قومن کي پنهنجي صحيح حصي کان به وڌيڪ حصي ڏيڻ جي تلقين ڪئي. هن چيو ته ظالم قوم جي پورهيتن کي پنهنجي قوم جي گناهن جو ڪفارو ڀرڻ گهرجي.

لينن جي وفات کان پوءِ اسٽالين لينن جي تعليم جو نچوڙ پنهنجي مشهور تصنيف ”لينن ازم جا بنياد“ ۾ پيش ڪيو. ان ۾ قومي مسئلي بابت لينن جي تعليم تي روشني وجهندي، اسٽالين لکيو: ”سرمائيداريءَ جي اڳئين دور ۾ قومي جدوجهد جمهوري جدوجهد جو هڪ اهم حصو هئي. پر هاڻ اها خود سوشلسٽ جدوجهد جو اهم حصو بنجي پيئي آهي.“

1949ع ۾ چين ۾ انقلاب آيو، جيڪو دنيا جي تاريخ ۾ روس کان پوءِ ٻيو وڏو انقلاب هو. مائوزي تنگ نين حالتن ۾ لينن ۽ اسٽالين کان به هڪ وک اڳتي، اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته قومي جدوجهد سوشلسٽ انقلاب لاءِ رڳو هڪ اهم قدم ناهي ۽ رڳو ان جو حصو ناهي، پر اجوڪين خاص حالتن ۾ هڪ خاص عرصي تائين انقلاب جو بنيادي دارومدار آهي ئي ايشيا، آفريڪا، لاطيني آمريڪا جي قومي جدوجهدن تي؛ ۽ نه يورپ جي مزدورن جي خالص طبقاتي جدوجهد تي. چيني انقلاب جي ڪاميابيءَ کان پوءِ انقلاب تان يورپي هجڻ جي بندش لهي ويئي. ۽ اهو ثابت ٿيو ته دنيا جون مظلوم پوئتي پيل هاري قومون به پورهيت انقلاب آڻي سگهن ٿيون. ويٽنامي، ڪوريائي، ڪيوبائي ۽ ڏکڻ يمني انقلابن ته هيڪاري ثابت ڪري ڏيکاريو ته هن دور جي خاص حالتن ۾ پورهيت انقلاب ڳچ وقت تائين فقط ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ننيڙين مظلوم قوميتن جي قومي آزاديءَ جي جدوجهدن مان ئي اُسري، نسري ۽ وڌي ويجهي سگهي ٿو. انقلاب جو مرڪز سرمائيدار يورپ مان ڦري ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي غلام ۽ اڌ غلام ڪندن ۾ اچي چڪو آهي. هي دور يورپ ۽ آمريڪا ۾ انقلابن جو نه، پر ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي قومي آزاديءَ جي جدوجهدن جو آهي. اهي جدوجهدون انهن علائقن مان سامراجين جا تڏا پٽي سندن ڦرلٽ جا وسيلا بند ڪري، سندن گهر ۾ گهوٽالو وجهي، ڪين ڪٽائي، انقلاب لاءِ ميدان تيار ڪنديون. جڏهن يورپ ۽ آمريڪا جي مزدورن کي ايشيا ۽ آفريڪا جي مفت جي مال مان پتي ملڻ بند ٿيندي، تڏهن سندن اکيون کلنديون ۽ هو پنهنجي طبقاتي دشمن سان سازباز ڪرڻ بدران انهن خلاف جدوجهد ڪندا. اهڙيءَ ريت هڪ طرف مظلوم قومن جي آزاديءَ جي جنگ جا شعلا، ته ٻئي طرف آمريڪا ۽ يورپ جي پورهيتن، غريبن، جمهوريت پسندن ۽ نسلي ظلم جي ماريل ماڻهن جي جدوجهد جي آگ پاڻ ۾ گڏجي سامراج کي ڀسم ڪري ڇڏيندي.

ٽي انٽرنيشنل جي ٻي ڪانگريس انهيءَ نتيجي تي پهتي هئي ته ايشيا، آفريڪا ۾ قومي جدوجهد لازمي طرح وچين طبقي جي سرمائيدار جمهوري جدوجهد هوندي. پر

چيني، ويٽنامي، ڪوريائي، ڪيوبائي ۽ ڏکڻ يمني انقلابن ثابت ڪري ڏيکاريو تہ قومي جدوجهد صحيح معنیٰ ۾ فقط تڏهن ڪامياب ٿيندي، جڏهن (1) اُن جي اڳواٽي وچين طبقي جي هٿ ۾ نہ، پر پورهيتن جي هٿ ۾ هجي، (2) اُها لمبي عرصي لاءِ هلائي وڃي، (3) عوامي جنگ جي سائنس مطابق هٿياربند هجي، (4) اُها پورهيتن جي اڳواٽيءَ هيٺ سيني وطن دوست طبقن ۽ فردن جي گڏيل محاذ جي وسيلي هلائي وڃي. اهڙيءَ حالت ۾ اُها هٿياربند قومي جدوجهد ڪافي لمبي عرصي ڪان پوءِ سرمائيداريءَ جي منزل ڪي وچ ۾ ڪاٽي، سڌو سوشلزم جي جي منزل تائين پهچي سگهي ٿي. آفريڪا جي انگولا، موزمبيق، گني ۽ ٻين تمام پوئتي پيل علائقن جي هٿياربند قومي جدوجهدن اجا بہ هڪ وک اڳتي هلي، اِها ڳالهہ ثابت ڪري ڏيکاري آهي تہ قومي جدوجهد اهڙن ملڪن ۾ بہ هلائي سگهجي ٿي، جتي ڪو خاص صنعتي مزدور طبقو ناهي. اهڙين خاص حالتن ۾ هڪڙي ننڍڙيءَ قوم جا پورهيت هاري جيڪڏهن دنيا جي پورهيت انقلابي نظريي سان هٿياربند ڪيا وڃن ۽ انقلابي پورهيت حڪمت عمليءَ ۽ چالن ڪان ڪم وٺن ۽ جنگ جي اصولن مطابق هٿياربند عوامي جدوجهد هلائين، تہ اُهي بہ عوامي قومي انقلاب آٽي، سوشلسٽ انقلاب جي منزل تي رسي سگهن ٿا. چين، ڪوريا توڙي ويٽنام وغيره جي انقلابن ۾، انقلابي مفادن خاطر، طبقاتي جدوجهد ڪي قومي جدوجهد جي تابع ڪرڻ جي حڪمت عمليءَ تي عمل ڪيو ويو آهي ۽ پورهيت اڳواٽيءَ هيٺ سمورن وطن دوست طبقن جي انقلابي قومي متحده محاذ جي انقلابي قومي هٿيار ڪي ڪتب آندو ويو آهي. ڪجهہ عرصي لاءِ خود وچين طبقي جي عارضي اڳواٽيءَ هيٺ ڪم ڪرڻ ڪي بہ برداشت ڪيو ويو آهي.

اِنهيءَ سموريءَ ڳالهہ مان ٻين ڳالهين ڪان سواءِ هي ڳالهيون ثابت ٿين ٿيون: (1) الڳ الڳ قومن ۽ الڳ الڳ قومي مفادن جو وجود هڪ تاريخي حقيقت آهي. قومي جدوجهد نہ رڳو جائز پر اڻ ٽر ۽ انقلابي آهي. اها رڳو وڏيرن ۽ سردارن ڪي فائدو ڪانہ ٿي رسائي، پر سموري انقلابي عوام ڪي فائدو رسائي ٿي. اجوڪي دور ۾ تہ عالمي انقلاب جو سارو دارومدار ئي مظلوم قومن جي جدوجهد تي آهي. (2) قومن جي وجود ۽ قومي جدوجهد جي اهميت ڪان انڪار ڪرڻ ۽ رڳو طبقاتي جدوجهد جو راڳ آلاپڻ انقلابي استادن مارڪس ۽ اينجلس، لينن، استالين، هوچي من، ڪم ال سنگ، وغيره جي تعليم ۽ عمل جي سنگين خلاف ورزي ۽ انقلاب دشمن حرڪت آهي. اُن جو انقلابي نظريي سان واسطو ڪونهي. (3) ”دنيا جا پورهيت پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي وڃو“ ـ اِهو هڪ خاص تاريخي دور جو نعرو آهي، جنهن جي بدليل تاريخي حالتن ۾ اِها محدود

۽ تنگ معنیٰ هرگز ناهي، جيڪا سوا سؤ سال اڳ هئي. جيڪي ماڻهو اُن هوندي بہ قومي جدوجهد کي فضول، نڪمو ۽ انقلاب دشمن سمجهن ٿا، قومي جدوجهد جي حمايت نٿا ڪن، قومن کي پنهنجي مرضيءَ سان ڪنهن حڪومت ۾ رهڻ يا الڳ ٿي پنهنجي حڪومت قائم ڪرڻ جو حق نٿا ڏين، تن کي لينن پورهيت طبقي سان غداري ڪندڙ، پنهنجي ظالم قوم جي رجعت پرست قوم پرستيءَ جي گنديءَ ڏٻڻ ۾ ڦاسندڙ، بدمعاش، بزدل ۽ منافق ”سوشلسٽ“، ناجائز قوم پرست ۽ سامراجي چمچو ”سوشلسٽ“ سڏيو آهي. هو پنهنجي مقالن ”قومي پاليسيءَ جو سوال ۽ پورهيت بين الاقواميت“ ۾ لکي ٿو:

”عوام وڏيرڪي سستيءَ ۽ ڪِهر مان سجاڳ ٿئي ۽ قومي ظلم خلاف ۽ قوم جي خودمختياريءَ واسطي جدوجهد ڪري، اِها ڳالهہ ترقي پسند آهي.“ (صفحو 30) ـ ”هر ڪنهن مظلوم قوم جي وچين طبقي جي قوم پرستيءَ ۾ هڪڙو عام جمهوري مواد هوندو آهي، جيڪو ظلم جي خلاف ڪتب ايندو آهي. اسين ان مواد جي بنا شرط شروط جي تائيد ڪريون ٿا.“ (صفحو 69 ـ 70) ـ ”قومن جي خودارادیت جي معنیٰ آهي تہ اُهي قومون ڌارين قومن کان سياسي طرح الڳ ٿي، پنهنجون خودمختيار حڪومتون ناهين.“ (صفحو 52) ـ ”مارڪس جي انقلابي تعليم جا پوئلڳ جيڪڏهن جمهوريت ۽ پورهيت طبقي سان غداري ڪرڻ نٿا چاهين، تہ پوءِ سندن لازمي فرض آهي تہ هو قومي سوال جي هڪ خاص گهر جي ضرور حمايت ڪن. اُها گهر آهي قومن طرفان پنهنجي قسمت جو فيصلو پاڻ ڪرڻ جي حق جي گهر. يعني سياسي علحدگيءَ جي گهر.“ (صفحو 8) ـ ”پورهيت طبقو ان جمهوريت جو مطالبو ٿو ڪري، جنهن جمهوريت ۾ ڪنهن بہ هڪڙيءَ قوم کي ڪنهن بہ حڪومت جي حدن اندر زبردستيءَ قابو رکڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي.“ (صفحو 9) ـ ”ظالم قومن جي مزدورن کي بين الاقوامي اتحاد جي تعليم ڏيڻ مهل انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏيڻ کپي تہ اُنهن پورهيتن جو فرض آهي تہ هو مظلوم قومن جي الڳ ٿي وڃڻ جي آزاديءَ جي وڪالت ڪن ۽ اُن لاءِ وڙهن. اِنهيءَ ڳالهہ کان سواءِ قومن جي وچ ۾ اتحاد قائم ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. اسان جو اِهو حق ۽ فرض آهي تہ ظالم قوم جو جيڪو سوشلسٽ جمهوريت پسند اِنهيءَ قسم جي تبليغ ڪرڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو. تنهن کي سامراجي ۽ بدمعاش ڪري ليکيون.“ (صفحو 171) ـ ”جيڪي ساٿي اِهو محسوس نٿا ڪن تہ قومن جي الڳ ٿيڻ جي حق کي نہ مڃڻ ۽ ننڍين قومن جي قومي تحريڪن کي حقارت جي نظر سان ڏسڻ ڪري، هو ڪهڙي نہ گند ۾ ڪري پيا آهي، تن جون اکيون تڏهن ڪلنديون جڏهن ڪين خبر پوندي تہ ’اتفاق‘ سان،

اِنهيءَ مسئلي تي سندن خيال بہ اُهي ساڳيا آهن، جيڪي سندن قوم جي سرمائيدارن جا آهن.“ (صفحو 181) ـ ”جيڪو ظالم قوم جو سوشلسٽ جمهوريت پسند قومن جي الڳ ٿيڻ جي حق کي زبان سان تسليم ڪري ٿو پر ان لاءِ عملي جدوجهد نٿو ڪري، سو حقيقت ۾ سامراجي آهي ۽ زارشاهيءَ جو دلال آهي.“ (صفحو 187) ـ ”اِها تسليم ٿيل ڳالهہ آهي تہ (ڪنهن قوم جي) الڳ ٿي وڃڻ جي حق کان انڪار ڪرڻ معنيٰ ظالم قوم جي حد کان وڌيڪ ڇٽيل ڇنڊيل رجعت پرستن واري قوم پرستيءَ جي هٿن ۾ رانديڪو ٿي ڪيڏڻ.“ (صفحو 11) ـ ”ڪي ماڻهو ستايل قومن جي وچين طبقي جي قوم پرستيءَ جي هٿن ۾ رانديڪو ٿي ڪيڏجڻ جي ڊپ کان وچي ظالم قوم جي نہ رڳو وچين طبقي جي قوم پرستيءَ پر انتهائي رجعت پرستي جي هٿن ۾ رانديڪا بنبا آهن.“ (صفحو 11) ـ ”مظلوم قومن جي علحدگيءَ جي حق کي تسليم ڪرڻ لاءِ ظالم قوم جا وچين طبقي وارا جمهوريت پسند بہ ٽل نہ آهن. هو اُصولي طور بہ ان کي تسليم نہ ڪن تہ بہ وس وارا آهن. پر اسين سوشلسٽ جمهوريت پسند انهيءَ مطالبي کي تسليم ڪرڻ لاءِ بہ ٽل آهيون، جيڪڏهن اسين اِها ڳالهہ وساري ڇڏينداسين يا پنهنجي هم وطن روسين جي قومي تعصب جي ڊپ کان ان کي پيش ڪرڻ کان ڊڄنداسين تہ پوءِ دنيا جي سوشلسٽ جمهوريت پسندن جو جيڪو نعرو آهي تہ ’دنيا جا پورهيتو پاڻ ۾ ٻڌي ڪريو!‘ اُهو نعرو اسان جي چپن تي ڦري، هڪڙو بي شرمائيءَ وارو ڪوڙ ٿي پوندو.“ (صفحو 11) ـ ”روسي قوم جو جيڪو بہ مارڪس جو پوئلڳ هڪڙيءَ گهڙيءَ لاءِ بہ مظلوم يوڪراني قوم جي روسين سان برابريءَ جي گهر يا سندن روس کان الڳ پنهنجي خودمختيار حڪومت قائم ڪرڻ جي حق کي وساري ٿو، سو سگهو وچين طبقي جي روسي قوم پرستيءَ ۾ نہ، پر بدترين رجعت پرست روسي قوم پرستيءَ جي گنديءَ ڌٻڻ ۾ ڦاسي پوندو.“ (صفحو 28 ـ 29) ـ ”روزا لڪسمبرگ پولينڊ جي ناجائز قوم پرستيءَ جي جدوجهد جي وهڪري خلاف ايترو تہ لڙهي ويئي آهي، جو ڪيس روسي ڪٽر قوم پرستن جي قوم پرستي وسري ويئي آهي. حالانڪ اِها ڪٽر قوم پرستي هن وقت جمهوريت ۽ پورهيت جدوجهد جي راهہ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي ....“ (صفحو 70) ـ ”قومن جي علحدگيءَ جي حق کي رد ڪرڻ جي معنيٰ اها ٿيندي تہ ڏاڍي ۽ زورآور قوم جيڪي خاص رعايتون ڦٻائي ويني آهي ۽ پوليس راڄ يا انتظامي طريقا استعمال ڪري ٿي، تن جو بچاءُ ۽ وڪالت ڪريون.“ (صفحو 71) جيڪي ماڻهو اِهو راڳ آلاپين ٿا تہ انقلاب کي فقط وڏيرن ۽ سرمائيدارن کان خطرو آهي ۽ اُنهيءَ بهاني قومي جدوجهدن کي نندين ٿا، تن لاءِ لينن هينئن چيو آهي: ”اسان کي سڄي روس (يعني سڄي ملڪ) کي

خيال ۾ رکي، سياسي مسئلن کي پيش ڪرڻ ڪپي، ۽ روس جي سياست تي روسي قوم جا رجعت پرست ڇانيل آهن. سندن خيال هرهنڌ حاوي آهن. پارليامينٽ، اسڪولن، ديولن، فوجي بيرڪن ۽ سوين هزارين اخبارن ۾ اِهائي وٺ وٺان آهي ته غير روسي علحدگي پسند آهن ۽ الڳ ٿيڻ بابت پيا سوچين. زوراور قوم جي اِنهيءَ قوم پرستيءَ جو اِهو زهر سڄي روس جي سياسي ماحول کي زهريلو بنائي رهيو آهي. هيءَ هن قوم (يعني روسي قوم) جي بدقسمتي آهي، جو اُها ٻين قومن کي غلام بنائي، خود پنهنجو پاڻ رجعت پرستيءَ جو شڪار ٿي رهي آهي .... قومن جي علحدگيءَ جي حق کي تسليم نه ڪرڻ جي معنىٰ آهي بدترين موقع پرستيءَ جو شڪار ٿيڻ ۽ پورهيت طبقي کي سندن قوم جي رجعت پرست خيال جي زهريلن جيوڙن جو شڪار بنائڻ.“ (صفحو 114) جيڪي ماٺهو پاڻ کي ترقي پسند سڏائيندي خود پنهنجي قوم جي پورهيتن کي اِها تعليم نٿا ڏين ته قومي جدوجهد جي پرزور تائيد ڪئي وڃي يا فقط زباني طرح جدوجهد جي حمايت ڪن ٿا پر عملي طرح ان جي حمايت نٿا ڪن، تن لاءِ لينن هيئن چيو آهي:

”جيڪڏهن ماٺهو پانئي ته مارڪسي سياستدان ٿيان ته اُن جو فرض آهي ته هو السيس *[السيس تي فرانس ۽ جرمنيءَ وچ ۾ تڪرار هو.]* جي باري ۾ جرمن سوشلسٽ بدمعاشن تي حملو ڪري، ڇاڪاڻ جو هو السيس کي پنهنجي الڳ حڪومت قائم ڪرڻ جو حق ڏيارڻ لاءِ جدوجهد نٿا ڪن. ۽ هن کي فرينچ سوشلسٽ بدمعاشن تي حملو ڪرڻ کپي، جو هو فرينچ وچين طبقي سان ناهه ڪريو وينا آهن، حالانڪ فرينچ وچون طبقو السيس کي زوريءَ فرانس سان ملائڻ چاهي ٿو، تنهن کان سواءِ ڪيس ٻنهي جرمن توڙي فرينچ سوشلسٽ بدمعاشن کي گڏي، مٿن، اِنهيءَ لاءِ حملو ڪرڻ کپي، جو هو پنهنجي پنهنجي ملڪ جي سامراجين جي چاڪري پيا ڪن ۽ السيس جي ننڍڙي آزاد خودمختيار حڪومت جي نهڻ کان چرڪن پيا. اهڙيءَ طرح ماٺهن کي ثابت ڪري ڏيکارڻ کپي ته جيڪي سوشلسٽ قومن جي خودمختياريءَ جي حق کي تسليم ڪن ٿا، سي ڪيئن نه السيس وارن جي مرضي پڇڻ کان سواءِ ٻن چئن هفتن اندر السيس جو مسئلو حل ڪري سگهن ٿا.“ (صفحو 109) ـ ”سوشلسٽن جو فرض آهي ته هو عوام کي سمجهائين ته جيڪو انگريز سوشلسٽ انگلنڊ جي غلام ٻينڪن ۽ آئرلنڊ جي علحدگيءَ جو مطالبو نٿو ڪري، جيڪو جرمن سوشلسٽ جرمن ٻينڪن جي جرمنيءَ کان علحدگيءَ جي حق لاءِ مطالبو نٿو ڪري .... جيڪي (ننڍين قومن جا سوشلسٽ) پنهنجي انقلابي تبليغ ۽ انقلابي تحريڪ کي وڌائي قومي ظلم خلاف تحريڪ نٿا بنائين، جيڪي روسي سوشلسٽ پولينڊ، فنلينڊ ۽ يوڪرائين وغيره جي روس کان علحده ٿيڻ جي آزاديءَ جي

حق جي گهُر نٿا ڪن، اهڙا سوشلسٽ ناجائز قوم پرست ۽ سامراجي چمچا آهن ۽ مٿن سامراجين جو وهايل رت ۽ ڪِن ٽِڪيو پيو آهي.“

جيڪي نقلي ترقي پسند چون ٿا تہ ’خالص سوشلسٽ انقلاب لاءِ جدوجهد ڪريو ۽ وچ ۾ ٻيو ڪوبہ ڦڏو نہ وجهو، قومي جدوجهد جو مسئلو ڪڙو نہ ڪريو‘ اهڙن ”خالص سوشلسٽن ڪي لينن هي جواب ڏنو آهي:

”اهو خيال ڪرڻ تہ سماجي انقلاب بينڪن (ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي غلام ملڪن) ۽ يورپ جي ننڍڙين قومن جي بغاوتن کان سواءِ ٿي ايندو، يا وهمي ۽ تعصبي ڇوٽي وچين طبقي جي ڪنهن حصي جي انقلابي هلچل کان سواءِ ايندو، سياسي شعور نہ رکندڙ پورهيت ۽ اڌ پورهيت عوام طرفان زميندارن، ملن، پادرين، پانيٽن، پيرن، بادشاهن، قومي ظالمن خلاف تحريڪ کان سواءِ ايندو، سو ٿيندو خود سماجي انقلاب کان انڪار ڪرڻ. اهڙن ماڻهن جو خيال آهي تہ هڪڙي فوج ڪي گهرجي تہ ڪنهن هنڌ صفون ٻڌي بيهي چوي، ’اسين سوشلزم جا حامي آهيون!‘ ۽ ٻئي هنڌ وري ٻي فوج قطارون ٻڌي، بيهي چوي، ’اسين سامراج جا حامي آهيون!‘ اهڙيءَ ريت سماجي انقلاب اچي ويندو! .... جيڪو بہ اهڙي خالص، سماجي انقلاب جي آس رکيو ويٺو هوندو، سو مرڻو مري ويندو، سماجي انقلاب اکئين ڪونہ ڏسندو. اهڙو ماڻهو فقط وات سان انقلابي نڪاءُ ڏئي ٿو، باقي حقيقت ۾ انقلاب ڇا آهي، سا ڪيس خبر ئي ناهي.“ (صفحو 182).

جيڪي قومي جدوجهد جي انهيءَ بهاني سان مخالفت ٿا ڪن تہ ’قومي جدوجهد مان هندستان، روس يا آمريڪا ناجائز فائدو وٺي ويندا‘ تن ڪي لينن هي جواب ڏنو آهي:

”ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن هڪڙي سامراجي قوت خلاف قومي جدوجهد کي ٻي ان جهڙي ئي سامراجي طاقت پنهنجي مقصدن لاءِ استعمال ڪندي آهي. پر انهيءَ ڪري سوشلسٽ جمهوريت پسند مظلوم قوم جي الڳ حڪومت قائم ڪرڻ جي حق جي حمايت ڪرڻ کان انڪار نہ ڪندا. اِئين تہ ڪيترا سرمائيدار، مڪر ڪري پنهنجي مالي ڦرلٽ لاءِ بادشاهت جي جاءِ تي جمهوريت قائم ڪرڻ جا نعرا استعمال ڪندا آهن. پر اُنهيءَ ڪري سوشلسٽ جمهوريت پسند، جمهوريت قائم ڪرڻ جي ڳالهہ کي رد ٿورئي ڪندا.“ (صفحو 130).

جيڪي چون ٿا تہ ’قومي جدوجهد هلائبي تہ هڪ طرف پنجابي پناهگير عوام تہ ٻئي طرف سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ عوام پاڻ ۾ وڙهي پوندا. اُنهن جي وچ ۾ تفرقو پئجي ويندو‘، ۽ جيڪي قومي جدوجهد جي حق ۾ فقط عام ۽ هوائي جملا ڳالهائيندا آهن،

سگهي لباڙ هڻندا آهن ۽ گهُر ڪندا آهن تہ ’قومي سوال کي تيسين پنيان رکو جيسين سوشلزم جو بول بالا ٿئي‘ تن کي لينن جا هي لفظ ذهن نشين ڪرڻ کپن: ”سوشلزم جو مقصد رڳو اهو ناهي تہ انسان ذات، جا هينئر ننڍڙين ننڍڙين حڪومتن ۾ ورهائي پئي آهي ۽ اُن جون سڀ قومون هڪٻئي کان پري پري وينيون آهن، تنهن ڳالهہ کي ختم ڪجي. سوشلزم جو مقصد رڳو قومن کي پاڻ ۾ ناهڻ نہ آهي، پر سندس مقصد آهي قومن کي پاڻ ۾ ملائي هڪ ڪرڻ. انهيءَ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ئي اسان جو فرض آهي تہ اسين .... هڪ چِٽي ۽ ٺُز نموني ناهيل سياسي پروگرام ذريعي مظلوم قومن جي آزاديءَ جي گهُر ڪريون. اُنهيءَ پروگرام ۾ اِنهيءَ ڳالهہ جو خاص خيال رکڻ کپي تہ ظالم قومن جا ڪيترا سوشلسٽ منافق ۽ بزدل ٿيندا آهن، تنهنڪري اُن پروگرام ۾ عام ۽ هوائي جملا نہ هجن، سگهي لباڙ نہ هجي ۽ ائين نہ چئجي تہ ’قومي سوال کي تيستائين پنيان رکو جيستائين سوشلزم جو بول بالا ٿئي‘. جيئن انسان ذات طبقن جي خاتمي جي منزل تائين پهچندي - ۽ اُها اُتي فقط تڏهن پهچندي جڏهن اُها مظلوم طبقي جي ڊڪٽيٽرشپ واري وچين دور مان لنگهي پار پوندي، تيئن انسان ذات بہ نيٺ ۽ اوس ان منزل تي پهچندي؛ جتي قومون پاڻ ۾ ڪيرڪنڊ وانگر ملي، هڪ ٿي ويندون، پر ان منزل تي پهچڻ لاءِ لازمي آهي تہ پهرين هڪڙيءَ وچينءَ منزل کي رسجي. اُها منزل اِها آهي تہ سمورين ستايل قومن کي مڪمل نجات حاصل ٿئي، يعني هو پنهنجن الڳ حڪومتن قائم ڪرڻ جو حق ماڻين.“ (صفحو 128 - 129).

جيڪي سڄو ڏينهن رڳو ’اقتصادي جدوجهد‘ جو رينگٽ آلاپين ٿا، تن کي مائوزي تونگ جا هي لفظ ذهن نشين ڪرڻ کپن تہ ”قومي جدوجهد پس پيش هڪ اقتصادي جدوجهد آهي،“ لينن چوي ٿو، ”پراڻن اقتصاديت پرستن مارڪسي تعليم کي هڪڙو سانگ بنائي، پورهيتن کي سيکاريو تہ مارڪس جي انقلابي تعليم جي پوئلڳن لاءِ فقط اقتصادي پاسو اهميت رکي ٿو .... پر جيتوڻيڪ سوشلزم اقتصاديت تي ٻڌل آهي، پر اُهو فقط اقتصاديت ڪونهي.“ (صفحو 147).

جيڪي چون ٿا تہ ’قومي مسئلو موجوده جاگيرداري، سرمائيداري نظام ۾ ائين ئي حل ڪونہ ٿيندو ۽ فقط سوشلزم جي ڪاميابيءَ کان پوءِ ٿيندو‘، تن کي لينن اها ڳالهہ ياد ڏياري آهي تہ ”ٻيا سڀ جمهوري مسئلا، چوندون، پريس جي آزادي، ڌارين حاڪمن کان آزادي، وغيره سڀ موجوده جاگيرداري، سرمائيداريءَ ۾ مڪمل طرح حل ٿي نٿا سگهن، پر ان جو مطلب اهو آهي ڇا تہ اُنهن مسئلن تي جدوجهد نہ ڪجي!“ هو

سيڪاري ٿو تہ ”ڪنهن قومي جدوجهد جي سوشلسٽ انقلاب کان اڳ ڪاميابيءَ جي ڪٽي هزار مان هڪڙي چانس هجي، تہ بہ ان جدوجهد جي حمايت ڪرڻ کپي.“ (صفحو 172).

انهيءَ ڪري قومي مسئلي کي سوشلزم جي ڪامياب ٿيڻ تائين ملتوي ڪرڻ هڪڙي بدمعاشيءَ واري چال آهي. تنهن کان سواءِ ائين سمجهڻ تہ سوشلزم کان پوءِ ازخود سڀ مسئلا حل ٿي ويندا ۽ ظالم قومن جا پورهيت ازخود اهڙا پاڪ صاف ٿي ويندا، جو سمورن ناجائز فائدن تان ازخود هٿ ڪڍي، مظلوم قومن سان مڪمل انصاف ڪندا، سا بہ ڳالهہ غلط آهي. هو لکي ٿو: ”سوشلسٽ انقلاب آڻڻ کان پوءِ پورهيت طبقو پوتيءَ پاڪ اولياءُ سڳورو ڪونہ ٿي پوندو ۽ نہ وري غلطين ۽ ڪمزورين کان آجو ٿي پوندو.“ (صفحو 189).

پورهيت انقلاب کان پوءِ بہ جيڪڏهن سيني قومن کي هڪجهڙن جمهوري حقن ڏيڻ ۽ پنهنجن الڳ حڪومتن قائم ڪرڻ جي حق ماڻڻ لاءِ ڪوشش ونبي، تہ ٺيڪ آهي، نہ تہ رڳو سوشلزم اچڻ سان قومي مسئلو حل ٿئي اها توقع فضول آهي. هو لکي ٿو: ”قومي ظلم کي ختم ڪرڻ لاءِ سوشلسٽ پيداوار جو بنياد لازمي آهي .... پر سرمائيداريءَ کي بدلائي سوشلزم ڪرڻ سان پورهيت طبقو قومي ظلم کي مڪمل طرح ختم ڪرڻ جو رڳو امڪان پيدا ڪري ٿو، اهو امڪان رڳو تڏهن حقيقت بنبو، ۽ فقط تڏهن بنبو، جڏهن سيني ميدانن ۾ جمهوريت رائج ڪئي ويجي ۽ حڪومت جون سرحدون عوام جي خواهش مطابق ٺاهيون وڃن ۽ عوام کي الڳ حڪومت ٺاهڻ جي آزادي ڏني وڃي.“ (صفحو 147).

جيڪي چون ٿا تہ ’ظالم قوم جي عوام، خاص ڪري پورهيتن کي، قومي ظلم لاءِ ننڍي نٿو سگهجي ڇاڪاڻ تہ سڄي قوم ظالم ٿي نٿي سگهي، خاص ڪري پورهيت ظالم ٿي نٿا سگهن،‘ انهن جو جواب آهي تہ نہ رڳو قومون ظالم ٿينديون آهن پر پورهيت بہ ظالم ۽ مجرم ٿيندا آهن. ايتريقدر جو پورهيتن جا اڳواڻ ۽ سوشلسٽ بہ بدمعاش ٿيندا آهن. مثلاً، لينن صفحي 164 تي لکي ٿو: ”مارڪس ۽ اينجلس .... مڪمل طرح رجعت پرست قومن ۽ انقلابي قومن ۾ فرق ڪيو. مثلاً، اُهي قومون، جن يورپ ۾ روسي سامراج جي ٽاٽن طور ڪم ڪيو ۽ اُهي قومون جيڪي حقيقي انقلابي هيون، جهڙوڪ: جرمن، پول ۽ مگيار.“ اينجلس انگريز مزدور طبقي جو ذڪر ڪندي، ڪاٽسڪيءَ کي لکي ٿو: ”مون کان پڇيو اٿئي تہ ’غلام ملڪن بابت انگلنڊ جي پاليسي جي باري ۾ انگريز مزدور ڇا ٿو سوچي؟‘ سو هو ائين سوچن ٿا جيئن سياست بابت عام طرح سوچيندا آهن، هنن جي سوچ اُها ئي آهي جيڪا سندن سرمائيدار طبقي جي آهي.

(انگريز) مزدور ڏاڍي مزي سان اهي ڀوڙ پلاءَ پيا کائين جي انگلنڊ دنيا جي مارڪيٽ ۽ بينڪن تي هڪ هٽي ڄمائي تيار ڪيا آهن.“ (صفحو 341، مارڪس ۽ اينجلس جا غلام بينڪن بابت مضمون ۽ خط، اينجلس جو ڪاٽسڪيءَ ڏانهن لکيل خط).

”بهرحال انگلنڊ ۽ ان سان گڏ انگلنڊ جو مزدور طبقو، ان سنگين ڏوهه جو ڏنڊ پيا پرين جيڪو ڏوهه هو صدين کان آئرلنڊ خلاف ڪندا رهيا آهن.“ (صفحو 228).

اسين مٿي لکي آيا آهيون تہ ’نہ ڪي نوَ ڪوٽ ٿيندا آهن.‘ مارڪس ڪنهن هنڌ چيو آهي تہ ’ماڻهو جيڪڏهن ٻہ ۽ ٻہ ٽيا چار، انهيءَ ۾ بہ پنهنجو نقصان سمجهندا، تہ اها ڳالهہ نہ مڃيندا، ۽ چوندا ٻہ ۽ ٻہ ٿيا پنج! ۽ ان جي تائيد ۾ لڳاتار پيا دليل بازي ڪندا!‘ پر انقلابي استادن جي انقلابي تعليم جو لفظ لفظ، ان جو سمورو روح پنجابي پناهگير نقلي ترقي پسندن ڏانهن چڻ تہ آڱر کڻي پڪاري چوي ٿو: ”اوهين ڪوڙا ڪذاب آهيو. مڪار آهيو. سڄي پاڪستان جي عوام جا دشمن آهيو. انهن جي پورهيت جدوجهد جا غدار آهيو. اوهان کي ڪڏهن بہ معاف نہ ڪيو ويندو.“

پاڪستان جون مظلوم قومون نہ رڳو پنهنجي نجات لاءِ جدوجهد ڪنديون رهيون آهن، پر ساڳئي وقت پنجابي پناهگير پورهيت ۽ غريب عوام جي نجات جي جنگ پڻ لڙي رهيون آهن. بنگالي، سنڌي، پٺاڻ ۽ بلوچ عوام پنهنجي جدوجهد ذريعي پنجابي پناهگير زميندارن، سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ ۽ سندن دلال وچين طبقي جي راڄ جون پاڙون لوڏي، کين ڪمزور ڪيو آهي ۽ پنجابي پناهگير عوام کي موقعو ڏنو آهي تہ هو اڳتي وڌي، زميندار- سرمائيدار اقتدار جو تختو اونڌو ڪري، عوامي اقتدار قائم ڪن. پر پنهنجن نقلي ترقي پسندن پناهگير پنجابي ٽولن جي غدارين ڪري، پنجابي پناهگير عوام صحيح سوچ ۽ صحيح سياسي لائين حاصل ڪري نہ سگهيا ۽ مظلوم قومن سان اتحاد ڪرڻ بدران پنهنجي دشمن جا پڇ لٽڪائو، ڪمي ۽ ڪمدار ٿي ويٺا آهن. پنجابي پناهگير عوام جو وڏي ۾ وڏو دشمن پنجابي پناهگير، زميندار، سرمائيدار ۽ سندن دلال وچون طبقو آهي. اُنهن طبقن جي طاقت جون جڙون بنگال، سنڌ، بلوچستان، سرحد ۽ پنجاب ۾ آهن. جيڪڏهن پناهگير پنجابي عوام پنهنجي دشمن طبقي کان نجات حاصل ڪرڻ چاهي ٿو تہ هن کي گهرجي تہ نقلي ترقي پسند گروهہ کي ٺوڪاري، اُنهن کان جند ڇڏائي، پنهنجي مفاد طور پاڪستان جي مظلوم قومن جي عوام سان ملي، اُنهن هنڌن تي پنهنجي دشمن طبقن جون جڙون پٽي ڪڍي ۽ کين ڪمزور ڪري، تہ جيئن هو آسانيءَ سان اُنهن پنهنجن دشمن طبقن کي زير ڪري سگهن.

قومي جدوجهد جو پناهگير پنجابي نقلي ترقي پسند نظريو هڪ (1) پورهيت دشمن، (2) عوام دشمن، (3) انقلاب دشمن، (4) ڪٽر قوم پرست، (5) تنگ ـ طبقي پرست، (6) سنڌ دشمن، (7) پاڪستان جي سمورين مظلوم قوميتن جو دشمن، (8) رجعت پرست نظريو آهي، جو پنجابي پناهگير زميندارن سرمائيدارن جي دلالي ۽ چاڪري ڪندي، (1) پنجابي پناهگير پورهيت عوام کي گمراهه ڪري، پنهنجن سچن ساٿين يعني مظلوم قومن ۽ عوام کان ڪاٽي، اُنهن جو دشمن بنائي ٿو، (2) ڪين پنجابي پناهگير زميندارن سرمائيدارن سان مجرمانہ ساٿ ڏيڻ واريءَ واٽ تي هلارائي ٿو، (3) ڪين پاڪستاني عوام جي گڏيل عوامي جدوجهد جي دشمن ۽ غدار جو پارٽ ادا ڪرڻ لاءِ اُياري ٿو. ٻئي طرف اهو مظلوم قومن جي جدوجهد کي ڏڪ هڻي، (1) پنجابي پناهگير زميندارن ۽ سرمائيدارن جا سامراجي قرلٽ جا مورچا بچائي ۽ سلامت رکي ٿو، (2) انقلاب ۽ سوشلزم سان غداري ڪندي، ڪين مظلوم قومن ۾ بدنام ۽ خوار ڪري، عوام کي انهن کان بدظن ۽ بيزار ڪري ٿو، (3) انقلاب دشمن ۽ سوشلسٽ دشمن قوتن کي تقويت پهچائي ٿو، (4) مظلوم قومن جي پورهيت عوام کي وڏيرن، خانن، سردارن، سرمائيدارن ۽ رجعت پرست ملن جي جهوليءَ ۾ اڇلائي ٿو، ۽ (5) وڏيرڪي ڪوڙي قوم پرستيءَ کي زور وٺائي ٿو.

قومي جدوجهد جي پناهگير پنجابي نقلي ترقي پسند نظريي خلاف جدوجهد قومي نجات، پورهيت اتحاد، عوامي انقلاب ۽ سوشلزم واسطي جدوجهد آهي. اِها هن دور جي اهم ترين قومي ۽ انقلابي تقاضا آهي.

["تحريڪ"، آڪٽوبر 1973ع]

# قومي جدوجهد جو سنڌي انقلابي وطن دوست نظريو

## پس منظر

سنڌي عوام جي مسئلن ۽ مقصدن کي سمجهڻ لاءِ اسان کي نہ رڳو سنڌ يا سڄي پاڪستان جي صورتحال سمجهڻي پوندي، پر ساڳئي وقت سڄيءَ دنيا جي صورتحال تي بہ ويچار ڪرڻو پوندو. اسان کي نہ رڳو اڄ ۽ ڪالهہ بابت سوچڻو پوندو، پر سڀاڻي بلڪ پرينهنءَ تي بہ ويچار ڪرڻو پوندو.

## سنڌ کي سمجهڻ لاءِ سڄيءَ دنيا کي سمجهڻ ضروري آهي.

سنڌي عوام کي گذريل پنجويهن سالن ۾ آل انڊيا سياست، آل پاڪستان سياست ۽ بين الاقوامي انقلابي سياست جي آڙ ۾ تمام گهڻو ستايو، ڦريو، لٽيو ۽ پيڙيو ويو آهي. تنهنڪري ’کير جي ڪاڙهل جهڻ ڦوڪي پيئي‘ وانگر ڪي محب وطن چون ٿا تہ ”ٻيءَ دنيا کي ڇڏيو! خالص سنڌ جي ڳالهہ ڪريو!“ اِها ڳالهہ هن حد تائين بلڪل صحيح آهي تہ سنڌي عوام جي سياست کي ملڪ جي ٻين حصن يا ٻين ملڪن يا دنيا جي سياست جو پڇ هرگز نہ بنائڻ گهرجي. پر اُن ڳالهہ کان اڳتي ڳالهہ صحيح نہ ٿيندي. سنڌ جي سياست جا ملڪ جي ٻين حصن جي سياست سان ۽ ملڪ جي سياست جا دنيا جي ٻين ملڪن جي سياست سان بيشمار اڻ ٽٽندڙ ۽ اڻ لڪا لاڳاپا ۽ ناتا آهن. اُهي ناتا سنڌ جي سياست تي وڏو اثر وجهن ٿا. ملڪ جي ٻين حصن ۽ دنيا جي ملڪن جي سياست ۾ ڪيترين قوتن اسان جون همسفر ۽ حال يائي آهن، ۽ ڪيترين ئي قوتن اسان جون ازلي دشمن آهن. اسان جي دشمنن کي اها خبر آهي. هو ان ڳالهہ جو فائدو وٺي، پاڻ کي فائدو ۽ اسان کي نقصان پهچائيندا رهن ٿا. پر اسين اڻڄاڻائيءَ ڪري، نڪو عوام دشمنن کان بچاءُ ڪري سگهيا آهيون، نڪو پنهنجي فائدي وارين حالتن ۽ قوتن مان جوڳو فائدو وٺي سگهيا آهيون. مثال طور، سڄيءَ دنيا جا سامراجي جهڙوڪ: امريڪا، انگلنڊ، فرانس وغيره صدين کان ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني امريڪا جي مسڪين ۽ اشراف قومن کي دٻائي، ماري، پنهنجو زيردست بنائي، ڦريندا لٽيندا رهيا آهن. هنن اُنهن مسڪين قومن کي جڻ تہ هڪ شاهي سامراجي لوڙهي ۾ بند ڪري، ڪين تالو ڏيئي ڇڏيو هو. جنهن ٻڙڪ ٻاهر تي ڪيدي، تنهن کي چيڀاٽي تي ڇڏيائون. اسان جي سنڌ ۽

پاڪستان جي علائقن جا ماڻهو بہ انهيءَ لوڙهي ۾ بند هئا. مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي پروپئگنڊابازن سڄي دنيا ۾ وني هُلايو آهي تہ ’سامراج جي شير ڪي اسان ماري ڀڄائي ڪڍيو. اسين نہ هجون ها تہ هندستان ۽ پاڪستان اڄ غلام هجن ها.‘ پر تاريخ جي ڄاڻن کي چڱيءَ طرح خبر آهي تہ جيڪڏهن پهرينءَ جنگ عظيم ۾ روس جا هاري ۽ مزدور روس ۾ سامراجي راڄ جو تختو اونڌو ڪري، سامراجي لوڙهي جا ٻرگهل ڪڍي نہ رکن ها، ۽ سامراج جي ڇيلھ نہ ڀڃي رکن ها، ۽ ٻيءَ جنگ عظيم ۾ روسي عوام پنهنجي انقلابي پورهيت پارٽيءَ ۽ سرڪار جي اڳواٽي هيٺ لکين ڪروڙين جانيون قربان ڪري، پنهنجي وطن جي ٻاڙي ٻاڙي تي هٽلري ديوَ سان ٻکين نہ پون ها، ۽ ان جي گهر تي ڪاهي، نازي شيطانيت جون جڙون نہ اکوڙين ها، ۽ سڄيءَ دنيا جي سامراجين جي طاقت جو نشو نہ ٽوڙين ها؛ جيڪڏهن چيني عوام لاڳيتار 25 سال جپاني، امريڪي، برطانوي سامراجن سان حياتيءَ ۽ موت جي جنگ نہ لڙن ها ۽ ايشيا ۾ سندن معتبريءَ جي پڳ لاهي نہ رکن ها؛ تہ جيڪر انگريز کي ڪابہ ضرورت ڪانہ پوي ها، جو هو هندستان جهڙيءَ سونا آنا ڏيندڙ ڪڪڙ کي هندو سيٺئين ۽ مسلمان جاگيردارن کي اڌ پائيواريءَ تي ڏيئي، پاڻ ٽپڙ کڻي، ڳوٺ هليو وڃي ها. ڪانگرس ۽ مسلم ليگ جا لک لائق، پر انهن جي ڏکي کي بہ طاقت ڪانہ هئي، جو رڳو ٺلهين تقريرن ۽ چاڙي بازين سان انگريزن کي ڏيڄاري، ڀڄائي ڪڍي ڇڏين ها. اِها تہ اسين دعا ڪريون دنيا جي دلير ۽ سرويچ انقلابي پورهيت عوام کي، جن جي قربانين ڪري اسان کي انڌي منڊي مفت جي آزادي ملي؛ جي نہ، تہ انگريز جيڪر رڳو سچ پچ اکيون ڪڍي ها، تہ بہ ڪانگريسي ۽ ليگي سورما گهرن کان ٻاهر بہ ڪونہ نڪرن ها.

تازو عربن يورپ ۽ امريڪا جي فيل مست طاقتن جو تيل پاڻي بند ڪري ڇڏيو آهي، ۽ ماٺ منيءَ ۾ تيل جا اگهہ ٻيڻا، چوڻا ڪري، سندن گهر مسيت ڪري ڇڏيو اٿن. ڀانيو ٿا تہ جيڪڏهن روس جهڙو فيل مست پهرئين نمبر جو پاور هئڊروجن بمن ۽ راڪيٽن سميت عربن جي اَيڙي سيڙي مدد نہ ڪري ها، ۽ چين، ويٽنام ۽ ڪوريا امريڪا جي ڇيلھ ڇبي نہ ڪريو وينا هجن ها، تہ اڄ جيڪر امريڪا ۽ يورپ جون شيطاني طاقتون عربن کي ڪٽي وجهي ڇڏين ها! عرب شيخن ۽ بادشاهن کي ايڏي مجال ئي نہ ٿئي ها، جو هو اُنهن خلاف ٻڙڪ ٻاهر ڪڍي سگهن ها. حقيقت ۾ سڄيءَ دنيا جون ننڍڙيون ڪمزور ۽ پوئتي پيل قومون، دنيا جي انقلابي قومن جي ئي ڪنڌي تي، سامراجي طاقتن مٿان رعب پيون رکن، نہ تہ دنيا جون بدمعاش سامراجي طاقتون سندن نڙيءَ تي لت رکيو وينيون هجن ها. ٻئي طرف ائين ناهي تہ ڪو اڳتي وڌيل انقلابي

قومون ئي پوئتي پيل قومن جي مدد ڪن ٿيون. پوئتي پيل قومن جي انقلابي جدوجهد ٻـ موٽ ۾ اڳتي وڌيل انقلابي مورچن کي مضبوط ڪري ٿي. مطلب تـ سڄيءَ دنيا جي انقلابي عوام ۽ قومن جا مفاد هڪٻئي سان ڳنڍوچڙ ٿيا پيا آهن ۽ سڀ هڪٻئي تي دارومدار رکن ٿا. هڪڙي جي ڪمزوري سيني جي ڪمزوري آهي. سيني جي ڪمزوري هرهڪ جي ڪمزوري آهي. سڀ ساڳيءَ ٻيڙيءَ جا سوار آهن. اسين سنڌي بـ صدين کان ٻين ڄجهن سان گڏ ساڳيءَ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيل آهيون، پاڪستان جا سمورا مظلوم عوام ساڳيءَ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيل آهن. ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني امريڪا جون مظلوم قومون ٻيءَ ساڳي ٻيڙيءَ ۾ چڙهيل آهن. سڄيءَ دنيا جا سمورا مظلوم طبقا ۽ مظلوم قومون ٿيءَ ساڳيءَ ٻيڙيءَ ۾ چڙهيل آهن. انهن ٻيڙين کي جيڪو لهر لوڏو اچي ٿو، اهو سيني تي اثر ٿو وجهي. اِن ڪري سنڌي عوام کي اها صلاح ڏيڻ تـ هو اٿ پڪيءَ وانگر واريءَ ۾ سسي لڪائي، رڳو زبان سان ويهي 'سنڌ سنڌ' ڪن، سا ڳالهه سنڌ ۽ سنڌي عوام لاءِ فائدي واري نـ ٿيندي.

تنهن کان سواءِ، فقط سنڌ جي ڳالهه ڪرڻ ممڪن بـ نـ آهي. مثال طور سنڌ جي تاريخ ۾ ايرانين، يونانين، عربن، افغانن، مغلن ۽ انگريزن جي ذڪر کان سواءِ سنڌ جي صحيح تاريخ بيان ڪرڻ ناممڪن آهي. درحقيقيت اڳي اسان جي ڪمزوريءَ جو وڏو سبب هو ئي اِهو، جو ٻيءَ دنيا کي اسان کي قوتن ۽ ڪمزورين جي خبر هئي، پر اسان کي ٻيءَ دنيا جي ڪابہ خبر ڪانہ هئي. اِن ڪري سنڌ کي سمجهڻ لاءِ اهو ضروري آهي تـ سنڌ، جنهن دنيا ۾ رهي ٿي، اُن جي ڳوڙهي ڄاڻ، يا گهٽ ۾ گهٽ تلهي ليکي ڄاڻ، حاصل ڪئي وڃي.

## قومي غلاميءَ جا ٻہ روپ ـ ٻاهرين غلامي ۽ اندرين غلامي

سنڌ سوين سال آزاد ۽ خودمختيار رهي آهي، ۽ سوين سال غلام رهي آهي. سمن جي خودمختيار راڄ کان پوءِ اِها گهڻو عرصو مختلف صورتن ۾ مختلف غلام بنائيندڙن جي غلام ٿي رهي آهي. سنڌ جي عوام غلاميءَ جي هر دور ۾ غلام بنائيندڙن خلاف وڏيءَ اورچائيءَ ۽ سُورهيائيءَ سان جدوجهد پئي ڪئي آهي، ۽ جڏهن بـ ڪين موقعو مليو آهي، تڏهن هنن غلام بنائيندڙن کي ماري، ڌوڙائي ڪڍيو آهي. اُن باري ۾ ٻہ ڳالهيون خاص ڪري نوٽ ڪرڻ جهڙيون آهن. پهريون تـ غلاميءَ جو شڪار فقط اڪيلي سنڌ ڪانہ پئي رهي آهي! اِهو غلاميءَ جو عذاب سموريءَ انسان ذات کي گڏيل تاريخي ورثي ۾ مليل آهي. هيستائين غلامي رڳو سنڌي عوام جو نـ پر ساريءَ دنيا جي

عوام جو مقدر پئي رهي آهي. ان ۾ سنڌي عوام جو قصور ڪين هو، پر گذريل لکين سالن جو يڪو عرصو ئي اهڙو هو، جنهن ۾ سڄيءَ دنيا جا پورهيت عوام ٿورن مٺ جيترن ماڻهن جا غلام ٿي رهڻ ۽ ڦرجڻ لٽجڻ لاءِ مجبور هئا. تاريخ جي هر دور ۾ نڪما، حرامخور، ظالم ۽ ڦورو ٽولا پنهنجن علائقن، قومن ۽ ملڪن جي پورهيت ۽ ڪاٿائو عوام کي ڦري لٽي، غلام بنائي، پوءِ وري دنيا جي ٻين ملڪن کي ڦريندا، لٽيندا ۽ غلام بنائيندا رهيا آهن. دنيا جي ڪابہ اهڙي قوم ڪانهي، جا تاريخ جي ڪنهن نہ ڪنهن دؤر ۾ ٿوري يا گهڻي عرصي لاءِ ڌارين ڦوروئن ۽ غلام بنائيندڙن جو شڪار نہ ٿي رهي هجي.

ٻي ڳالهہ تہ ڌارين ڦورو ٽولن جي غلامي، قومن جي غلاميءَ جو فقط هڪڙو روپ آهي. دنيا جي عوام جي ڪچيءَ ۾ غلاميءَ جو سڀ کان وڏو ۽ دائمي ڳٽ اندروني غلاميءَ جو پيل رهيو آهي. دنيا جون قومون جنهن عرصي ۾ ڌارين ڦورو ٽولن جون غلام نہ رهيون آهن، اُن عرصي ۾ بہ هو غلاميءَ کان ڇٽل ڪونہ رهيون آهن. اُن وقت بہ هو اندرين ۽ گهرو غلام بنائيندڙ طبقن ۽ ٽولن جي ڦرلٽ، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جو شڪار بنيون رهيون آهن. جنهن وقت سنڌ ٻاهرين غلاميءَ کان آزاد هئي، تنهن وقت بہ سندس ڪچيءَ ۾ جاگيردارن، وڏيرن، ملن، پيرن ۽ حرام ڪائو ڦورورئن جي اندروني غلاميءَ جو ڳٽ پيو رهيو آهي. درحقيقت اِها اندروني غلامي ئي هئي، جنهن سنڌ کي ايترو ڪمزور ۽ نستو ڪري ڇڏيو ٿي، جو اُها ڌارين غلام بنائيندڙ ڦورو ٽولن جو سٽيو شڪار ٿِي ٿي پيئي.

دنيا جي تاريخ جو غور سان مطالعو ڪبو، تہ ڏسبو تہ لکين سالن کان وٺي 19 صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين روءِ زمين تي ڪابہ اهڙي قوم ۽ ڪوبہ اهڙو ملڪ ڪونہ هو، جتي عوام ڌارينءَ اندروني ٻنهيءَ غلاميءَ يا اڪيليءَ اندروني غلاميءَ جي ڳٽ کان مڪمل طرح آزاد هجن. هر ملڪ ۽ هر قوم جي هر نسل کي هر دؤر ۽ هر زماني ۾ ٿورڙا ظالم ۽ ڦورو ماڻهو ۽ طبقا ڦريندا، لٽيندا ۽ غلام بنائيندا رهيا آهن. اِنهيءَ خيال کان اڄ تائين سنڌ ڪڏهن بہ صحيح معنیٰ ۾ ٻاهرينءَ توڙي اندرينءَ ڦرلٽ ۽ غلاميءَ کان آزاد نہ رهي آهي. ٻين لفظن ۾، 19 صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين، نہ رڳو سنڌي عوام جِي، پر سموري انسان ذات جي سمورن پورهيت طبقن جي هر نسل جِي عمر غلاميءَ ۾ ڳري کپي ويئي آهي. سندن هٿن ۽ دماغن جي پورهئي کي سندن مُٺ جيترن دشمنن ڦري کاڌو، لُٽيو ۽ زيان ڪيو آهي. سنڌ جي بدقسمتي درحقيقت پوري هند پاڪ ننڍي کنڊ جي ۽ سموري انسان ذات جي بدقسمتيءَ جو هڪڙو ننڍڙو حصو هئي.

انسان ذات تاريخي طرح هيستائين جڻ ٻالپڻ ۽ ٻيوسيءَ جي وهيءَ ۾ هئي. هن 20 صديءَ جي شروعات اِها جڻ اچي وهِيءَ چڙهي آهي، ۽ پنهنجا تيز سرهڻ جهڙي تي آهي. چوندا آهن تہ ’ظلم قائم آهي، پر ظالم نہ رهندو آهي.‘ هن صديءَ ۾ ئي مس مس اِهو دور آيو آهي، جڏهن انساني تاريخ لکن سالن کان پوءِ اُن ڏاکي تي پهتي آهي، جڏهن نہ رڳو ظالم جِي پر ظلم جي بہ پاڙ پٽي سگهجي ٿي. اج ئي اُهي قوتون جميون، وڌيون، ويجهيون ۽ اُسريون نسريون آهن، جي نہ رڳو دنيا جي هاٺوڪن سمورن ڦوروئن، ظالمن ۽ غلام بنائيندڙن جي گڏيل قوتن کان آهستي آهستي ڏاڍيون ۽ زورآور ٿي رهيون آهن، پر خود سموري ڦرلٽ، ظلم ۽ غلاميءَ جي قهري نظام جو بُڻ بنياد پڻ هميشہ لاءِ پٽي سگهن ٿيون. اج ئي هيٺا ڏاڍن تي دائمي فتح پائي سگهن ٿا. اج ئي لکن سالن جي اندرونيءَ توڙي ٻاهرينءَ غلاميءَ جي موذي مرض کان ڇوٽڪاري جو يڪ ٽڪ علاج پيدا ٿي چڪو آهي.

## پنج سماجي نظام

اندازو لڳايو ويو آهي تہ انسان ذات کي انسان جي حيثيت ۾ ڌرتيءَ تي رهندي اٽڪل ڇهہ لک سال ٿيا آهن. انهيءَ عرصي ۾ انسان ذات ڇئن مکيہ دورن مان لنگهي آهي: (1) قديم راڄوٽي نظام، (2) غلاميءَ وارو نظام، (3) زميناري ۽ جاگيرداري نظام، (4) سرمائيداري نظام.

سرمائيداري نظام پنهنجي اوائلي عمر ۾ هڪ ترقي پسند نظام هو. هاڻي اُهو هڪ هٽيءَ ۽ سامراج جي منزل تي پهچي، پوڙهو ۽ مدي خارج ٿي ويو آهي ۽ پنهنجي خاتمي جي ويجهو اچي رسيو آهي. هن صديءَ جي شروعات ۾ سرمائيداري نظام جي ڪُک مان هڪڙي نئين نظام جنم ورتو آهي. اُهو آهي سوشلسٽ نظام. انهيءَ ڪري هن دور کي غلام بنائيندڙ نظام جي پڄاڙيءَ ۽ سوشلسٽ انقلابن جي شروعات جو دور ڪري سڏيو وڃي ٿو.

## تارخ جو نرالو نئون دور

هيءُ دور، هينئين ڳالهين ڪري، اڳين سمورن تاريخي دورن کان نرالو ۽ اُبتڙ آهي:

1 ـ اڄ ڀي بہ سدائين سماجي انقلاب ايندا رهيا آهن ۽ دور بہ بدلبا رهيا آهن. قديم راڄوٽي نظام جي جاءِ غلاميءَ جي نظام ورتي. غلاميءَ جي نظام جي جاءِ زمينداري جاگيرداري نظام ورتي. جتي سرمائيداري اچي چڪي آهي، اُتي زمينداريءَ جاگيرداريءَ جي جاءِ سرمائيداريءَ ورتي آهي. پر اڄ ڀي هر سماجي ردوبدل ۽ انقلاب جو نتيجو اِهو نڪرندو هو، جو هڪڙي ننڍڙي ڦورو ٽولي يا طبقي جي جاءِ تي ٻيو ننڍڙو ڦورو ٽولو يا طبقو عوام جي وڏيءَ گهڻائيءَ کي ڦريندو، لٽيندو ۽ غلام بنائيندو هو. هر ردوبدل ۽ انقلاب کان پوءِ عوام اڄ ڀي وانگر ڦربا ۽ غلام رهجي ويا ٿي. فقط ڦورو يا غلام بنائيندڙ بدلبا رهيا ٿي. ڦرلٽ ۽ غلاميءَ تي ٻڌل نظام نٿي بدليو. هن دور ۾ جيڪي صحيح معنیٰ ۾ انقلاب اچن ٿا، تن ۾ هڪڙن ڦورن ۽ غلام بنائيندڙن جي جاءِ ٻيا ڦورو ۽ غلام بنائيندڙ نٿا والارين، پر خود ڦريل ۽ غلام بنايل عوام ملڪ جي دولت ۽ پنهنجي پورهئي جا مالڪ ٿين ٿا.

2 ـ هن دور ۾ مجموعي طرح سڄيءَ دنيا جي عوام ۽ ان جي حمايتين جي طاقت سڄيءَ دنيا جي عوام دشمنن کان وڌيڪ آهي. عوام دشمنن جي فوجي هٺ هٿي بہ بنيادي طرح ختم ٿي چڪي آهي.

3 ـ اڄ ڀي اقتدار تي قبضي ڪرڻ جي علم ۽ فن جي ڄاڻ ۽ تجربو فقط ڦورو طبقن کي هوندو هو. هاڻ دنيا جا انقلابي عوام اقتدار حاصل ڪرڻ جي علم ۽ هنر جي ڄاڻ ۽ تجربو پرائي چڪا آهن. اُنهن اُن ڄاڻ جي مدد سان، عوام دشمنن خلاف جدوجهدون ڪري، انقلاب آڻي، پنهنجا اقتدار، پنهنجيون سرڪارون ۽ پنهنجيون فوجون قائم ڪيون آهن. هو هر ميدان ۾ دشمن کان گوءِ ڪٽي ويا آهن.

4 ـ اڄ ڀي فقط دنيا جي ڦورئن، ظالمن ۽ غلام بنائيندڙن جي وچ ۾ ٻڌي ۽ ايڪو هوندو هو، ۽ هو، وقت سر، عوام خلاف هڪٻئي جي ناجائز مدد ڪندا هئا. هاڻي خود انقلابي عوام، انقلابي طبقن، انقلابي قومن ۽ انقلابي حڪومتن جي وچ ۾ اتحاد پيدا ٿي رهيو آهي ۽ ڏينهون ڏينهن وڌي ويجهي رهيو آهي. هو سڌي خواهہ اڻسڌي نموني، مهل سر، هڪٻئي جي مدد ڪندا رهيا آهن ۽ ڪن پيا.

5 ـ اڄ ڀي فقط عوام دشمنن کي مظلوم ملڪن ۽ قومن ۾ پنهنجا ساٿي ۽ مددگار ملندا هئا، جي هنن جي پاران ان ملڪ ۽ قوم جي طاقت کي اندران کائي، سُري وانگر ڪمزور ڪندا هئا، ۽ سندن واسطي رستو صاف ڪندا هئا. هاڻي خود ظالمن جي ڪئمپ اندر، اتي جا انقلابي عوام ۽ طبقا، مظلوم ملڪن ۽ قومن جي حمايت ۾، پنهنجي ملڪ

جي ظالمن ۽ ڦوروئن جي گهر ۾ گهوٽالو وجهي، کين ڪمزور ڪن ٿا ۽ سڏيءَ خواه اڻ سڏيءَ طرح مظلوم ملڪن ۽ قومن جي واهر ڪن ٿا.

6 ـ اڳي فقط عوام دشمنن کي خبر هوندي هئي تہ عوام جي اندر جيڪي تضاد ۽ تفرقا قدرتي طرح آهن، تن کي هٿراڌي نموني ڪيئن تيز، اونهو ۽ ويڪرو ڪجي. هاڻي انقلابي عوام، انقلابي طبقن کي بہ اِها خبر پئجي ويئي آهي تہ دشمن جي ڪئمپ ۾ جيڪي قدرتي تضاد ۽ تفرقا آهن، تن کي ڪيئن پرڪي تيز، اونهو ۽ ويڪرو ڪجي، ۽ ڪيئن انهن جو انقلابي عوام جي جدوجهد واسطي مڪمل فائدو ونجي.

7 ـ عوام دشمن سامراجي سرمائيدارن جي سموري ٽيڪَر ۽ من مستيءَ جو راز اِهو آهي، جو هنن ڪيترين صديون سڄيءَ دنيا جي عوام جي گڏ ڪيل دولت ڦري، لٽي پنهنجي ملڪ ۾ ڪارخانا قائم ڪيا. انهن ڪارخانن لاءِ ڪچو مال هنن ڏنڊي جي زور سان مظلوم ملڪن کان پڳڙن مٺ تي ورتو ۽ ڪارخانن ۾ تيار ٿيل مال وري ڳاٽي پڳن اگهن يا زبردستيءَ کين وڪيو. اڄ هو ڏنڊي جي زور سان قيمتي ڪچو مال ڦرڻ ۾ ناڪام ٿي رهيا آهن. سندن تيار ٿيل مال زوري ڳاٽي پڳن اگهن تي وڪڻڻ جا رستا بہ آهستي آهستي بند ٿي رهيا آهن. ٻئي طرف انقلابي عوام، جن ملڪن ۾ انقلاب آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي، اتي هو پنهنجي مظلوم ڀائرن کان مناسب اگهن تي ڪچي مال وٺڻ ۽ تيار ٿيل مال وڪڻڻ جي لائق ٿي ويو آهي. تنهنڪري سرمائيدار ملڪن جي هڪ هٽي ۽ ٽيڪَر ٽٽي پيئي آهي.

8 ـ اڳ عوام دشمن سامراجين ۽ غلام بنائيندڙن کي فقط ڪنهن ايڪڙ ٻيڪڙ گهوٽالي يا بغاوت سان منهن ڏيڻو پوندو هو. اُن ڪري هو واري واري سان پنهنجيون سڀ طاقتون هڪڙي خاص مورچي تي گڏ ڪري، گهوٽالي يا بغاوت کي آسانيءَ سان ختم ڪري سگهندا هئا. هاڻي سڄيءَ دنيا جي عوام جا دشمن چؤطرف گهوٽالن ۽ بغاوتن جي شعلن ۾ وڪوڙيل آهن. هڪ طرف سندن ملڪن جا انقلابي پورهيت عوام، ٻئي پاسي دنيا جون انقلابي آزادي پسند قومون، ٽئي طرف سندن پنهنجو پاڻ ۾ رقابتون ۽ دشمنيون، چوٿين پاسي اُهي حڪومتون جن پنهنجي ملڪ کي آزاد ڪرائي انقلابي اقتدار قائم ڪري ورتو آهي. هو اجا هڪڙي جنجال مان جند ڇڏائين ئي ڪونہ ٿا، تہ ٻئي پاسي سندن خلاف ممڻ متو پيو آهي! هو سياسي، فوجي، اقتصادي ۽ ثقافتي مورچن تي گهڻي قدر پنهنجي بچاءَ جي جنگ لڙي رهيا آهن، ۽ ڏينهون ڏينهن پوئتي ڌڪبا وڃن. ويٽنامي شڪست ۽ تازي تيل جي گهوٽالي تہ سندن ڪمر ٽوڙي وڌي آهي.

9 ـ اڳي ڪنهن ملڪ جا انقلابي عوام پنهنجي مڪاني آقائن خلاف بغاوت ڪندا هئا، تہ سندن آقائن جا سامراجي آقا، فوجون وني، اچي پنهنجن چاڙتن جي مدد ڪندا هئا ۽ انقلابي عوام کي ڪچليندا هئا. ان ڪري مڪاني ظالم طبقا، بنا ڪٽڪي جي، عوام جي هر احتجاج ۽ بغاوت کي ڪچلي ڇڏيندا هئا. هاڻي مڪاني ظالم طبقن جا آقا خود پنهنجي جند ڇڏائڻ ۾ پورا آهن. تنهنڪري سواءِ بنهہ ڪنڌ تي ڪاتي اچڻ جي، هو سڏيءَ طرح هر ملڪ جي مڪاني چاڙتن جي واهر ڪرڻ لاءِ آتا ناهن. اِن ڪري انقلابي عوام لاءِ پنهنجا حق حاصل ڪرڻ جا موقعا اڳي کان تمام گهڻا، بهتر ۽ سازگار آهن. اِهو ئي سبب آهي، جو ٻيءَ دنيا ۽ پاڪستان جي ٻئي مظلوم عوام وانگر سنڌي عوام بہ سيڪنهن قسم جي قرلت ۽ ارهہ زورائيءَ کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ بابت سوچي ويچاري ۽ رٿابندي ڪري سگهي ٿو.

## سنڌي عوام جي جدوجهد جي الڳ حڪمت عمليءَ جي ضرورت ڇو آهي؟

هونئن تہ، تمام ڊگهي نظر ڏاري، ڏسبو، تہ پاڪستان جي سموري مظلوم ۽ پورهيت عوام جا دائمي ۽ بنيادي مفاد ساڳيا آهن.

اُهي آهن هر قسم جي اندروني خواهہ ٻاهرينءَ، طبقاتي خواهہ قومي غلاميءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۽ سڪئي ستابي ٿيڻ جا ڀرپور موقعا ۽ وسيلا حاصل ڪرڻ. پر ڪيترين ڳالهين اهڙيون بہ آهن، جن ۾ پاڪستان جي مختلف ماڻهن ۾ فرق، اڻ برابريون، تضاد، ٽڪر ۽ مقابلا موجود آهن. هر علائقي جا عوام پنهنجي ٻولي، پنهنجي ثقافت ۽ پنهنجو خاص تاريخي تجربو رکن ٿا. سماجي واڌاري جي ڏاڪن تي سيني صوبن جا عوام ساڳئي ڏاڪي تي ناهن. بلوچستان اڃا قبائلي دور ۾ آهي. سرحد ۾ قبائلي، جاگيرداري ۽ سرمائيدار دور گڏوگڏ هلي رهيا آهن. سنڌ ۾ بہ ڪراچي کان سواءِ ٻين هنڌن تي اڃا قبائلي ۽ وڏيرڪو دور آهي. پنجاب تيزيءَ سان سرمائيداري دور ڏانهن وک وڌائي رهيو آهي. سنڌ جي ڪراچي واري حصي ۾ سرمائيداريءَ جو راڄ آهي. اِنهيءَ ڪري هر علائقي جي عوام جا مسئلا ساڳيا ناهن. نڪي انهن جا حل ساڳيا ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن هر علائقو پنهنجي نوس حالتن پٽاندر، پنهنجي مسئلن جا اهڙا صحيح حل ڳولي ڪڍي، جي ساڳئي وقت پاڪستان جي سموري مظلوم عوام جي مفادن سان بہ بنيادي ۽ دائمي ٽڪر نہ کائين، تہ پوءِ سموري پاڪستان جي عوام جي گڏيل مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪابہ بنيادي ڏکيائي نہ ٿيندي. اِهو ئي سبب آهي، جو

اسين پنهنجي عوام جي خاص حالت ۽ مسئلن بابت سوچ ويچار ۽ رٿابندي ڪنداسين، تہ نہ رڳو سنڌي عوام جا مسئلا حل ٿيندا، پر سموري پاڪستان جي مظلوم عوام جي مسئلن حل ڪرڻ ۾ وڏي مدد ۽ هٿي ملندي. ان نظر سان ڏسبو تہ سنڌي عوام جي مسئلن بابت سوچ ويچار ۽ رٿا ڪرڻ ساڳئي وقت سموري پاڪستان جي مظلوم عوام جي مسئلن بابت سوچ ويچار ۽ رٿا ڪرڻ جي مقصد ڏانهن هڪ اهم اڳتي وک آهي.

## مقصد:

## سنڌي انقلابي وطن دوست جدوجهد جو ڊگهي مدي وارو مقصد

اُهو مقصد هي آهي: سنڌي عوام کي ٻاهرين خواهہ اندروني ڦرلٽ، غلاميءَ ۽ ظلم کان مڪمل ڇوٽڪارو ڏياري، ڪيس سنڌس تاريخ ۾ پهريون ڀيرو، پنهنجي قسمت، دولت ۽ پورهئي جو مڪمل طرح مالڪ بنائڻ ۽ سنڌس هٿان هڪ نئون شاندار سماج اڏائڻ.

## وڏيرا شاهيءَ جي لعنت ختم ڪرڻ لازمي آهي.

اُهو مقصد ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ واٽ وٺڻ سان حاصل ٿيندو؟ اِنهيءَ سوال جي جواب حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي حال سان گڏ آئيندي تي نظر وجهڻي پوندي. دنيا ۾ مجموعي طرح هي دور برابر سرمائيداريءَ جي پڇاڙيءَ وارو ليکيو وڃي ٿو. پر دنيا جي وڏن علائقن ۾ اڃا تائين بہ سرداري ۽ زميداري نظام هلندو اچي. سنڌ بہ اُنهن علائقن مان هڪ آهي. دنيا جي جن مظلوم ۽ پيڙيل علائقن ۾ اڃا تائين سرداري، زمينداري ۽ جاگيرداري نظام آهي، اُهي اُن نظام کي ختم ڪرڻ کان سواءِ اڳتي وڌي سگهن ۽ پنهنجي وطن جي ماڻهن جي ماڻهن کي صحيح معنيٰ ۾ سکيو ستابو ڪري سگهن، سا اٽيٽي ڳالهہ آهي. جتي ملڪ جي دولت ۽ گذر جي وسيلن تي سرداري ۽ زمينداري نظام جو ڪارو نانگ ويٺل هجي، اُتي جا ماڻهو سک جو ساهہ ڪڍي سگهن، اِهو ٿيندو ٻہرن ڪان ٻير گهرڻ. اِها اٽل سائنسي سچائي آهي، جا تاريخي طرح بار بار ثابت ٿي چڪي آهي. اِن سائنسي سچ کان اکيون پورڻ يا اِن کان لنوائڻ يا اِن تي پردي وجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ ٿيندو پنهنجي وطن جي عوام جي مفادن سان سنئون سڌو دوکو ڪرڻ يا پاڻ کي فريب ڏيڻ. سرداري ۽ زمينداري نظام ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي قومن جي پيرن ۾ پيل زنجير آهي، جو ڪين غريبي، بک، بيماريءَ، جهالت ۽ بيوسيءَ

جي ڪڏ مان نڪرڻ نٿو ڏئي. اِهو نظام مرٽينگ حالت ۾ آهي ۽ اُوس ختم ٿيندو. تاريخ ان جي خلاف موت جي سزا جو فرمان ڪڍي ڇڏيو آهي. هاڻ ٻين گرفتار قومن وانگر اسان جو به فرض آهي ته اُن تاريخي فرمان کي عمل ۾ آڻيون ۽ هن سماجي لعنت کي ناس ڪريون ۽ پنهنجي عوام جي جان هن عذاب مان ڇڏرايون. اُن ڪري سنڌ جي انقلابي وطن دوست جوجهد جو ڊگهي عرصي وارو بنيادي ڪم اِهو هئڻ کپي ته سنڌ ۾ زميني سرشتي جو جلد کان جلد ۽ مڪمل خاتمو آندو وڃي.

تنهن کان پوءِ ٻيو سوال آهي ته زميني نظام جي جاءِ تي ڪهڙي نظام قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي؟

## قومن جي واڌاري جون فقط ٻه واٽون کليل آهن ـ سرمائيداري ۽ سوشلزم.

تاريخ جي هن منزل کان اڳتي سماجي واڌاري جون ٻه واٽون موجود آهن. هڪڙي سرمائيداريءَ جي، ٻي سوشلزم جي. ٽي ڪابه واٽ ڪانهي. زميني نظام جي جاءِ هيستائين گهڻو ڪري سرمائيداري نظام وٺندو رهيو آهي. سرمائيداري نظام زميني نظام کان سوين ڀيرا بهتر نظام آهي. اِهو نظام ڪنهن زماني ۾ تمام ترقي پسند نظام هو. اُهو جتي آيو، اُتي اُن اُنهيءَ ملڪ جي تقدير ئي بدلائي ڇڏي، ۽ انهن ملڪن کي زمين تان کڻي آسمان تي پڄائي ڇڏيو. مثال طور انگلنڊ، فرانس، جرمني، جپان، آمريڪا. پر سماجي نظام به هڪ جيئري ۽ جاندار شيءِ آهي. جيئن ٻيون جاندار شيون ڄمن، وڌن، ويجهن ۽ پوڙهيون ٿين ٿيون، تيئن سماجي نظام به ڄمندا آهن، قوهه جوان ٿيندا آهن ۽ نيٺ پوڙها ٿي، ختم ٿيندا آهن. صدين گذرڻ کان پوءِ هاڻ سرمائيداريءَ نظام به پوڙهو، رجعت پرست ۽ مدي خارج ٿي چڪو آهي. جن غلام ملڪن هن دور ۾ پنهنجي سياسي آزادي وٺڻ کان پوءِ پاڻ تي اِهو پراڻو، پوڙهو ۽ رجعت پرست نظام مڙهيو آهي، سي نه پنهنجي آزادي ۽ خودمختاري مڪمل طرح حاصل ڪري سگهيا آهن، ۽ نه وري جيڪا ٿوري گهڻي آزادي حاصل ڪري سگهيا آهن، تنهن کي به بچائي سگهيا آهن. اُهي ملڪ ڦري گهري، وري به سامراجي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسي، پستيءَ ۽ ذلت جو شڪار ٿي ويا آهن. اُن جو هڪڙو مثال خود پاڪستان به رهيو آهي. ٻيا مثال انڊونيشيا، ملايا، ٿائلينڊ، ڏکڻ ڪوريا، ڪانگو وغيره آهن. نه رڳو ايترو، پر جن ملڪن پنهنجي جدوجهد جو رخ سرمائيداريءَ جي منزل ڏانهن رکيو آهي، اُهي ٻيو ته ٺهيو، رڳو زميني نظام جي مرض مان به پوريءَ طرح جند ڇڏائي نه سگهيا آهن. ان جو سبب

اِهو آهي، جو دنيا جي سرمائيداري نظام جي وڏيرپ امريڪي ۽ يورپي سرمائيدار طبقن جي هٿ ۾ آهي، جيڪي نٿا چاهين ته غلام ملڪن ۾ ٻيو ته ٺهيو پر رڳو سندن جهڙو سرمائيداري نظام به پوريءَ طرح قائم ٿئي. ڪين ڊپ آهي ته ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني امريڪا جي ملڪن ۾ سرمائيداري نظام قائم ٿي ويو، ته پوءِ اُهي ملڪ ڪين اڳي جهڙيءَ آسانيءَ سان پنهنجي ملڪ جي دولت جي ڦرلٽ ڪرڻ نه ڏيندا ۽ مرڳو پنهنجي گهٽيءَ آدمشماريءَ جي زور تي ساڻن ڪلهي هڻڻ جي ڪوشش ڪندا. اِن ڪري هو هڪ سوچيل سمجهيل رٿا هيٺ اُنهن علائقن جي عوام کي سرداري ۽ زميني نظام جي پوڙهي پراڻي مرض ۾ مبتلا رکڻ جون ڪوششون ڪندا رهن ٿا، ته جيئن اُهي ملڪ سندن شڪارگاهه بنيا رهن. تاريخي تجربي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته جيڪي پوئتي پيل ۽ پيڙيل ملڪ سرمائيداريءَ جي واٽ ورتن ٿا، سي ڪڏهن به دنيا جي اڳتي وڌيل قومن جي صفن ۾ شريڪ ٿي ڪونه سگهندا. سرمائيداري واٽ تي هلندڙ تاريخي سفر ڍڳي گاڏيءَ وارو سفر هوندو. دنيا جون اڳتي وڌيل قومون اڄ جنهن منزل تي آهن، رڳو اُن منزل تي پهچڻ لاءِ به پوئتي پيل قومن کي ائين صدين جون صديون لڳي وينديون. ٻئي طرف دنيا جون پوئتي ڪان پوئتي پيل، جهنگلي، ڏتڙيل، ماريل ۽ پيڙيل قومون به جيڪڏهن سوشلزم جي واٽ ورتن ٿيون، ته اُهي هڪڙي ئي نسل ۾ يورپ ۽ امريڪا جي اڳتي وڌيل قومن سان ڪلهي گس وجهيو ڪن. اُن جو مثال روس، چين، ڪوريا، ويٽنام، منگوليا، هنگري وغيره ملڪ آهن، جي ڪنهن زماني ۾ دنيا جا پست کان پست ۽ بدنصيب ملڪ سمجهيا ويندا هئا، ۽ هاڻي ٿورڙن ئي سالن ۾، هڪڙي ئي نسل اندر، تيزيءَ سان عروج تي پهچي رهيا آهن. اُنهيءَ تجربي جي روشنيءَ ۾ سنڌي عوام لاءِ سرمائيداريءَ واري واٽ ورتڻ پاڻ کي جاڻي ٻجهي ڪمزوريءَ، پستيءَ ۽ غلاميءَ جي غار ۾ اڇلڻ ٿيندو.

عوامي جدوجهد جي واڌاري جي هن دؤر ۾، اُنهن ٻن واٽن کان سواءِ ٽي واٽ ڪانهي. جيڪو هڪڙيءَ واٽ ورتڻ کان انڪار ٿو ڪري، سو عملي طرح ٻيءَ واٽ ورتڻ لاءِ چوي ٿو. جيڪو چوي ٿو ته سوشلزم نه کپي، سو عملي طرح اِها گهر ٿو ڪري ته سنڌي عوام به سرمائيداريءَ جي واٽ ورتن. اِن ڪري لازم آهي ته اسين پنهنجي عوام جي جدوجهد جو رخ سوشلزم ڏانهن رکون.

## ٿوري عرصي وارو مقصد

پر ڇا اسين هن ڏاڪي تي خالص سوشلسٽ نظام قائم ڪري سگهون ٿا؟ نه. هن وقت اسان اڃا وڏيرا شاهيءَ جي چنبي ۾ ورتل آهيون. سوشلسٽ نظام تڏهن قائم ٿي

سگھي ٿو، جڏھن وڏيرا شاھي ۽ زميني نظام جي پاڙ مڪمل طرح پٽي وجي ۽ ڏرتيءَ تان پراٽن، مدي خارج نظامن جو گند صاف ڪيو وجي. اِن ڪري اسان سوشلزم لاءِ جدوجھد شروع ڪري سگھون ٿا، پر في الحال سنئون سڌو سوشلسٽ انقلاب آڻي نٿا سگھون. اِن لاءِ اسان کي اُتان شروعات ڪرڻي پوندي، جتي اسين اڄ آھيون. اسان کي اول سوشلسٽ انقلاب کان ھيٺئين ڏاڪي جي سماجي انقلاب لاءِ جدوجھد ڪرڻي پوندي. اُھا منزل سر ڪري، پوءِ اسين سوشلسٽ انقلاب آڻي سگھنداسين. اول اسان کي جمھوري زرعي انقلاب آڻڻو پوندو. اُن لاءِ اسان کي وڏيرا شاھيءَ ۽ سرمائيداريءَ کان سياسي اقتدار کسي، سندن وڏيرڪي ۽ سرمائيداري ڊڪٽيٽرشپ ختم ڪري، عوام جي ڳچيءَ مان وڏيرا شاھيءَ جي غلاميءَ جو ڳٽ پيچي ڪڍڻو پوندو. اِھو مقصد تڏھن حاصل ٿيندو، جڏھن اسين عوام ھٿان وڏيرڪي ۽ سرمائيدار ڪوڙي جمھوريت، جيڪا حقيقت ۾ وڏيرڪي ۽ سرمائيداري ڊڪٽيٽرشپ آھي، سا ختم ڪرائينداسون ۽ پورھيت عوام ۽ سندن ساٿي طبقن جو عوامي جمھوري راڄ قائم ڪنداسين. اِھو عوامي جمھوري راڄ پورھيت عوام ۽ سندس ساٿين کي پھريون پيرو حقيقي جمھوري آزاديون ڏيندو ۽ عوام دشمنن خلاف عوام جي ڊڪٽيٽرشپ جا پاور استعمال ڪري، عوام دشمنن کي سندن بدمعاشين ڪرڻ کان روڪيندو. اُن عوامي جمھوري سياسي پاور جي ھٿيار سان عوام زرعي انقلاب آڻي سگھندو ۽ پوڙھي، پراڻي، مدي خارج ۽ موذي وڏيرڪي ۽ سرداري نظام جي پاڙ پٽيندو.

## فوري مقصد ـ قومي جمھوري انقلاب

پر سنڌ سان وڏي مصيبت اِھا آھي، جو وڏيرا شاھيءَ کان سواءِ اسان پنجابي پناھگير جاگيردارن، سرمائيدارن ۽ سندن دلالن جي اُرھ زورائيءَ، ڦرلٽ ۽ بالادستيءَ جو شڪار آھيون. اُھي سنڌ دشمن زميندار ۽ جاگيردار پنھنجي مطلب لاءِ سنڌي وڏيرا شاھيءَ کي ھٿ ٺوڪيئي دلال طور ڪتب آڻين ٿا ۽ ڪين زبردستيءَ عوام جي ڇاتيءَ تي سوار ڪريو وينا آھن. سندن سرڪاري، فوجي، سياسي ۽ نظرياتي مشينري پنھنجي دلال وڏيرا شاھيءَ کي ھڪڙي پاسي دٻائي، پنھنجي قبضي ۾ رکي ٿي، ته ٻئي پاسي ڪين ٽيڪرون ۽ مددون ڏيئي، سنڌي عوام کي سندن اڳيان نيچو نوائي ٿي. ساڳئي وقت اُھا سڏيءَ طرح سنڌي عوام کي ڪچلي ٿي. اِنھن حالتن ھيٺ، اسين ھن منزل تي جيڪڏھن سڌيءَ طرح جمھوري زرعي انقلاب ۽ سچي عوامي جمھوريت لاءِ جدوجھد شروع ڪنداسين، ته اسان جي عوام جا اتحادي تمام ٿورڙا ۽ ڪمزور ھوندا ۽ عوام دشمن ۽ سندن ساٿي گھڻا ۽ طاقتور ھوندا. اِن ڪري اجوڪيءَ ۽ ھن فوري منزل تي اسان کي خالص

جمهوري زرعي انقلاب بدران قومي جمهوري انقلاب لاءِ جدوجهد ڪرڻ ڪپي. تہ جيئن سنڌي عوام جا گهڻي ۾ گهڻا محب وطن طبقا ۽ عنصر هن جدوجهد ۾ حصو وٺي سگهن. هن جدوجهد جو مکيہ مقصد *[هن باري ۾ پڙهو (1) ويٽنامي پورهيتن جي پارٽيءَ جي تاريخ جو خاڪو، هنوئي، ۽ (2) مائوزي تونگ جو مقالو ”جپاني سامراج خلاف تدبيرن بابت“ صفحو 262، جلد پهريون، ”منتخابات مائوزي تونگ“ اردو ايڊيشن، پيڪنگ.]* سنڌي عوام کي سنڌ دشمن زميندارن، جاگيردارن ۽ سرمائيدارن ۽ سندن پناهگير پنجابي توڙي سنڌي چاڙتن جي بالادستيءَ ۽ اُرهہ زورائيءَ کان نجات ڏياري، پاڪستان جي ٻين صوبن جي عوام جهڙا ۽ جيترا حق ڏيارڻ، ۽ سندن کسيل سياسي، اقتصادي، ثقافتي ۽ سماجي حق، ملڪيتون، گذر جا وسيلا ۽ موقعا واپس ڏياري، کين پاڻ پرو ڪري، اڳئينءَ منزل لاءِ تيار ڪرڻ آهي. هن جدوجهد ۾ عوام جون بنيادي قوتون، ساٿي، مددگار، مخالف ۽ انهن مخالفن جا مددگار هيٺيان هوندا يا ٿي سگهن ٿا:

## بنيادي قوتون:

سنڌي مزدور ۽ سنڌي هاري.

## مخالف:

(الف) سنوان سڌا مخالف ـ (1) پناهگير پنجابي جاگيردار، سرمائيدار ۽ سندن چاڙتا. (2) غدار عوام دشمن ۽ وطن دشمن وڏيرا شاهي ۽ سندن چاڙتا. (3) امريڪي سامراج جا دلال رجعت پرست، جهڙوڪ: ملان مودوديءَ جو فاشست ۽ عوام دشمن ٽولو.

(ب) اڻسڌا مخالف (جي سمجهي، سوچي يا اڻ ڄاڻائيءَ ۾ سنڌي عوام جي اڻسڌي مخالفت اُن جي دشمنن جي اڻسڌي حمايت ڪن ٿا) ـ (1) پنجابي پناهگير جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جا پورهيت طبقي اندر دلال پنجابي پناهگير نقلي ترقي پسند. (2) پنجابي پناهگير جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جا سنڌي عوام جي صفن اندر لڪل دلال سنڌي نقلي ترقي پسند. (3) سنڌي وڏيرا شاهيءَ جا پورهيت تحريڪ اندر دلال سنڌي نقلي ترقي پسند ۽ سوشلسٽ وڏيرا. (4) سنڌي وڏيرا شاهيءَ جا قومي تحريڪ اندر دلال سنڌي نقلي قوم پرست. (5) سرحد ۽ بلوچستان جي سردار شاهي ۽ خان شاهي.

## بنيادي قوتن (سنڌي عوام) جا ساٿي يا اتحادي

(1) محب وطن چوٽو وچون طبقو (2) محب وطن آبادگار، (3) سنڌي وچين ۽ زميندار طبقن جا محب وطن ۽ روشن خيال فرد ۽ ٽولا. (4) بلوچ ۽ پٺاڻ عوام. (5)

پنجابي پناهگير عوام جا قومي انصاف ۽ برابريءَ جي اصول جا سچا پچا ۽ بااصول حامي ٽولا ۽ فرد. (6) دنيا جا سامراج دشمن يا آزادي پسند انقلابي عوام ۽ قوتون. (7) اهي سمورا طبقا، ٽولا ۽ ماڻهو، جيڪي جيتوڻيڪ سنڌي عوام جي حق پرست جدوجهد جي عملي حمايت نٿا ڪن يا پاڻ ان جدوجهد جي مخالفت ڪن ٿا، پر ساڳئي وقت هو سڀ کان پهرين سنڌي عوام جي بدترين دشمنن جي عملي مخالفت ڪن ٿا ۽ ڪين ڪمزور ڪري اڻسڌي طرح سنڌي عوام جي جدوجهد کي تقويت پهچائين ٿا. (مختلف قوتون، طبقا ۽ ماڻهو، مختلف وقتن تي اهو ڪردار ادا ڪندا رهن ٿا.) (8) اهي طبقا، قوتون، ٽولا ۽ ماڻهو، جي ڪنهن وقت يا ڪنهن مسئلي تي سنڌي عوام جي سمورن مقصدن يا ڪنهن خاص مقصد جي ٿوري يا گهڻي حمايت ڪن ٿا. (اهي ساڳيا ٻين وقتن ۽ ٻين هنڌن تي وري سنڌي عوام جي مقصدن جي مخالفت ڪن ٿا.)

پنجابي پناهگير زميندارن، جاگيردارن ۽ سندن چاڙتن اسلام، نظريي پاڪستان ۽ ون يونٽ جي آڙ ۾، ڪوڙن ڪليمن، بوگس الاٽمينٽن ۽ ناجائز چالبازين ذريعي سنڌي عوام جي زمينن، جاين جڳهين، گذر جي وسيلن، نوڪرين، تعليمي سهوليتن جو وڏو حصو ناجائز طرح ڦرڪائي ورتو آهي. سنڌي عوام جي جدوجهد جو هن وقت مکيه نشانو اهي ناجائز قبضا، حددخليون، ڦريون ۽ ڌاڙا آهن. اسان جو مطالبو هيئن ڪيپي تہ جهڙيءَ طرح پنجاب جا ماڻهو پنهنجي زمين، گذر جي وسيلن، نوڪرين، تعليمي سهوليت مان پاڻ ئي فائدو وٺن ٿا، تيئن اسان کي بہ پنهنجي اباڻي ورثي جو سڀ کان پهرين پاڻ فائدي وٺڻ جو حق حاصل ٿئي. جيئن ڪوڙن ڪليمن ۽ ٻين اٽڪلن سان جيڪي حق ۽ ملڪيتون سنڌي عوام کان کسيون ويون آهن، سي ڪين موٽي ملن.

## اسين پناهگير پنجابي عوام جا بدخواه ناهيون.

پناهگير پنجابي پورهيت عوام جا اسين هرگز هرگز بدخواه ۽ دشمن ناهيون. اسان جو اهو سياسي ايمان آهي تہ سڄيءَ دنيا جي عوام جا بنيادي، جٽادار ۽ دائمي مفاد ساڳيا آهن. سندن وچ ۾ هينئر جيڪي دشمنيءَ وارا فساد ۽ ٽڪر آهن، سي حل ٿيڻ جوڳا آهن ۽ هڪ وڏي تاريخي دور جي ڊگهي جدوجهد کان پوءِ اهي نيٺ دوستاڻي نموني حل تي سگهندا ۽ ٿيندا. جيڪڏهن سڀ ذريون عارضي لالچون ۽ مفاد ڇڏي، دائمي مفادن لاءِ گڏجي ڪوشش ڪن، ۽ عوام دشمنن جي نظرياتي، سياسي ۽ اقتصادي ڪوڙڪين مان نڪرڻ لاءِ گڏجي زور لڳائين، تہ نہ رڳو پاڪستان جي سموري عوام جي وچ ۾، پر سموري ايشيائي عوام جي وچ ۾، ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي سموري عوام

جي وچ ۾، ۽ دنيا جي سموري عوام ۽ سمورين قومن جي وچ ۾ جٽادار ۽ عاليشان اتحاد قائم ٿي سگهي ٿو، ۽ پس پيش ضرور ٿيندو. ان سلسلي ۾ مايوس هرگز ٿيڻ نه گهرجي. ٻئي طرف في الحال اسان کي موجوده حقيقتن بابت خوش فهميءَ ۾ به مبتلا ٿيڻ نه گهرجي ۽ انهن کان اکيون پورڻ نه کپن. بدقسمتيءَ سان اڄ حقيقت اها آهي ته پناهگير پنجابي پورهيت عوام مان، في الحال توڙي ڪجھ عرصي تائين، اسين ڪنهن به اصولي ۽ عملي حمايت ۽ مدد جي توقع رکي نٿا سگهون. ڇاڪاڻ ته هو صدين کان جاگيرداري پرماريت جي عوام دشمن، رجعت پرست ۽ انقلاب دشمن پروپئگنڊا ۽ ماحول جا شڪار رهيا آهن ۽ اُن هنن کي پنهنجي مفت جي مال مان حصا پتيون ڪارائي، لالچ ۾ وجهي ڇڏيو آهي؛ ٻيو ته جاگيردارن ۽ سرمائيدارن جي دلال ڪٽر قوم پرست نقلي ترقي پسندن قوميت جي مسئلي تي کين سخت گمراهه ڪري، کين ذهني طرح پست ۽ جڏو بنائي ڇڏيو آهي. انهن حالتن ۾ اسان ڪجھ عرصي تائين منجهائن سواءِ مخالفت جي ٻي ڪابہ آس رکي نٿا سگهون. ان جي مقابلي ۾ اسان کي سختيءَ سان پنهنجي اصولن ۽ حق پرست جدوجهد تي قائم رهڻ کپي ۽ اصولي ڳالهين ۾ ڪوڏيءَ جيتري به موٽ کائڻ نه کپي ۽ سياسي ۽ نظرياتي هٿيار ڦٽا نه ڪرڻ کپن. ان سان گڏ اسان کي صبر ۽ اورچائيءَ سان اها ڪوشش ڪرڻ کپي ۽ اهڙيون پاليسيون تيار ڪرڻ ۽ عمل ۾ آڻڻ کپن، جو پناهگير پنجابي زميندارن ۽ سرمائيدارن لاءِ پنجابي پناهگير عوام کي وڏيڪ وقت برغلائي ۽ پنهنجو ڇاڙتو ڪري استعمال ڪرڻ ۾ سهولت نه ٿئي، بلڪ ڏکيائي ٿئي. سنڌ جي عوام جي بنيادي مفادن جو پورو پورو خيال رکندي، اسان کي پنهنجي وس آهر ۽ واجبي حدن اندر، اها ڪوشش ڪرڻ کپي ته پناهگير پنجابي عوام جا گهٽ ۾ گهٽ ڪي سچار ۽ حق پرست فرد ۽ ٽولا اهڙا تيار ٿين، جي پنهنجن ۽ سنڌي عوام جي گڏيل دشمنن يعني پناهگير پنجابي جاگيردار، سرمائيدار پرمارن ۽ سندن ڇاڙتن جي چنبي مان ذهني ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۽ آهستي آهستي سنڌي عوام سان بااصول اتحاد ڪرڻ جي واٽ تي اڳتي وک وڌائين يا گهٽ ۾ گهٽ اسان جي موجوده مخالفت ترڪ ڪن يا جهڪي ڪن.

اسان کي بلوچستان ۽ سرحد جي عوام سان به گهري ڪان گهرا ناتا قائم ڪرڻ کپن ۽ انهن سان اتحاد ۽ ويجهڙائيءَ جا نوان نوان رستا ۽ واٽون ڳولي لهڻ کپن.

پنجابي عوام جا اڳتي وڏيل حصا پنهنجي مادري ٻوليءَ ۽ ثقافت جي واڌاري لاءِ جيڪا جمهوري جدوجهد ڪري رهيا آهن، ان جو به اسان کي ساٿ ڏيڻ کپي، ۽ اُن ساٿ جي آڌار تي جيتري قدر ٿي سگهي، پنجاب جي انصاف پرست سمجهو حلقن ۽ ٽولن کي

پنهنجي نقطي نظر کان واقف ڪرڻ کپي، ۽ پنجاب جي رجعت پرست ۽ چتن عوام دشمن ٽولن کي پنجابي عوام اڳيان اڪيلو ۽ نروار ڪرڻ کپي. ساڳيءَ طرح سان پناهگير عوام سان به ڪن انفرادي مورچن تي ڪو محدود ناهه ٿي سگهي ته ڪجي، جيئن جيتري قدر ٿي سگهي اوتري قدر چتن ۽ رجعت پرست عنصرن کي خود پناهگير عوام ۾ اڪيلو ۽ بي يارومددگار ڪري سگهي. ساڳيءَ طرح پناهگير پنجابي پورهيت طبقو پنهنجي حقن لاءِ ڪا جدوجهد لڙي، ته ان جي بااصول حمايت ڪرڻ کپي ۽ ڪين احساس ڏيارجي ته اسين بااصول ۽ ڏکهي نظر وارا آهيون. پر انهي سموري عمل ۾ اهو مڪمل احتياط ڪيو وڃي ۽ هر وقت صاف ظاهر ڪندو رهڻ کپي ته اسين سنڌي عوام جي حقن جي باري ۾ ڪنهن به قسم جو ناجائز سمجهوتو، خاموشي، درگذري يا چشم پوشي ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون.

## مخالف ـ سڀ زميندار نه پر فقط ظالم، وطن دشمن ۽ غدار وڏيرا.

وڏيرا شاهي بنسبت هن منزل تي اسان جو زرعي پروگرام هي هئڻ کپي، ته اسين زميندار طبقي جي هڪڙي يڪي طبقي جي حيثيت ۾ مخالفت نه ڪريون. اسين اُن طبقي جي فقط هڪ خاص ڪردار جي مخالفت ڪريون. اهو ڪردار، جو سموريءَ سنڌ جي عوام ۽ ان جي سمورن طبقن کي نقصان رسائي ٿو، يعني ان جي وطن دشمنيءَ، غداري ۽ عوام تي ظلم وارو ڪردار. جيڪو زميندار خود زميندار طبقي طرفان پنهنجي ناجائز ڦرلٽ جي بچاءَ لاءِ ناهيل قانونن کي به نٿو مڃي، زمين مان جيڪا ڪيس ناجائز طرح بٽئي ملي ٿي تنهن تي به راضي نٿو رهي ۽ هاري عوام تي ناجائز ڪوڙا ڪيس، ڦڏا، ڏباءُ، ظلم، چيڙون، بيگرون ۽ ٻين مصيبتن وجهڻ کان باز نٿو اچي، اُهو رڳو زميندار ناهي هو ظالم آهي. ساڳيءَ ريت جيڪو زميندار سنڌي عوام جا سڀ ٽپڙ ڪائي، مزا ماڻي، پوءِ به سنڌي عوام جي ازلي دشمنن جي دلالي ڪري ٿو، انهن کي سڏيو سنڌ تي مڙهي ٿو، ۽ دشمنن جو دلال ٿي، سنڌي عوام کي دشمن جي پيرن جي خاڪ ڪري ٿو ۽ عوام دشمنن سان ملي، سنڌ جي عوام جي بنيادي حقن کي هاجا ۽ ضربون رسائي ٿو، سو به رڳو زميندار ناهي، هو وطن دشمن، غدار ۽ سنڌ دشمنن جو دلال آهي. اهڙن ظالمن، غدارن، وطن دشمنن ۽ ڏارين جي دلالن کي سنڌي عوام جو گڏيل دشمن سمجهڻ کپي؛ اهڙن کي ڪوبه حق نه ڏيڻ کپي ته هو وڏيڪ وقت سنڌ جي عوام جي ملڪيت تي موجون ڪن ۽ ساڳئي وقت سنڌي عوام سان ظلم ۽ غداريون به ڪن. سنڌي عوام جيڪڏهن اهڙن ظالم ۽ وطن دشمنن جون ڦبايل سنڌي عوام جون

ملڪيتون ڪانئس کسي، عوام جي ناليِ ۾ ضبط ڪندو، تہ اهو نہ رڳو هڪ جائز قدم ٿيندو، پر سنڌي عوام جي بنيادي مفادن جي بچاءَ لاءِ هڪ ضروري ۽ لازمي قدم پڻ هوندو. ان ڪري هن جدوجهد جي منزل تي اسين اهو مطالبو ڪري سگهون ٿا تہ عوام دشمن، ظالم ۽ غدار وڏن زميندارن جون زمينون مڪمل طرح ضبط ڪيون وڃن. جيڪي وڏا زميندار سنڌي عوام خلاف اهو ڏوهہ نٿا ڪن ۽ فقط سنڌن ئي ناهيل قانون موجب ٻٽئي وٺن ٿا ۽ ٻي ڪابہ خلق آزاري نٿا ڪن، انهن جي اسان ڪي هن منزل تي مخالفت نہ ڪرڻ گهرجي. جيڪي زميندار پنهنجي عوام جي حق پرست جدوجهد جو ساٿ ڏين، انهن جي نہ رڳو مخالفت نہ ڪئي وڃي پر ساڻن عزت وارو سلوڪ پڻ ڪرڻو آهي. اسان جي ڪوشش اها هئڻ ڪپي تہ زميندار ۽ وچين طبقي جا محب وطن، روشن خيال ۽ جمهوريت پسند فرد ۽ ٽولا يا تہ عوام جا حمايتي هجن يا گهٽ ۾ گهٽ غيرجانبدار هجن. شهري ڇوٽو وچون طبقو ۽ آبادگار طبقو عوام جا اتحادي هجن. پر جدوجهد جي واڳ انهن مان ڪنهن بہ طبقي جي هٿ ۾ نہ ڏيڻ ڪپي. اُها فقط پورهيت عوام جي هٿ ۾ هئڻ گهرجي.

## چالون

عوام دشمنن جي مقابلي بابت اسان جي بنيادي ۽ ڊگهي عرصي واري پاليسي اِها هجڻ گهرجي تہ سنڌي عوام جا دشمن ڪٽي اسان کان هزارين دفعا گهڻا ۽ طاقتور هجن، تہ بہ اسان جا حق پرست عوام اُنهن سان ضرور مقابلو ڪن ۽ ڊگهي عرصي جي جدوجهد ۾ اُنهن کي ضرور شڪست ڏين. دشمنن جي گهڻائيءَ کان هرگز مرعوب نہ ٿجي. گهڻيون ڏريون دشمن هجن ۽ انهن مان حقيقي طرح ناهہ لاءِ ڪابہ تيار نہ هجي، تہ ڪنهن بہ ڌر جي اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري، اُن جي غلامي قبول ڪري، ائين نہ چئجي تہ اسان فلاڻيءَ ڌر سان مقابلي ڪرڻ لاءِ فلاڻيءَ سان ناهہ ڪيو آهي. غلاميءَ قبول ڪرڻ ڪي ناهہ جو نالو هرگز نہ ڏيڻ ڪپي. پر هر هڪ نوس مسئلي تي اسان جي رهبري ڪندڙ سياسي پاليسي هيءَ هئڻ ڪپي تہ عوام جي مکيہ دشمن کي سندس ساٿين کان ڪاٽي، الڳ ڪري، اڪيلو بنائي، سياسي طرح ختم ڪيو وڃي. عوام جون گهڻيون ڏريون مخالف هجن، تہ انهن کي هڪڙو هڪڙو ڪري، واري واري سان، سياسي طرح منهن ڏيئي، شڪست ڏني وڃي. ڪوشش ڪجي تہ مکيہ عوام دشمن جا ساٿي يا تہ عوام جي پاسي ٿي وڃن يا گهٽ ۾ گهٽ ٻنهي مخالف ڌرين مان ڪنهن جو بہ پاسو نہ وٺن. جي ائين نہ ٿي سگهي، تہ اِها ڪوشش ٿئي تہ مکيہ عوام دشمن جا ساٿي پنهنجي دشمنيءَ ۾ ڇتا نہ

رهن ۽ ڪجهه ٽڏا تي مخالفت ڪن. عوام دشمنن جي ڪئمپ جي اندر جيڪي قدرتي قوتون ۽ تفرقا هجن، اُهي معلوم ڪيا وڃن ۽ وڌيءَ ڏاهپ ۽ ڪوشش سان انهن کي وڌيڪ اونهو، گهرو ۽ تيز ڪرڻ ڪپي. ٻئي طرف پنهنجي سيني وطن دوست طبقن جي عوام جو اتحاد مضبوط کان مضبوط تر ڪرڻ ڪپي. انهن جي اندر جيڪي تضاد ۽ تفرقا اڳي ئي قدرتي موجود هجن، تن کي واجبي ۽ دوستاڻي نموني حل ڪرڻ ڪپي. ٿياڪرن کي دوست بنايو وڃي، ۽ دوستن کي پنهنجا ساٿي بنائڻ جي ڪوشش ڪجي. ساٿين کي سرگرم، چست ۽ مجاهد ساٿي بنائڻ گهرجي. آپيشاهي، ٽوليبازي، آڪڙ، گلاخوري، ٽرڙائي، موقع پرستي، تنگ نظري، اُبهرائي ۽ بزدليءَ جهڙن اتحاد کي نقصان رسائيندڙ لاڙن کي صبر، اورچائيءَ ۽ جفاڪشيءَ سان آهستي آهستي ختم ڪرڻ ڪپي. هر مسئلي کي عوام جي وسيع مفادن جي خيال کان ڏٺو ۽ حل ڪيو وڃي، ۽ نه ڪنهن خاص شخص، ٽولي يا طبقي جي مفادن وٽان. جدوجهد جي راهه ۾ مختلف طبقن جي اتحاد جي خاطر واجبي ڇڏ ڇوٽ کان ڪم ورتو وڃي، پر نالي ماتر اتحاد جي آڙ ۾ عوام جي وسيع مفادن کي قربان نه ڪيو وڃي. اتحاد سان گڏ تنقيد جو هٿيار استعمال ڪيو وڃي، ته جيئن اتحاد صحيح معنيٰ ۾ سلامت رهي سگهي. ساڳئي وقت تنقيد جو ناجائز استعمال نه ڪيو وڃي. ڪوشش اها ڪئي وڃي ته پوئتي پيل ۽ گهٽ سرگرم ٽولن ۽ فردن سان اتحاد به قائم رهي ۽ مٿن تنقيد به ٿيندي رهي، ته جيئن هو عوامي اتحاد جي نالي ۾ عوام تي پنهنجي ڊڪٽيٽرشپ قائم نه ڪري سگهن.

عملي جدوجهد جو دارومدار سموري عوام تي رکيو وڃي ۽ نه ڪن ٿورڙن ليڊرن يا سرگرم ڪارڪنن تي.

## عوامي جدوجهد کي مختلف مورچن ۾ ورهايو.

جدوجهد کي مختلف ننڍڙن مورچن ۾ ورهايو وڃي، ته جيئن جيڪي ماڻهو سڄي گڏيل جدوجهد بابت اهڙا جوشيلا ۽ سرگرم ناهن، سي پنهنجي پسند واري مورچي تي سرگرميءَ ۽ سرجوشيءَ سان ڪم ڪري سگهن. جيڪي سڄي جدوجهد جا مخالف آهن ۽ ڪنهن خاص عوامي سوچ جا حامي ۽ مددگار بنائي سگهجن ٿا سي پلي اُن مورچي تي ڪم ڪن. ڪوشش اها ٿئي ته اسين مجموعي طرح عوام دشمنن کان وڌيءَ ياريءَ اڪثريت ۾ هجون، ۽ پڻ ڌار ڌار مورچن مان هرهڪ مورچي تي به ان مورچي جي مخالفن کان وڌيءَ اڪثريت ۾ هجون.

اسان کي ڪابہ عوامي مهم، تحريڪ يا سياسي مقابلو، سواءِ پوريءَ جانچ ۽ ڀرپور اڳواٽ تياريءَ جي، شروع نہ ڪرڻ کپي. اسان کي فقط اُنهن ڳالهين جو سڏ ڏيڻ کپي، جن لاءِ اسين ڪين اڳواٽ نظرياتي ۽ ذهني طرح تيار ڪري چڪا هجون، ۽ اسان کي خاطري هجي تہ هو هاڻ ان ڳالھ ۾ دل جان سان حصي وٺڻ لاءِ تيار آهن. جيڪڏهن مخالف سياسي يا ٻيءَ طرح جي ڪؤنس يا حملو ڪري، تڏهن بہ اسان کي سندس چونڊيل ۽ پسند ڪيل وقت ۽ جاءِ تي ساڻس مقابلو نہ ڪرڻ گهرجي. ان جي بدران پنهنجي پسند ۽ چونڊ جي اهڙي هنڌ ۽ جاءِ تي ان حملي جو جواب ڏيڻ کپي، جتي ۽ جڏهن اسين سڀ کان اثرائتي نموني پنهنجو جواب پيش ڪري سگهون.

هن قسم جي صورتحال ۾ اسان جي ڪيترن ساٿين ۽ مخالفن جو ڪردار سمورو وقت ساڳيو نہ رهندو. اهو بدلبو رهندو. هڪڙي وقت تي بہ ان ڪردار جا ٻہ پاسا رهندا. هڪ طرف هو اسان سان دوستي تہ ٻئي طرف مخالفت، هڪ طرف مخالفت ڪندا تہ ٻئي پاسي مدد ڪندا. انهيءَ غيرانقلابي ٻٽي ڪردار واري ٻٽي پاليسيءَ تي عمل ڪرڻ کپي ۽ ٻٽو ڪردار رکندڙ ڌرين سان ٻٽو سلوڪ ڪرڻ کپي. يعني ساڳئي وقت تائيد، ساڳئي وقت تنقيد ۽ بااصول مخالفت. هو جنهن ڳالھ ۾ عوام سان نيڪ هلن ۽ سندن فائدي جو ڪم ڪن، تنهن ۾ سندن حمايت ۽ تعريف، ۽ جنهن ڳالھ ۾ عوام کي ڇيهو پهچائين، تنهن ۾ سندن مخالفت ڪرڻ گهرجي. اها پاليسي وڏيرڪي قوم پرستيءَ جي واٽ تي هلندڙ قوم پرستن ۽ پنجابي پناهگير ترقي پسندن سان بہ لاڳو ڪرڻ کپي، ۽ مٿن بااصول نڪتچيني ڪرڻ سان گڏوگڏ، ۽ پنهنجي قطعي الڳ تنظيمي ۽ نظرياتي وجود قائم رکڻ سان گڏوگڏ، مناسب وقتن ۽ جاين تي ساڻن محدود ۽ چڱيءَ طرح نروار ٿيل حدن اندر اتحاد بہ ڪرڻ کپي. ائين ڪرڻ سان اسان کي مختلف عرصن لاءِ مختلف عارضي ۽ وقتي ساٿي ۽ مددگار ملي ويندا. انهيءَ عمل لاءِ تمام وڏيءَ ڏاهپ، دوراند يشيءَ، نظرياتي ۽ سياسي پختگيءَ ۽ تنظيمي مضبوطيءَ جي ضرورت آهي. نہ تہ ڪٿيو تہ ڪٿئي جي ماڻ، پر ماڻهو اٿلو پنهنجي گهر جا ٽپڙ بہ وڃائي ويهندو.

## انقلابي وطن دوست تنظيم

انهيءَ ڏکي، ورن وڪڙن واري ڊگهيءَ، ڪٺن جدوجهد کي ڪاميابيءَ سان هلائڻ ۽ اُن ۾ عوام جي مدد ڪرڻ لاءِ، عوام کي هڪ اهڙيءَ تنظيم جي ضرورت آهي، جا اُن جدوجهد جي سمورن ورن وڪڙن ۽ ڏکيائين کان اڳواٽ ئي چڱيءَ طرح واقف هجي. اها سنڌي پورهيت عوام جي دائمي توڙي عارضي مفادن جي حفاظت ڪرڻ لاءِ ڪين متحد ۽

منظم ڪري. اُها تنظيم ڏکيءَ نظر واري، جفاڪش، دلير، ڇاٽو، اورچ ۽ وڏي حوصلي واري تنظيم هئڻ کپي، جا ڪهڙين به ڪٺن کان ڪٺن حالتن ۾ مايوس نه ٿئي ۽ ڪيڏين به وڏين فتحن کان پوءِ به آڪڙ ۽ ڦونڊ ۾ پرجي، پنهنجو هوش ۽ حواس نه وڃائي. اُها تنظيم فقط اهڙا ماڻهو هلائي سگهن ٿا، جن پراڻي نظام جي ڦهلايل ذهني گند، رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ خيالن کي پاڙ مان تڙي ڪڍيو هجي. اُنهن جي ذهنن تي صرف هڪڙو ئي مقصد سوار هجي ۽ اهي بئي ڪنهن لالچ، فريب يا آسائش جي طلب جا شڪار نه ٿين. اُنهن ۾ اُهي خصلتون هئڻ کپن، جيڪي سنڌي عوام جي انقلابي هادي ۽ مرشد، لطيف سائين، ڪاهوڙين، سامين، هنجن، ماروين، سسيُن ۽ ڏياچن جون بيان ڪيون آهن.

اُنهيءَ تنظيم جو فرض هوندو ته هوءَ پورهيت طبقي جي اڳواڻيءَ هيٺ سنڌي عوام جي سيني وطن دوست طبقن، ٽولن ۽ ماڻهن کي هڪڙي گڏيل عوامي پروگرام جي جهنڊي هيٺ گڏ ڪري، ڪين اتحاد جي واٽ تي اڳتي هلائي ۽ ڪٺن جدوجهد جي راهه تي اڳتي وڌائي. ان پروگرام جا تفصيل ڪهڙا هئڻ کپن، تنهن تي ويچار ڪرڻ سنڌ جي سيني وطن دوست ٽولن ۽ فردن جو فرض آهي.

["تحريڪ"، جنوري 1974ع]

# نقلي ترقي پسند، ڪٽر نسل پرست سنڌ دشمنن خلاف جدوجهد ڪريو

هن وقت گذريل سالن جي پيٽ ۾ ملڪي سياسي صورتحال ۾ وڏيون ڦيريون گهيريون ۽ اٿلون پٿلون اچي چڪيون آهن.

آسن اميدن جا ڪئين ڪاڪ محل ڊهي اچي پٽ پيا آهن. ڪيترن ئي چمڪندڙ ۽ تجليدار نعرن جي قلعي لهي ويئي آهي. ملڪ جي سياسي ۽ نظرياتي بتخانن جا بت اونڌي منهن ڪري پيا آهن. وڏيرن، چوڌرين، خانن، سردارن، سرمائيدارن ۽ سندن چاڙتن جي اکين ۾ سرهائيءَ جي روشنائي پيئي چمڪي. هو جڻ مرڪي ماڻهن کي چون پيا تہ ”هاڻ تہ بس نہ! ڏٺوَ پنهنجي نعري بازي ۽ ڏمچربازيءَ جو نتيجو؟ بس انقلاب چئوس، سوشلزم چئوس، مساوات محمدي چئوس، عوامي راڄ چئوس، جيڪي وٽيوَ سو سڏيوس، پر شيءِ اها اٿوَ جيڪا اکين وينا ڏسو! ڪٿي چا بہ ٿئي. يلي ڪٽي آسمان مان تارا لاهي اچو! پر هن ملڪ ۾ راڄ اهو ئي ساڳيو وڏيرن، چوڌرين، خانن ۽ سردارن جو ئي رهڻو آهي! ان ڪان وڌيڪ ڳالهہ ٿيڻي ئي ڪانهي، بس جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي ويو. وڌيڪ جبل سان مٿو هڻڻ اجايو آهي. هاڻ جي چڱائيءَ ڪي مرو تہ ماٺ ڪري وڏيون ڳالهيون ڇڏي، وڃي پنهنجي ٻچن جي گذران لاءِ ڪو هٿ پير هڻو نہ تہ اهڙا ٻچڙا ٿيندا جو جڳ جهان مڙي ڏسندوَ!“

ٻئي پاسي گذريل سالن جي اٿل پٿل ڪري ٺلهي لفاظي ۽ هوائي نعري بازيءَ جو ڏنڊ ۽ ڪوهيڙو گهٽي ياڳي گهٽجي رهيو آهي ۽ ملڪي سياست جا ڪيترا پاسا هاڻ صاف صاف نظر پيا اچن. حقيقتون ۽ مسئلا چٽڙجي چندبجي نروار ٿي بينا آهن. ماڻهن جي سياسي سمجهہ، سرت ۽ آزمودي ۾ ڳچ جيترو واڌارو ٿيو آهي. جو ماڻهو چوٽڪاري جي نين واٽن، اڳتي وڌڻ جي نون گسن، نون طريقن ۽ ڍنگن جي ڳولا پيا ڪن. هو وڌيڪ صاف ۽ چٽن مقصدن، خيالن ۽ نظرين جي سخت ضرورت کي سمجهڻ لڳا آهن. آهستي آهستي ماڻهو محسوس ڪرڻ لڳا آهن تہ عوام جي چوٽڪاري جي عظيم ۽ شاندار جدوجهد هڪڙي ڊگهي، ورن وڪڙن، لاهين چاڙهين واري اٽانگي ۽ پيچيدي جدوجهد آهي جنهن لاءِ وڏي تياريءَ، وڏي سمجهہ، وڏي ڪاريگريءَ، وڏي ٻڌيءَ، وڏي سرجوشيءَ، وڏي اورچائيءَ ۽ قربانيءَ جي ضرورت آهي. ساڳي طرح ڏينهون ڏينهن اڳي

ڪان گهٽ ماڻهن جي دلين ۾ انهيءَ پروسي جا شمعدان روشن ٿي رهيا آهن تہ ”اسين مظلوم ماڻهو حق تي آهيون. اسين ضرور زبردست جدوجهد هلائي، آهستي آهستي ۽ ڏاڪي بہ ڏاڪي ڪامياب ٿينداسون!“

البت اها ڳالهہ بہ پڌري ٿي آهي تہ اسان جي ماڻهن جي جدوجهد جي ڪمائيءَ تي ڪو وڏو ڪاڻيرو ڪاٽ هڻيو وڃي. عوام ڪي پنهنجي جدوجهد جي ڪري هيستائين پنهنجي منزل جي جيترو ويجهو رسڻ گهرجي اوترو هو نہ رسيا آهن. هو سؤ ڪوهن جي ڊوڙ ڪان پوءِ حساب ڀڏن تا تہ ڇڏڪ اجا ڏهن ميلن جيترو پنڌ مس ڪٽايو اٿن ۽ ذري گهٽ ڇڏڪ جتان نڪتا هئا اتي يا پاڻ اڳي ڪان بہ پوئتي بيٺل نظر اچن ٿا.

ان لقاءَ جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ ان جا هونئن تہ گهڻا ئي ڪارڻ آهن پر هڪڙو مکيہ ڪارڻ اهو آهي جو عوام جا دشمن نہ رڳو سندن آمهون سامهون مقابلي جي ميدان ۾ بيٺل آهن پر منجهانئن عوام جا ڪي قاتل ڪان قاتل دشمن ويس بدلايو ڀهروپ ڪريو عوام جي وچ ۾ وينا آهن! هو معتبر بنيو عوام جا اڳواڻ ۽ سورما ٿيا بينا آهن ۽ عوام جي جدوجهد جي اڳواڻيءَ جي واڳ پنهنجي قبضي ۾ ڪريو ان ڪي جيڏانهن وڻين تو تيڏانهن پنهنجي مطلب لاءِ پيا وارين ڦيرين ۽ عوام ڪي گوهيون ڏياري، روهن ۾ رلائي، ٿڪائي ٿٽائي دربدر ڪري رڻ واهي ڪريو وينا آهن. سندن هڙ ۾ جيڪو بہ سياسي ثمر ڳڏ ٿئي ٿو سو مٿان ئي مٿان پاڻ ڪٽيو وڃيو هڙپ ڪريو ڇڏين.

عوام جي وچ ۾ معتبر بنجي وينل انهن عوام جي ويرين مان ڪوبہ ويري عوام ۽ سندن انقلابي جدوجهد جو اهڙو بي حيا، اهڙو بي رحم، اهڙو زهريلو، اهڙو مڪريل، اهڙو چيڙهو، اهڙو قاتل دشمن ڪونهي جهڙو نقلي ترقي پسند سنڌ دشمن سازشي ٽولو ۽ سندن جوڙيوال آهن، جي پاڻ ڪي نهايت بي حيائي ۽ بي شرمائيءَ سان ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جو وڏو لقب ڏيو وينا آهن.

جيڪڏهن هن ملڪ جي هر علائقي جي عوام جي اهم جدوجهدن جي سربستي تاريخ جو ڳوڙهو مطالعو ڪبو تہ ان جي هر ڪاميابي هنن ٽولن جي سازشن جي ڪٽر مخالفت سان مقابلو ڪندي ٿي هوندي ۽ هر ناڪاميءَ ۾ مکيہ ۽ فيصلو ڪندڙ هٿ هنن جو ئي هوندو.

هنن انقلاب دشمن ۽ عوام دشمن رهزن ٽولن ۽ سندن مڪاني ماڻهن مان پرتي ڪيل .... وطن فروش ۽ قوم دشمن غدار چاڙتن جي ڪارستانين جي سربستي ڪهاڻيءَ ۽ ان جي تاريخي پس منظر ڪي سمجهڻ ۽ پروڙڻ ڪان سواءِ، ساڻن پرپور حياتي ۽ موت جي لڙائي لڙڻ ڪان سواءِ ۽ سندن نظرياتي، سياسي ۽ فطري پاڙ پٽڻ ڪان سواءِ هن

سموري ملڪ يا ان جي ڪنهن بہ علائقي جي ماڻهن جي ڪابہ جدوجهد نہ هيستائين ڪامياب ٿي سگهي آهي، نہ وري ٿي ئي سگهي ٿي.

هي لالچي، چالاڪ، عيار، موقعي پرست ۽ حرفتي ٽولو پارٽ جي ان ڪٽر نسل پرست پرمار ۽ سامراجي وڏي گروهہ جو حصو آهي، جيڪو گروهہ پاڻ کي افغان ۽ مغل سامراجن جو جانشين سمجهي ٿو ۽ يوپيءَ جي جاگيردار طبقي ۽ ان جي دربار دارين ۽ حوارين کي ئي اڄ ورهايل هندستان جي سمورين قومن جو قدرتي حاڪم، اڳواڻ ۽ سردار سمجهي ٿو. اهو گروهہ تصور جي اک سان سدائين پاڻ کي ڪنهن محمد بن قاسم، ڪنهن محمود غزنوي، ڪنهن علاءُ الدين، ڪنهن نادر شاهہ، ڪنهن ابداليءَ، ڪنهن مدد خان جي روپ ۾، ڪنهن عربي يا خراساني گهوڙي تي سوار ٽيل زرهہ پوش ”غازي“ جي ويس ۾ خيبر ۽ بولان لڪ ٽپي سنڌ، دکن، بنگال جي هندو مسلمان قومن کي ”فتح“ ڪندو، ملڪ پيليندو ۽ تاراج ڪندو، ماڻهو ماريندو مچائيندو ڏسي ٿو.

اڳرائيءَ، پرماريءَ ۽ سامراجي ڦرلٽ تي پلجندڙ انهيءَ گروهہ کي تاريخي طرح پنهنجو اصلي بچڙو ۽ ڀيانڪ عوام دشمن چهرو لڪائڻ ۽ ڪو نہ ڪو ٻهروپ ڪرڻ جي سدائين سخت ضرورت پئي رهي آهي. اڳين ڏهن صدين ۾ هو دين اسلام جي پرواني ۽ اسلامي سلطنت ۽ خلافت جي بچائيندڙ جو ڍونگ رچائي ملڪ ڦري کائيندو رهيو آهي.

هينئر هن پاڻ کي ٻن ٽولن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي. اهي ٻئي ٽولا پنهنجي بازن بدران پنهنجي گلاخور ۽ چاپلوس وات ۽ راڄ ويڙهائي چٽ ڪندڙ فتني انگيز ۽ سازشي عوام دشمن دماغ جي ڪمائي کائين ٿا. ٻنهي جي جاڙي هيٺ زمين سان، مٿي آسمان سان لڳي ٿي. ٻنهي ٽولن جي ڳالهہ جو انت ساڳيو آهي. ٻئي ٽولا عملي طرح ساڳيو ڏنڌو ڪن ٿا. ٻئي پنهنجي طبقي ۽ نسل جي ڦورو ۽ بالادست حيثيت قائم رکڻ گهرن ٿا ۽ وطن جي ماڻهن کي اُسرڻ، پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۽ پنهنجي ٽپڙن ۽ پنهنجي وطن جا پاڻ مالڪ ٿيڻ کان هر قيمت تي روڪڻ گهرن ٿا. ٻئي وڏا ڏنڊا ڪٽيو مظلومن جي مٿان چوڪيدار ۽ جيلر بنيا، سنڌن چوٽڪاري جي گسن جا گهٽ جهليو وينا آهن. ٻئي پنهنجا مطلب خوشامد، چاپلوسي، گلاخوري، سازش، فتني ۽ جاڙي بازي، شوشي بازي، دانڌلي بازي، بي سبب واويلا ۽ ٻين طريقن ۽ هٿيارن سان پورا ڪندا رهيا آهن ۽ ڪرڻ گهرن ٿا.

ٻئي ٽولا ذهني خرڪاري، نظرياتي ٺيڪيداري ۽ سياسي دڪانداري ڪن ٿا. البت سنڌن نعرا، اشتهار، ٽريڊ مارڪ ۽ ليبل مختلف آهن ۽ هو گراهڪ بہ مختلف قسم جا ڦاسائين ٿا.

انهيءَ گروهه جو وڏيڪ دولتمند ٽولو سياسي روڪڙ ۽ ريڊي ڪئش جو ڪاروبار ڪري ٿو. هو اهي نظرياتي وڙ ۽ جنسون پنهنجي دڪانن تي رکن ۽ وڪڻن ٿا جن جي حاڪم طبقن ۾ هڪدم طلب هجي. ان ڪري هو وقت جي حاڪمن، ايوبن، يحيائن جي درٻارين ۾ ڏنڊو ڪن ٿا ۽ ”اسلام“ سان گڏ ”پاڪستاني محب وطني“، ”ملڪي سالميت“، ”نظريہ پاڪستان“، ”پاڪستان جي نظرياتي سرحدن جي حفاظت“، ”جمهوريت“ ۽ ”اسلامي اتحاد“ جا بہ هوڪا ڏين ٿا.

ٻيو ٽولو يعني نقلي ترقي پسند ٽولو ان پوزيشن ۾ ناهي جو سنئون سڌو حاڪمن جي درٻار ۾ وڃي، اتي جميل پنهنجي درٻاري ڀائرن سان ڪلي ڪلائي چٽاڀيٽي ڪري. ان ڪري هو چور دروازي کان سرڪاري درٻار ۾ پهچي ٿو. هو ڪليو ڪلايو دهلوي، لکنوي ۽ حيدرآبادي نوابن ۽ نظامن، رئيسن ۽ جاگيردارن جي نمائندي جي حيثيت ۾ نہ ٿو وڃي پر ويس بدلايو جرمنيءَ جي مارڪس، روس جي لينن ۽ اسٽالن جي انقلابي گادين جو سجاده نشين ۽ روس، اوڀر جرمني، ويٽنام وغيره جي سرفروش قومن جو ڏوراهان ڏيهہ ڀيٽي آيل انقلابي نمائندو يا خود هن ملڪ جي باغي، انقلابي سرڪش عوام جو خطرناڪ ۽ طاقتور اڳواڻ بنجي نہ رڳو حاڪم طبقن جي درٻار ۾ رسائي هٿ ڪرڻ گهري ٿو پر وقتي حاڪم ٽولي تي انقلابي رعب وجهي ساڻن سوديبازي ڪري، ڪانئس سٺيو حصو پتي ونڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

هن ٽولي لاءِ سوشلسٽ سڏائڻ، سوشلزم ۽ سوشلسٽ ملڪن جي تعريف جا قصيدا ڳائڻ ڪو ڏکيو يا نرالو ڪم ڪونهي. هو تاريخي طرح مٿين گروهہ جي ان وچولي ۽ ڇوٽي وچولي طبقي منجهان آهي جيڪو وچولو ۽ ڇوٽو وچولو طبقو هزارين سال درٻاري، خوشامدڙيو ۽ گلاخور تي يا درٻارين، خوشامدڙين ۽ گلاخورن جو درٻاري، خوشامدڙيو ۽ گلاخور ٿي جيئو، پليو ۽ وڌيو ويجهيو آهي. هو هزارين سال ڏاڍن جون جتيون ڪٽي سندن خوشامد جا گيت ڳائي ۽ هيٺن جون گلائون ڪري فتنا ۽ فساد مچائي، ماڻهن کي اُلو بنائي، پاڻ ۾ ويڙهائي پاڻ حاڪمن وٽ سرخرو ٿي ۽ سندس هيٺن کان ڦريل مال مان سٺيا هڏا ٽڪر وني ڪائيندو، مچندو، ۽ مواڙ ٿيندو رهيو آهي. اڄڪلهہ دنيا ۾ روس يا ٻين سوشلسٽ ملڪن کان ڏاڍو ٻيو ڪير آهي جنهن جي خوشامد ڪجي؟ جن جا گيت ڳائجن؟ اهي گيت ڳائي، انقلابيءَ جو ڍونگ رچائي، اهو ٽولو انعام طور سڄي ملڪ جي ڪمداري هٿ ڪرڻ جا خواب پيو لهي ۽ سوچي پيو تہ انقلاب ۽ سوشلزم جي آڙ ۾ ڪنهن ڏينهن خود ملڪ جو والي ۽ نواب ٿي شاهہ اوڌ، نظام دکن بلڪ مغل شهنشاهہ هند جو جانشين ٿي ويندس ۽ خوب الوليون ماڻيندس.

مظلوم عوام خلاف سنگين ڏوھ ڪندڙ ھنن عادتي سياسي مجرمن جي انقلاب دشمن عوام دشمن ٽولي جي عوام دشمن سازشن خلاف جدوجهد ڪرڻ اڄ نہ رڳو سنڌي عوام جو پر سڄي ملڪ جي مظلوم عوام جو ھڪ بنيادي تاريخي فرض بنجي پيو آهي. جو تہ گھر اندر لڪي وينل ان ڪبرڙي چور کي سڃاڻڻ ۽ ڳچڙ مان جهلي ٻاھر لوڌي ڪيڻ کان سواءِ عوام جي ظاھر ظھور ۽ علي الاعلان دشمنن سان وڙھڻ ممڪن ئي ڪونهي. ھي گھر جا ويري اندر ئي اندر عوام کي گوگھا ڏيو، منجھايو، برغلايو، رڻ منهن ڏيو، پنهنجو پاڻ ۾ ويڙھايو اھڙو ڪٽ، ھلاڪ ۽ بتال ڪريو وينا آھن جو ماڻھن کي پنڻ کان پڙھڻ ياد ئي ڪونهي. ھو پنهنجي گھر جي ويڙھ کان ئي واندا ڪونهن جو حاڪم طبقن ۽ سندن ڏاڍ جي مشينري کي صحيح معنیٰ ۾ منهن ڏيئي سگھن. ھن ٽولي کي ٻانور آھي تہ ھنن اھڙيون سياسي زرھون پائي ڇڏيون آھن جو ڪوبہ ڪين عوام جي خلاف ڏوھ ڪرڻ کان روڪي نٽو سگھي. مثال طور ھنن جو چوڻ آھي تہ جيڪو اسان جي عوام دشمن ڪڌن ڪرتوتن تان پردو لاھيندو تنهن جو اسين جيئڻ حرام ڪري ڇڏينداسين. ھنن انقلابي وطن دوست عوام ۽ ڪارڪنن کي ڊيڄارڻ لاءِ پنهنجي چوڌاري ڪيتريون نظرياتي سرڪڻ ڦاھيون ناھي ڇڏيون آھن جن ۾ ڦاسڻ جي ڊپ کان ڪوبہ سندن ويجھو وڃي ڪين ننگو ڪرڻ جي ھمت نٽو ساري.

مثال طور ھو چون ٿا تہ (1) سنڌي عوام جو ڪوبہ سڄڻ اسان جو نالو وٺندو تنهن کي اسين ري پڇيو سرڪاري ايجنٽ ٺھرائينداسين. جو تہ اسين سرڪار جي مخالف پارٽيءَ ۾ آھيون. سرڪار جي مخالفت ڪندڙ پارٽيءَ جا ماڻھو عوام جا دشمن ٿي ئي نٿا سگھن. اٽلو انھن خلاف ڳالھ ڪندڙ سرڪاري ايجنٽ ليکجڻ ڪپن. (2) اسان جا چاڙٽا غدار ٿي نٿا سگھن چو تہ غدار فقط اھي ئي ليکجي سگھجن ٿا جي ڪنهن وزير يا پوليس وغيره جا چاڙٽا ٿين. سرڪار جي 'مخالف پارٽي' سان 'ساٿ ڏيندڙ' غدار ٿي ئي نٿا سگھن! (3) اسان مان ڪي يا اسان جا ڪي چاڙٽا روپوش ۽ انڊرگرائونڊ آھيون. اسان جو جيڪو نالو وٺندو سو اڻ پڇيو چئبو تہ پوليس جو ايجنٽ آھي ۽ عوام جي ڪارڪنن کي جھلائي ٿو، ان ڪري اسان ۽ اسان جي چاڙٽن کي سنڌي ماڻھن خلاف جيڪي وٽي سو وينا ڪن ، ٻئي ڪنهن کي ڪوبہ حق ڪونهي جو پڇي تہ ھي ڇا پيا ڪن، ڪنهن لاءِ ۽ ڪنهن جي خلاف پيا ڪن. جيڪو سندن نالو وات تي آڻيندو سو پوليس جو دلال آھي! اھڙيون اٽڪلون ڪريو ھو ۽ سندن چاڙٽا عوام خلاف سنگين ۽ ڪڌهن بہ معاف نہ ڪرڻ جھڙا لڳاتار ڏوھ ڪري رھيا آھن.

هن عوام دشمن ٽولي جي انهن زرهن کي ٽوڙي ڪين سنڌي ۽ ٻئي عوام اڳيان اگهاڙو ۽ ننگو ڪري ڪين عوام جي مفادن کي وڏيڪ وقت نقصان رسائڻ کان روڪڻ لاءِ وڏي دليري ۽ دانائيءَ واري نظرياتي جدوجهد هلائڻ جي سخت ضرورت آهي.

ايندڙ ڪچهريءَ ۾ اسين اهو ويچار ڪنداسين تہ نقلي ترقي پسند، سنڌ دشمن سازشي ٽولي، سنڌس جوڙيوالن ۽ چاڙتن جي انهن قانوني اعتراضن ۽ حجتن ۾ ڪيتري سچائي آهي. پڻ اسين اها جاچ ڪنداسين تہ هن ٽولي گذريل ٽيهن سالن ۾ ملڪ جي عوام خلاف، سندن انقلابي جدوجهد خلاف، هن علائقي جي انقلاب ۽ عالمي انقلاب خلاف ڪيئن نہ لڳاتار سنگين ۽ ڪڌهن بہ معاف نہ ڪرڻ جهڙا ڏوهہ ڪيا آهن، اهي ڏوهہ هنن ڪهڙن طريقن ۽ اٽڪلن سان ڪيا آهن، ڪهڙيون قوتون ۽ حالتون ڪين انهن ڏوهن ڪرڻ لاءِ سازگار ۽ مددگار ٿيون ۽ سندن هٿان عوام کي ڪهڙا ڳرا ۽ ڪاپاري ڌڪ لڳي چڪا آهن ۽ لڳي رهيا آهن.

خاص ڪري اسين اهو معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ هنن ڪهڙي ريت پاڪستان ٺهڻ شرط ڪوڙن انقلابي ڪليمن جي آڌار تي پاڪستان جي عوامي ۽ انقلابي سياست پاٽيهي پنهنجو پاڻ کي الاٽ ڪري ان تي ناجائز قبضو ڪري، هن ملڪ جي عوام ۽ ان جي قومي ۽ انقلابي ڪارڪنن کي عوامي سياست تان فريب ٺوڙي زبردستيءَ سان بي دخل ڪري بلڪل ائين پنهنجو ڏنڌو هلايو جيئن جماعت اسلامي جا چاڙتا ۽ ٻيا دين فروش مسجد شريف اڏڻ جي بهاني پٽن تي قبضا ڪري پوءِ ان تي دڪان ٺاهي، سياسي ۽ اقتصادي دڪانداري ڪندا آهن: ڪيئن هنن اڳتي هلي عوامي سياست سان مارشل لا لڳائي سنڌي، بلوچ، پشتون ڪارڪنن خلاف نفسياتي جنگ شروع ڪري سندن خلاف پروپئگنڊا مهمون هلايون ۽ سندن سياسي ڪردارن جو غدار چاڙتن هٿان قتل عام ڪرايو، ڪيئن هنن پنهنجي چاڙتن هٿان انقلاب دشمن، عوام دشمن ۽ قوم دشمن غدار تنظيمون نهرائي، انهن کي عوام جي خلاف سازش، فتني ۽ بدمعاشين لاءِ Storm troopers طور استعمال ڪيو، ڪيئن هنن عوام خاص ڪري سنڌي، بلوچ، پشتون عوام ۽ ڪارڪنن کي هڪٻئي کان الڳ ۽ ڪٽيل رکڻ لاءِ سياسي لوڙها ڪڙا ڪيا، ڪيئن هنن انقلابي رازدارين جي انقلابي عوامي هٿيار کي انقلابي وطن دوست عوام کان کسي اهو خود عوام خلاف استعمال پئي ڪيو آهي، ڪيئن هنن امريڪي سي ـ آئي ـ اي جي چاڙتي جماعت اسلامي سان ٻٽ ٿي ملڪ جي عوام کي ڀتڻ ۾ ڦاسايو آهي، ڪيئن هنن سنڌين، بلوچن، پشتونن جي جدوجهد جي حمايت جو ڍونگ رچائي انهن ۾ پنهنجا چاڙتا ڦٽ ڪري، انهن هٿان انهيءَ جدوجهد جا دغا سان ترا ڪديا ۽ انهن

کي ٻوهي ۾ ڏيئي پاڻ ”بادو بي ميار“ ٿيا پيجي اچي، لڪي ويهي حاڪمن سان ٺهي مزا پيا ماڻين ۽ سنڌين، بلوچن ۽ پشتونن خلاف زهريلي پروپئگنڊا جنگ پيا هلائين.

اسين اهو به معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين ته هي ٽولو ’تحريڪ‘ ۽ ان سان واسطو رکندڙ ڪارڪنن کي ايترو چو تو ڌڪاري، انهن کان ايڏو ڊنل ڇو آهي ۽ انهن خلاف سالن جا سال پنهنجن چاڙتن هٿان سنڌ، پاڪستان ۽ ٻاهر چوويهه ڪلاڪ ايڏي ڇتي، زهريلي ۽ گندي ڪوڙي پروپئگنڊا جنگ ڇو وڙهندو رهي ٿو ۽ سنڌن تحريڪ جي سلسلي ۾ ايڏي بدحواسي ۽ وحشت جا اصل ڪارڻ ڪهڙا آهن.

ڳالهه ۾ اڳتي وڌڻ کان اڳ، ٿوري دير ٻيهي، سوچ جي رستي تان ڪي ذهني ڍنگر هٽائي پري ڪري ڇڏجن ته چڱو.

ڪيترا ٻنهه پيلا، حد اشراف وطن جا گهڻگهرا ماڻهو تنقيد کي ڳالا جي قطار ۾ شامل ڪندا آهن ۽ چاهيندا آهن ته ڳالا وانگر تنقيد به ڪنهن تي به نه ٿئي. هو چوندا آهن ته ”ٻيڙن سان لڳي ٻيڙو ڪونه ٻبو. چڱن سان چڱو سيکو هلي، تڏهن جڏهن ڪو ٻيڙن سان به چڱو هلي ڏيکاري!“ ڪي ٻيا وري نقلي ترقي پسند نسل پرست سنڌ دشمن سازشين جي سنڌي چاڙتن ڏانهن اشارو ڪري چوندا ”ادا وري به پاڻ ۾ وڙهڻ واري ڳالهه تي نه! فلاڻو ڪٽي ڪهڙو به آهي، ڪٽي ڪنهن جو به گماشتو يا دلال ڇئوس، پر آهي ته بي نصيب پنهنجو نه! اها ته ادا پاڻ سنڌين کي خدائي پٽ آهي جو ٻين کي ڇڏي اول هڪٻئي جي ڏاڙهيءَ ۾ هٿ وجهندا آهيون: تان جو اڳلو وينو موجون ماڻيندو آهي ۽ پاڻ هڪٻئي کي پورو ڪريو رکون!“

اجا ڪي ٻيا وچان ٿي ڳالهه ڪندا، ڇي ”ڳالهه برابر لڪ جي ٿا ڪريو: انهن سنڌ دشمن ۽ سنڌن چاڙتن، ڪري سنڌي ماڻهن کي برابر رت رت ڇڏيو آهي. پر پنهنجو ڪم ناهي جو پنهنجو وقت اهڙن ردي ماڻهن تي زيان ڪريون. پاڻ کي ڪپي ته مڙس ٿي پنهنجو ڪم ڪريون. پلي هنن کي به جيڪا هڪلٽي هجي سا هڪلين. پوءِ آخر فيصلو ته سنڌي عوام ڪندو نه؟ اهو پس پيش فيصلو ڪري کير کير ڪندو، پاڻي پاڻي ڪندو. جيڪي سچو ڪم ڪندا سي ڪامياب ٿيندا ۽ جيڪي ڪوڙا هوندا سي هٽي هٽي نيٺ ڪنهن ڏينهن اگهاڙا ٿي پوندا ۽ پوءِ کير پچندن به ڪونه. ان وچ ۾ اجايو تڪڙو ٿي، پاڻيءَ کان اڳ ڪپڙا لاهي پاڻ کي خوار ڇو ڪجي!؟“

اها دستوري سنڌي سوچ آهي. سنڌ جا تمام گهڻا سوچيندڙ وطن دوست ماڻهو ائين ئي سوچين ٿا. خود جيڪي وطن دوست ماڻهو پاڻ کي نئين قومي سوچ جا مالڪ سمجهن ٿا تن جا ذهن به سوچڻ جي انهيءَ دستوري سنڌي ڍنگ کان صفا آجا ڪونه ٿيا

آهن. اهڙيون سوچون چپ هٽيو سنڌي ماڻهن جي ذهنن جي ڪندڻ پاسن ۾ لڪيون وينيون آهن ۽ وقت سر اوچتو ئي اوچتو ڪنهن مهل ٻڙڪو ڏيو ڪو نه ڪو روپ وٺيو ٻاهر نڪريو اچيو بيهو رهن.

اهي ۽ ان قسم جا ٻيا اهڙا خيال ۽ سوچ جا ڍنگ صحيح نه آهن. اهي غلط آهن ۽ سنڌي عوام لاءِ نقصانڪار آهن. ان ڪري انهن کي دليلن سان رد ڪرڻ ۽ انهن جي پاڙ پٽڻ تمام ضروري آهي نه ته سنڌي ماڻهو ڪڏهن بہ مضبوط ۽ محڪم ارادي سان اڳتي وڌي توڙ تائين پهچائڻ واري جٽادار جدوجهد هلائي سوپ کٽي نہ سگهندا.

جيڪڏهن ٻچڙن جي ٻچڙائيءَ جي ڳالھ نہ ڪجي، عوام خلاف جيڪي نقصانڪار ڪم ٿين انهن ڪمن ۽ انهن جي ڪندڙن جي ڳالھ جيڪڏهن سنڌي ماڻهن وٽ نہ ڪجي، جيڪڏهن رڳو پاڻ چڱو ڪم ڪجي، باقي ٻين کي برائيءَ کان نہ روڪجي، جيڪڏهن هرڪو رڳو پنهنجو ڪم ڪري، اهو نہ ڏسي تہ جيڪي ان ڪم جا ويري آهن سي ڇا ٿا ڪن تہ پوءِ ان حالت ۾ سنڌي ماڻهن جو ڪهڙو حال ٿيندو تنهن جو اندازو رڳو هيٺين ٽورڙن مثالن مان ئي ڪٽي لڳائي ڏسون:

فرض ڪريون تہ هڪڙي پاسي سنڌ جي سڀني طرفان پورا هڪ هزار بورچي ان ڪم تي لڳل هجن تہ سنڌي ماڻهن لاءِ بهترين پيٽ ۽ پلاءُ رڌي تيار ڪندا وڃن ۽ ٻئي پاسي سنڌ جي ويرين طرفان فقط هڪڙو ماڻهو انهيءَ ڊيوٽيءَ تي لڳل هجي تہ اهي هزار بورچي جيڪي ديڳيون سنڌين لاءِ رڌي تيار ڪري لاهي دم ڏيئي رکن، تن منجهان هڪڙيءَ هڪڙيءَ ۾ هو زهر جا پُڙا اوتيندو انهن کي ڏوئي گهمائيندو هلي؛ ٻئي ڌريون پنهنجو ڪم ڪن، هڪٻئي کي روڪ نہ ڪن ۽ ڇڏي ڏين تہ سيڪو پلي ”پنهنجو“ ”پنهنجو“ ڪم پورو ڪندو هلي! ساڳيءَ طرح فرض ڪريون تہ سنڌي وطن دوست پورا هڪ هزار بهترين رازا جايون اڏڻ جي ڪم سان لڳائين ٿا تہ سنڌين لاءِ بهترين جايون جوڙين ۽ دشمنن جو فقط هڪڙو رازو انهيءَ ڪم تي مقرر ٿيل هجي تہ هي ماڻهو جيڪو اڏين سو ڍاهيندو، ڪيرائيندو، پٽ ڪندو هلي! فرض ڪريون تہ هڪ هزار سنڌي مائرون هزار ٻار ڄڻين، سانڍين، نپائين، وڏا ڪن ۽ نيٺ جڏهن هو سامائجي جوان ٿين تہ دشمن فقط هڪڙو جلاد، فقط هڪڙي ڏينهن لاءِ ان ڪم سان لڳائين تہ تلوار ڪٽي سيني جون سسيون لاهي ڇڏ!

هاڻ جيڪڏهن اهي هزار هزار بورچي، رازا ۽ مائرون رڳو ”پنهنجو“ ڪم ڪندا رهن، پنهنجي ڪيل ڪم جي سنڀال نہ ڪن، ان جو بچاءُ نہ ڪن، ويرين کي اهو ڪيل ڪم خراب ۽ برباد ڪرڻ کان نہ روڪين تہ پوءِ انهن هزار بورچين، هزار رازن مزورن،

هزار مائرن جي پورهين، ڪشالن، ڪاريگرين ۽ هنرن جو آخر نتيجو ڪهڙو وجي نڪرندو؟ چا رڳو ڪجهه به نه؟ نه! اجان ان ڪان خراب!! جيڪي سنڌي اهو زهريلو پٽ ڪائيندا سي مرندا، جيڪي انهن جاين ۾ وينل هوندا تن جي مٿان جايون ڪيرايون ويون ته مٿا ڦاٽندن، ٻچا مرندن، جيڪي هزار مائرون پنهنجا اکين جا نار ويرين جي جلاد جي رحم ڪرم تي ڇڏينديون تن جا اهي جوان پٽ جيڪي جلاد ڪي پنهنجو ڪم بنا رندبڪ جي ڪرڻ ڏيندا سي ڪسي ويندا.

ساڳيءَ طرح جيڪڏهن هاري رڳو هر ڏيئي، فصل پوکي، جهار نه هڪلي، ان فصل ڪي پکين، جانورن يا چورن ڪان نه بچائي، جيڪڏهن ماڻهو رڳو ماني ڪائي، بيماريءَ کي روڪڻ لاءِ ۽ صحت ڪي بچائڻ لاءِ دوائون درمل نه ڪائي، جيڪڏهن پاڳيا رڳو مال مڏيون ڪمائي گڏ ڪندا وجن، ڏاڙيل انهن ٽيڙن ڪي ڪٽن ته ڪچن به نه ۽ چون ته اسان پنهنجو ڪم ڪيو، هاڻ هي پلي ”پنهنجو“ ڪم ڪن، ته پوءِ ماڻهن جي جيڪا حالت ٿيندي سا سيڪو سمجهي سگهي ٿو!

نه! رڳو ”پنهنجو“ ڪم ڪرڻ مان ڪجهه به نه ورندو! رڳو پاڻ ڪم ڪرڻ، رڳو پاڻ چڱو ۽ اشراف ٿيڻ ڪافي ناهي. عوام جي پلائي ڪرڻي آهي ته بئي ڪم ڪرڻا آهن. پاڻ چڱائي به ڪرڻي آهي ۽ عوام جي دشمن جي برائيءَ ۽ بڇڙائيءَ کي به رد ڪرڻو آهي. چڱو به ٿيڻو آهي ۽ چڱائيءَ جي بچاءَ لاءِ بڇڙن ڪي سهي به ڪرڻو آهي، مٿن ڪرڙي نظر به رکڻي آهي، ساڻن مقابلو ڪري، ڪين ناڪام به بڻائڻو آهي.

ساڳيءَ طرح پنهنجن ڪي چڱي ڏيڻ ته جيڪي وٽين سو وينا ڪن. سا ڳالهه به صحيح ناهي. غلط آهي. هر شيءِ ابتڙن جو ميلاپ آهي. انهن ابتڙن جي پاڻ ۾ ميلاپ ۽ هيڪڙائي به آهي ته پاڻ ۾ مقابلو به. اهو فطرت جو ازلي، ابدي ۽ اٽل قاعدو آهي. ڪابه شيءِ، ڳالهه يا حقيقت ان قانون جي اثر ڪان بچيل ڪانهي ۽ نه ڪا ٿي سگهي ٿي. جن ڪي پنهنجو چئجي ٿو تن ۾ به ابتڙ، تضاد، ٽڪر ۽ مقابلو آهي. رڳو انسان پاڻ ڪي، خود پنهنجي جسم ڪي وٺي ته ان ۾ به سپ جزا سندس پنهنجا يعني ڪيس نفعي ۽ فائدي پهچائڻ وارا ڪونهن. سندس ’پنهنجي پاڻ‘ ۾ به سوين هزارين زهريلا جيوڙا ۽ جزا ٿين ٿا، جن مان ڪئين مرض پيدا ٿي سگهن ٿا. اهي جيوڙا آهن ته برابر ”پنهنجا“، پنهنجي جان جا ۽ ان جي ئي اندر، پر ساڳئي وقت اهي پنهنجي صحت ۽ زندگيءَ جا دشمن به ٿي سگهن ٿا. انهن ۽ اهڙن ’پنهنجن‘ سان مقابلو به لازم آهي. يعني ’پنهنجو‘، ساڳئي وقت ’پنهنجو‘ به آهي ته ’پنهنجو‘ ويري به. اڪيلو ماڻهو هجي يا ڪٽنب، راڄ هجي يا قبيلو، طبقو يا قوم، انساني سماج هجي يا سموري زندگي، هر هنڌ ٻنهيءَ سان گڏوگڏ ابتڙ،

تضاد، ٽڪر ۽ مقابلو بہ جاري آهي. سدائين جاري هو ۽ هميشہ رهندو. هرهنڌ مقابلو ٻاهرين سان بہ آهي تہ اندرين سان بہ. جهيڙو پر سان بہ آهي تہ خود پاڻ سان بہ. پاڻ اندريون دشمن وڌيڪ نقصانڪار ۽ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو.

سمنڊ ۾ جيڪي ساهوارا آهن تن جا دشمن آسمان مان ڪونہ ٿا لهن: سمنڊ اندر ئي موجود آهن. ڪين پنهنجن انهن سمنڊ ۾ رهندڙ پاڙيسرين ۽ جنس ڀاتين سان ئي مقابلو ڪري پنهنجي جان بچائڻي پوندي. ساڳيءَ طرح چڙيءَ جو دشمن باز بہ سندس پنهنجو هم جنس پکي ئي آهي، مانگر مڇ ڪونهي. ساڳيءَ طرح انسان ذات ڪي ڦريندڙ، لٽيندڙ ۽ پيڙهيندڙ چوڌري، خان، وڏيرا، سردار، سرمائيدار ۽ سامراجي بہ پنهنجا هم جنس انسان آهن. ٻگهڙ يا گرڙ پکي ڪونهن. اهي سڀ ڪان پهرين پنهنجي ئي ذات، قبيلي ۽ قوم کي ڦريندا ۽ غلام بنائيندا آهن. ان ڦرلٽ جي زور تي مچي مواڙ ٿي، پوءِ ئي ٻين کي ڦرڻ مارڻ ۽ غلام بنائڻ جهڙا ٿيندا آهن.

روم کان وٺي نٿي تائين، مکي مديني کان وٺي ماسڪو ۽ پيڪنگ تائين جيڪي بہ ترٿلا ۽ انقلاب آيا آهن تن ۾ سڌاري، واڌاري ۽ انقلاب جا پهريان ۽ پويان وڏي ۾ وڏا جاني دشمن انقلابين جا 'پنهنجا' ئي هئا، ڌاريان ڪونہ هئا. يزيد ڪير هو؟ پيغمبر صلعم جي صحابين سڳورن جي سونهاري سٽ جي مور معاويہؓ جو فرزند دلبند. ابوجهل ڪير هو؟ حضور جن جو پنهنجو جان جگر. سومرن، سمن، ميرن جي راڄن جا تختا ڪيندڙ چنيسر، ڄام فيروز ۽ مير علي مراد ۽ صوبدار خان ڪير هئا؟ خود سومرا، خود سمان، خود مير، خود شاهي خاندانن جي اکين جا تارا ۽ هنئين جا هار! حقيقت ۾ غدار اکر جي معنىٰ ئي آهي اهو پنهنجو ماڻهو جو ڌارين سان ملي پنهنجن جو ويري ٿئي. غدار پنهنجن مان ٿيندا آهن: ڌارين مان ٿي نٿا سگهن.

عوام جي ڀلائي ان ۾ آهي تہ فطرت جي قانون مطابق ٻڌي بہ ڪجي ۽ مقابلو بہ. ڌارين توڙي پنهنجن سان رڳو ٻڌي نہ ڪجي پر ضرورت پوڻ تي مقابلو بہ ڪجي.

اصول هي آهي تہ عوام جي ڀلي لاءِ جيترن گهٽن ۾ گهٽن ماڻهن ۽ قوتن سان ٻڌي ٿي سگهي، اوترن سان ٻڌي ڪجي. چاهي اها محدود چو نہ هجي ۽ ان ٻڌيءَ کي قائم رکڻ ۽ بچائڻ لاءِ طئي ٿيل اصولن مطابق جدوجهد ڪجي. انهن اصولن مان هڪڙو اصول هي آهي تہ جيڪي ٻنهہ آزمايل ڪٽر، لاعلاج ۽ ناسوري رجعت پرست عوام دشمن هجن تن سان حياتي ۽ موت جو مقابلو ڪجي، ڪين سياسي طرح ختم ڪرڻ لاءِ ڏگهي ۽ اٽانگي جدوجهد ڪجي. نقلي ترقي پسند، نسل پرست سنڌ دشمن هن وقت اهڙي قسم جا بار بار آزمايل، ڪٽر، لاعلاج ۽ ناسوري رجعت پرست ۽ عوام دشمن آهن، جن

سان حياتي ۽ موت جي ڊگهي نظرياتي سياسي جنگ لڙڻ ۽ کين مات ڪرڻ بنا سنڌي عوام هڪ وک به اڳتي چري ڪونه سگهندا.

اها ڳالهه سمجهي سنڌ دشمن سڌو سنڌي عوام جي اڳيان اچڻ جي جرئت نٿا ڪن. ان ڪري هو پنهنجا سنڌي چاڙتا آڙ ڪري استعمال ڪن ٿا ۽ چون ٿا "ڏسو! هي ته اوهان جا پنهنجا آهن!" سماج توڙي دنيا جي تاريخ ۾ ٻين سمورن قسمن جي غدارن جو ذڪر ڪافي شد مد سان ٿيندو رهيو آهي ۽ انهن تي ڦٽ لعنت ٿيندي رهي آهي. سواءِ هڪڙي اهم ڪان اهم ۽ بنيادي قسم جي غداريءَ جي. اها غداري آهي مسڪين، ماريل ۽ مظلوم طبقي جي ماڻهن جي پنهنجي مسڪين ماريل ۽ مظلوم طبقي سان غداري.

سموري تاريخ طبقاتي تاريخ آهي. اها ڳالهه ٻن معنائن ۾ سچي آهي. هڪڙو ته سموري انساني تاريخ درحقيقت ۽ بنيادي طرح مخالف طبقن جي پاڻ ۾ مقابلي ۽ ٽڪرن جي تاريخ آهي. ٻيو ته سموري انساني تاريخ طبقاتي نقطه نگاهه ڪان لکي ويئي آهي. يعني ڪن خاص طبقن يعني ڦورو ۽ ظالم مٿين طبقن جي نفعن نقصانن جو خيال رکي لکي ويئي آهي. *[اڪثر ڪري هرڪا تاريخ حاڪم ماڻهن، تولن ۽ طبقن جي فائدي ۾، وڏيرن، رئيسن، خانن، اميرن، نوابن، بادشاهن، راجائن ۽ شهنشاهن جي فائدي ۾ لکي ويئي آهي. خود جيڪي تاريخي احوال، قصا ۽ داستان قومي قسم جا آهن ۽ مظلوم قومن جي فائدي ۾ لکيا ويا آهن اهي به طبقاتي پاسخاطري ۽ تعصب ڪان بچيل نٿا ٿي سگهن ۽ ناهن. مظلوم قومن جيڪي ظالم قومن سان مقابلا ڪيا آهن انهن جي تاريخي ذڪر ۾ به گهڻو زور مظلوم قوم جي مٿين حاڪم طبقن جي ماڻهن جي نيڪين ۽ ساراهن تي هوندو آهي. غريب طبقن جي وطن دوست سرويچي ۽ نيڪيءَ جي ڳالهه ورلي بيان ڪئي ويندي آهي ۽ سا به تڏهن جڏهن ان ويڙهه ۾ ڪو مٿئين طبقي جو ماڻهو شريڪ نه هجي. نه ته سمورو داد ان مٿئين طبقي جي ماڻهوءَ کي ڏنو ويندو آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان جي سنڌ جي هزار سالن جي تاريخ ۾ اڪثر ڳايل وڄايل مستند ۽ مشهور قومي هيرا، فقط حاڪم ۽ بادشاهه ئي ليکجن ٿا. هوشوءَ جهڙن غلامن جو ذڪر به انگريز دشمن آندو نه ته مڪاني طبقي پرست، حاڪم پرست، سامراج پرست تاريخ نويس مشڪل سان آڻين ها. اهو دستور ئي ڪونه هو ته ڪو غريب عوام جي بهادري ۽ سرويچيءَ جو ذڪر قلم جي زبان تي آڻجي. بهادري ۽ ٻين گڻن جي تعريف فقط مٿين طبقن لاءِ وقف ٿيل هئي. غريب عوام جو ڪم هو مات منيءَ ۾ قربان ٿيڻ ۽ ڪسجڻ ۽ گمناميءَ جي حالت ۾ دنيا مان گم ٿي وڃڻ. ذري گهٽ سڄي تاريخ انهيءَ 'ڪڪڙ ڪوريءَ جي، نالو وڏيري جو' واري دستور موجب، هڪ طرفائي، طبقاتي*

*پاسخاطري ڪري ۽ تعصب جي جذبن هيٺ لڪيل نظر ايندي.]* حد اها آهي جو نه رڳو هيرا، جوڌا، دلير ۽ ساراهه جوڳا ماڻهو فقط مٿين حاڪم طبقن جا ماڻهو شمار ڪيا پئي ويا آهن پر اڪثر غدار به فقط مٿين طبقن جا ليکي ۾ آندا ويا آهن. *[مٿين، حاڪم طبقن کي غداري ڪرڻ جي هر وقت ضرورت هئي ۽ ٻئي طرف ڪين غدار سڏجڻ جو ڊپ ڪونه هو. ان جا ڪي خاص سبب هئا. غريب عوام گهٽائيءَ ۾ آهن. انهن لاءِ پنهنجي طبقي جا مفاد ساڳي ڳالهه آهن. هو خود قوم آهن. سندن طبقو ۽ قوم ذري گهٽ ساڳي ڳالهه آهن. ٻئي طرف مٿيان طبقا قوم جو فقط هڪڙو تمام ننڍڙو، پتڪڙو حصو آهن. قوم جي باقي وڏي گهٽائيءَ سان، يعني ذري گهٽ سڄي قوم سان سندس طبقاتي ٽڪر، تضاد، مقابلا ۽ وير وڙ آهن. ان ڪري سندس طبقاتي مفاد ۽ قومي مفاد اڪثر الڳ الڳ ۽ ابتڙ هوندا آهن. عام حالتن ۾ ۽ اڪثر ڪري هنن طبقن جو فائدو انهن ڳالهين ۾ ئي هوندو آهي جن ۾ قوم جي سراسر تباهي هوندي آهي. وري سڄي قوم جي چڱائي جي ڳالهه کي هو پنهنجي لاءِ ايترو نفعي وارو نه ليکيندا آهن ۽ اڪثر نقصانڪار ليکيندا آهن. قومي غداري طبقاتي طرح اڪثر سندن تاريخي ضرورت پئي رهي آهي. ان ڪري مٿيان طبقا مجموعي طرح پنهنجن طبقن سان وفادار ۽ پنهنجين قومن جا غدار رهندا آيا آهن. جيئن ته تاريخ هميشه سندن طبقاتي در جي گولي ۽ ٻانهي پئي رهي آهي ۽ سندن هر ڳالهه جي تعريف ۽ ساراهه ڪندي رهي آهي. ان ڪري هو بنا ڪنڪي ۽ خوف جي علي الاعلان ۽ ٻئي ٻانهون هٽي پنهنجي ذاتي ۽ طبقاتي فائدن لاءِ صدين کان وٺي لڳاتار قومي غداريون ڪندا پيا اچن.]* يعني پورهيت طبقي جي عوام مان ڪنهن ماڻهو جو رڳو غدار جي حيثيت ۾ به نالو ڳڻائڻ جائز نه ليکيو پئي ويو آهي. غريب طبقي جي ماڻهن جي غدارن جي لسٽ مان خارج ڪرڻ ۽ خاص ڪري منجهائن پيدا ٿيل طبقاتي غدارن جو ذڪر ئي نه ڪرڻ جا ڪي خاص سبب به هئا. غريب عوام جي انهيءَ احساس کي ايرڻ ۽ وڌڻ ويجهڻ ڏجي ها ته پنهنجي جان ۽ پنهنجي ڪٽنب، پنهنجي قبيلي ۽ پنهنجي قوم کان سواءِ پنهنجي طبقي سان پاڻ جهڙي ٻئي پورهيت مظلوم عوام سان به وفاداري ڪرڻي آهي ۽ غداري هرگز نه ڪرڻي آهي، جيڪڏهن هو چڱيءَ طرح سمجهي وڃي ته پنهنجي غريب پائرن سان غداري دنيا جي وڏي ۾ وڏي ۽ ڪميني ۾ ڪميني غداري ٿيندي آهي ته پوءِ جيڪر عوام سان طبقاتي وفاداري به هڪ وڏي ۾ وڏو گڻ ۽ ساڻن طبقاتي غداري به هڪڙي وڏي ۾ وڏي رذالت ليکجڻ لڳي ها ۽ نيٺ قصو اتي وڃي پهچي ها جو ڪنهن منزل تي ماڻهو پنهنجي طبقاتي دشمنن جي چوڻ تي لڳي پنهنجي قوم ۽ پنهنجي غريب پائرن خلاف هڪ وک به کڻڻ لاءِ تيار نه ٿين ها. ان ڪري

قومي غداريءَ جو ذڪر تہ ڇڄو ڀاڱو تاريخ ۾ آندو ويو آهي. باقي غريب عوام سان طبقاتي غداري جو ذڪر ڏيهي پرڏيهي سرڪاري تاريخن مان ائين گم ڪرايو ويو آهي، ڄڻ ان نالي واريون بلائون انساني سماج جي ڀيلي ۾ ٿينديون ئي ناهن! *[هيستائين سموري تاريخ ۾ عوام مان پيدا ٿيل هر شخص لاءِ زندگيءَ ۾ فقط بہ رستا کليل هئا، يا تہ ساري عمر مظلوم ٿي رهي يا بدلجي ظالم ٿئي ـ وچان ٽيون رستو ڪونہ هو. يا تہ پنهنجي طبقي ۾ ئي رهجي ۽ سموري زندگي بکن ڏکن، ذلتن جا زهريلا ڍڪ پيري جيئري مرندو رهجي يا آهستي آهستي پنهنجي طبقي کي ڇڏي ٻاهر نڪرجي. ٻاهر نڪرڻ جا ٻه طريقا ٿي سگهن ٿا: هڪڙو تہ فقط آهستي پنهنجي طبقي کي ڇڏي ٻاهر نڪرجي. ٻاهر ٽيستائين ناممڪن هو جيستائين ماڻهو پنهنجي طبقاتي ڀائرن، ڀاڻ جهڙن مسڪينن ۽ مظلومن جو غدار ٿي، عوام جي دشمن، مٿس ظلم ڪندڙن جي ڪٺڙي ڪيل ڦرلٽ جي مشينريءَ جو پرزو نہ بنجي. ڪمدار، اسڪول ماستر ۽ ڊڪ منشيءَ کان وٺي ڊاڪٽر، وڪيل، پروفيسر، اديب، فنڪار، مسجد جي مولوي سگهوري تائين سڀ، ڪنهن نہ ڪنهن نموني عوام سان غداري ۽ دشمني ڪرڻ جي سواءِ ظلم جي گهاڻي جي پرزن بنجڻ جي ڊاڪٽر، وڪيل وغيره ٿي يا رهي ئي نٿا سگهن. جي نہ تہ پس پيش ڪين ڌڪي موٽائي مظلوم عوام جي ٻڪ ڏک ۽ ظلم جي بنديخاني ڏانهن موڪليو ويندو. ڪوبہ ماڻهو مظلوم بہ نہ رهي ۽ مظلومن جي پيڙجڻ جي گهاڻي جو پرزو بہ نہ هجي اهو ناممڪن هو. فقط هاڻ هن جمهوريت، قومي آزاديءَ ۽ سوشلزم جي شاندار ۽ سوڀاري جدوجهد جي عظيم تاريخي دور ۾ اهي ٻئي ڳالهيون ممڪن ٿيون آهن. بلڪ هاڻ تہ مظلوم عوام نہ رڳو مظلوم نہ رهندا، نہ رڳو ٻين تي، پاڻ تي ظلم ڪرڻ تي مجبور نہ ڪيا ويندا پر سڄي دنيا جا مالڪ ئي اهي ٿيندا.]* اٿلو طبقاتي غداري کي هڪڙو زبردست گڻ ڪري ڄاڻايو ويو ۽ طبقاتي غدارن جا گيت ڳايا ويا. طبقاتي غدارن لاءِ ائين نہ چيو ويو تہ هي عوام جو غدار ٿي وڃي عوام دشمن طبقن جو دلال بنجي عوام جو دشمن ٿي ويٺو. پر چيو ويو تہ فلاڻو مسڪين ماڻهو پنهنجي نمڪ حلالي، محنت، لياقت ۽ هوشياريءَ سبب ترقي ڪري وڃي زميندار، سيٺ، ميمبر، سياسي ليڊر، وزير، امير يا بادشاھ ٿيو! *["نمڪ حلالي، محنت، لياقت ۽ هوشياريءَ جي ڪري ترقي ڪندڙن" يعني عوام کي ڇڏي عوام دشمن جي ٽولي ۾ شامل ٿيندڙن جا ڪٽڪن جا ڪٽڪ جيڪڏهن پنهنجو پيٽ پارڻ لاءِ ڦورو ۽ ظالم حاڪم طبقن جي خدمت چاڪري، دلالي ۽ حفاظت نہ ڪن، سڀ ماڻهو پنهنجي طبقي جي ڀائرن سان سڄي عمر وفادار رهن ۽ انهن سان ئي گڏجي طبقاتي ۽ قومي ظلم سان مقابلو ڪن، تہ وڏيرا شاهي، سردار شاهي، سرمائيدار شاهي ۽ سامراج جو چرخو هڪڙو مهينو بہ هلي نہ سگهي ۽ ازخود ڊهي اچي پٽ پوي. اهو چرخو*

*اڏيل ۽ بيٺل ئي عوام مان زبردستيءَ يا خوشيءَ سان پرتي ٿيل پڙهيل يا اڌ پڙهيل، پيرن اگهاڙن توڙي سفيد پوش طبقاتي غدارن جي ٽيڪ تي آهي.]*

انهيءَ چپ چپات ۾ ماٺ منوڙي جي ڪري عام ماڻهن کي اها ڳالهه خيال ۾ ئي ڪانه هوندي آهي ته طبقاتي غداري به ڪو وڏو عوام دشمن ڪم آهي. عام ماڻهو ان کي هلي چلي ڪري ٿا ليڪين. ڪي ته مورڳو ان کي وڏي ڪاميابي ڪري ٿا ليکين. جي "ڏسو، فلاڻو ڪٿي ڪان ڪٿي وڃي رسيو. هلاءِ مڙس جا بخت!"

ان ڳالهه جو نقلي ترقي پسند نسل پرست سنڌ دشمن ناجائز فائدو وٺن ٿا ۽ چون ٿا ته "اسين ۽ اسان جا سنڌي پوئلڳ غريباڻا ڪپڙا پايون ٿا، اسين پاڻ مسڪين آهيون. اسين پلا ڪيئن عوام دشمن ٿينداسين؟ غدار ته فقط مٿين طبقن جا وڏا ماڻهو ٿيندا آهن!"

اسان مٿي ويچار ڪري آيا آهيون ته ڪيئن ان قسم جا دليل سراسر بي بنياد آهن. غدار ڪير به ٿي سگهي ٿو. چاهي اهو هيٺئين طبقي جو هجي يا مٿئين جو. عوام منجهان پرتي ڪيل عوام جا غدار البت ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ قابل نفرت آهن ڇاڪاڻ ته اهي نه رڳو پنهنجي قوم سان پر پنهنجي طبقي سان به غداري ڪن ٿا. بهرحال ڪنهن ماڻهو جو غريب هجڻ هرويرو ان ڳالهه جي خاطري نٿو ڏئي ته ڪو هو غريبن جي پاسي هوندو ۽ غريبن جي دشمنن جو طرفدار ڪونه هوندو.

سنڌ دشمن ۽ سندن چاڙتن جو پنهنجن ڪڌن ڪرتوتن جي بچاءَ ۾ هڪڙو ٻيو دليل هي به آهي ته "اسين سوشلسٽ آهيون، اسين پاڻ کي ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان ٿا سڏايون. تنهنڪري ڪوبه اسان کي عوام جو ڏوهي چئي نٿو سگهي!" ان جي جواب ۾ سمجهڻ کپي ته ماڻهو پاڻ کي ڇا ٿو ظاهر ڪري يا ليکي سا هڪڙي ڳالهه آهي ۽ ماڻهو درحقيقت آهي ڇا، سا بلڪل ٻي ڳالهه آهي. اڄوڪو دور جيڪو جمهوريت، قومي آزادي ۽ سوشلزم جو دور آهي، عوام جي سوڀين ۽ ڪاميابين جو دور آهي، تنهن ۾ سمجهو سرمائيدار ۽ جاگيردار به پاڻ کي عوامي ۽ ڪامريڊ ماڻهو سڏائڻ ۾ عار نه ڇڏيو خود فخر ٿا سمجهن. اهڙي حالت ۾ هنن جو پاڻ تي سوشلسٽ يا ڪميونسٽ يا ڪميونسٽ پارٽيءَ جو لقب رکڻ بلڪل عجب جهڙي ڳالهه ڪانهي. جيڪو ڏنڊو هو گذريل ٽيهن سالن کان ڪندا رهيا آهن سو ڏنڊو ان بهروپ ڪانسواءِ هو هرگز ڪري نه سگهن ها. هونئن به پاڪستان ۾ هڪڙي ٽولي پاڻ کي ڪميونسٽ پارٽي ڪانه ٿي سڏائي. پر هڪ به ڪري ڳڻبيون ته اهڙيون 50 ٽوليون لينديون، جي پاڻ کي ڪميونسٽ

پارٽي يا اهڙو ئي ٻيو ڪو رعبدار نالو ڏيئي ٻين باقي 49 ٽولن کي سي ـ آئي ـ ڊي جي ايجنٽن جا ٽولا سڏين ٿيون!

تنهن ڪانسواءِ هو چون ٿا ته ”اسان جيل ڪاٽيا آهن. اسين روپوش آهيون. اسان تي لک روپيا انعام آهي.“ ان باري ۾ سڀ ڪان پهرين هڪڙي ڳالهه صاف ڪري ڇڏجي ته چڱو. سنڌ دشمنن نقلي ترقي پسندن جي هڪڙي چاڙتي جي ولي خان واري ڪيس ۾ جوابدار هجڻ ڪي سنڌ دشمنن اهڙو رنگ ڏنو آهي جڻ ته بلوچستان يا سڄي پاڪستان ڪي سندن چاڙتا ڪلهو ڏيو بيٺا آهن. چي، ”تڏهن ته يار مڙس ههڙن خوني ڪيسن ۾ روپوش آهن!“

حقيقت ڇا آهي؟ پاڻ ان ڪيس جي سچي يا ڪوڙي هجڻ تي بحث نٿا ڪريون. پر الزامن جو نوٽيس ونئي سگهون ٿا. ان ڪيس بابت پاڻ کي ٻه ٿوري گهٽي خبر آهي. پاڻ کي خبر آهي ته سنڌ دشمنن جي ڪنهن ٻه چاڙتي تي بلوچستان يا سموري پاڪستان ۾ ڪنهن ڪکڙ کي پتر اجلائي هٽڻ جو ٻه الزام ڪونهي! پنهنجي ڄاڻ موجب سازش ڪان قطع نظر نقلي ترقي پسندن جي حيدرآباد سازش ڪيس ۾ ملوث هڪڙي سنڌي چاڙتي تي مکيه ذاتي الزام فقط ۽ فقط اهو آهي ته بلوچستان جي ماڻهن جي جمهوري جدوجهد جي تائيد ڪرڻ واري هڪڙي نهراءَ جي جن ماڻهن تائيد ڪئي هئي تن جي لسٽ ۾ هن جو نالو ٻه آهي! اهو آهي مکيه ذاتي سورهيائي، سرفروشيءَ يا بغاوت جو الزام جو هن غريب تي ذاتي طرح لڳل آهي. ياد رهي ته جن ماڻهن تي فقط اهڙو ذاتي الزام آهي سي اڪثر سڀ ضامن تي آزاد ٿي ويا آهن. ان ”خوفناڪ بغاوت“ جي انعام طور سنڌي ماڻهن تي سنڌ دشمن چاڙتن جي ايڏي ته دهشت ويهاري ويئي آهي جو ماڻهن ويچارن جي هنن سورهين جي ’سورهيائي‘ جو داد ڏيئي ڏيئي ۽ ڏن پري پري جڙهه ئي نڪري ويئي آهي. معلوم ٿيو آهي ته باقاعدي هڪڙو شاهي ڊرامو ڪيو ويندو آهي. چي ”فلاڻو ماڻهو ملايان ٿو، رڳو هينئر پوليس کي اطلاع ڏئي ته اڌ لک روپيا روڪڙا ٿڏي تي انعام ملنئي؟ سنڌي ماڻهو آهين. تو جهڙي مڙس تي اعتبار آهي!“ سنڌي ويچارا اڳيئي نالي نهال. هوڏانهن دليءَ جا ننگ، مطلب ته ويچارا زيارت جي ڏڪٽائن پرڻ ۾ ئي گهر مسيت ڪرايو ڇڏين!

ڦورو ۽ ظالم سماجي نظام ۾ مظلوم عوام جي زندگيءَ جو پل پل ڪنهن نه ڪنهن عذاب ۽ ذلت ۾ گذري ٿو. انهن عذابن ۾ ڏنڊ، ڇٽيون، بي عزتيون، چوريون، ڌاڙا، خون، پوليس جا عذاب، جيلن ۾ اذيتون ۽ انڌاريون ڪوٺيون ۽ ٻيون ڪئين بيشمار مصيبتون اچي وجن ٿيون. اهو چوڻ ڏکيو آهي جيڪي جيل کان ٻاهر زندگيءَ

جي جيل ۾ آهن سي وڏيڪ ڏکيا يا جيڪي جيلن اندر ويل ۾ آهن سي، بهرحال جيڪي به ماڻهو عوام جي حقن لاءِ سچي دل سان لڙندي پائيءَ جيتري به تڪليف سهن ٿا، تن کي لک آفرينون ۽ شاباسيون! انهن جو قدر ڪرڻ گهرجي، ڪين عزت ڏيڻ گهرجي ۽ سندن مثال مان سبق وٺڻ گهرجي. سنڌ ۾ ٻئي سڄي ملڪ جي ڪيترن ماڻهن، هارين، مزدورن، شاگردن، دانشورن، اديبن، زميندارن ان راهه ۾ جيل ڪاٽيا آهن ۽ ڪاٽين پيا. انهن سيني کي شابس هجي. ٻئي طرف دنيا ۾ ڪاٻه ڳالهه تڪليف ۽ ڏک ڀوڳڻ کان سواءِ نٿي ٿئي. جيڪي ظالم ماڻهو ڪٽڪ وٺيو ٻين ملڪن کي ڦرڻ لٽڻ، تباهه ڪرڻ ۽ غلام بنائڻ نڪرن ٿا سي به تڪليفون ڀوڳين ٿا.

لڙائيءَ ۾ ٻئي ڌريون مرن ٿيون، ڪي حملو ڪندڙ ڦورو به زخمي ٿين ٿا، قيد ٿين ٿا، بکون ۽ ڏک ڪاٽين ٿا. سو تڪليف ۾ پوڻ جي معنىٰ اها هرگز ڪانهي ته اهي ماڻهو هروڀرو حق تي آهن. ساڳيءَ طرح جيڪي به سرڪار جا مخالف آهن يا سرڪار جي ڏاڍ جي مشينريءَ کان لڪن ٿا سي سڀ ڪي عوام جا به سڄڻ هجن اهو لازم ڪونهي. ٿي سگهي ٿو ته اهي سرڪار سان ٿورا، نالي ماتر ۽ مٿاڇرا ۽ ڪن محدود ايڪڙ ٻيڪڙ ڳالهين تي اختلاف رکندا هجن ۽ هو اصل مارا هجن ئي عوام جا! ٿي سگهي ٿو ته اهي وقت جي سرڪار سان وڙهيل ئي ان ڳالهه تان هجن ته ”تو اجا به ڪسر ڇڏي آهي. ڇڏ ته اسين عوام کي توکان به وڌيڪ ڦريون، ماريون ۽ برباد ڪريون!“ اوير پاڪستان (بنگله ديش) ۾ البدر ۽ الشمس واري جماعت سڳوري سرڪار جي مخالف پارٽيءَ جي حيثيت ۾ ڪم ڪندي هئي، سندس ماڻهو جيل ۾ پوندا ۽ ”قيد و بند ڪي صعوبتين“ سهندا هئا. مطلب ته هو باقاعدي ۽ سند يافته مظلوم ۽ مخالف پارٽي هئا. انهن ”مظلومن“ پوءِ جيڪي پال پلايا، تنهن جو دل ڏاريندڙ خوني داستان ڪنهن کان ڳجهو ڪونهي. ثابت ٿيو ته اهي قاصائي ايوب ۽ يحيىٰ جا مخالف هئا ئي ان ڳالهه ۾ ته ”اجا هنن کي هيئن جيئرو ڇو ڇڏيو اٿوَ؟ اجا پيا ڏسونِ!“ جڏهن هنن اها اجازت ڏني ته هڪدم سڀ هڪ ٿي ويا. ۽ جماعت جا ”قيد و بند ڪي صعوبتين“ برداشت ڪرڻ وارا مظلوم جمهوريت پسند سرڪاري جماعت جا آفيسر ۽ وزير بنجي اچي ماڻهن تان ڪڙڪيا. هٽلر ۽ سندس آدمخور ٽولو به باقاعدي ۽ مستند مخالف پارٽي هو، وقت جي سرڪار سان وڙهيو هو. مظلوم ٿيو هو، جيل ۾ پيو هو، ”قيد و بند ڪي صعوبتين“ برداشت ڪيائين. سرڪار سان جهيڙو اهو هو ته اجا به هيترا سارا عوام دوست ماڻهو جيئرا ڇو آهن؟ تان جو مظلوم ٿي، ڏک ڏسي، جيل ڀوڳي نيٺ سرڪار تي قبضو ڪري، پوءِ اچي اها آگ ۽ خون جي هولي شروع ڪيائين جنهن سڄي جرمني، سڄي يورپ ۽ سڄي دنيا جلائي هڪڙو

پيرو رک ڪري ڇڏي! تنهنڪري جيل ۾ پوڻ بہ چڱو، ڏک ڏسڻ بہ چڱا، پر سڀ ڪان پهرين اهو معلوم ڪرڻو پوندو تہ جيل ۾ ڪنهن لاءِ ويا، ڏک ڪهڙي سياست جي حمايت ۾ ڏنا ويا؟ ڇو تہ اسين ڏسون پيا تہ تڪليفون عوام جي ڀلي لاءِ ڏسي سگهجن ٿيون ۽ عوام کي اجا بہ وڌيڪ ڦرڻ، لٽڻ ۽ تباهہ ڪرڻ جي پهچ ۽ پوزيشن هٿ ڪرڻ لاءِ بہ ڏسي سگهجن ٿيون. تنهنڪري ڏسڻو پوندو تہ تڪليفون عوام جا ڦريل ٽپڙ، سندس ڪسيل رک موٽائڻ لاءِ ڏنيون ويون يا مورڳو سندس رهيل ٽپڙ بہ ڪٽڻ، سندس باقي بچيل رک بہ ڪڍي ونڻ لاءِ ڏنيون پيون وڃن!!

ساڳيو احوال رازداري، لڪ، روپوشي ۽ انڊرگرائونڊ وڃڻ ۽ يو ـ جي (UG) ٿيڻ سان بہ لاڳو ڪرڻو پوندو. لڪ، رازداري ۽ روپوشيءَ جي ضرورت محب وطنن کي بہ آهي ۽ عوام جي تاڪائو سياسي توڙي سني قسم جي ڌاڙيلن ۽ اناڙي گيرن کي بہ آهي. روپوشيءَ جي آڙ ۾ سنڌي عوام خلاف ڪوڙي پروپيگنڊا ڪرڻ، ڪين برغلائڻ، منجهائڻ، سنڌ دشمنن جي ڪوڙڪين ۾ قابو ڪرڻ، ڪين پنهنجن هڏ ڏوڪين خلاف زهريلي، ڪوڙي پروپيگنڊا جنگ لڙڻ جي کلي ڇٽي نٽي ڏيئي سگهجي. هي شايد دنيا جي انقلابي تاريخ ۾ پهريون مثال آهي جو اهي سنڌ دشمن ماٺهو چون ٿا تہ ”اسين انقلابي روپوش آهيون. روپوشيءَ جي مقدس جبي جي هيٺ قوم ۽ عوام خلاف ڪوڙي، زهريلي ۽ بي ايمانيءَ واري پروپيگنڊا ڪنداسين. پر اوهين ڪوبہ جواب نٽا ڏيئي سگهو ڇو تہ اسين باقاعدي پرده نشين آهيون!“

انقلاب ڪان اڳ لينن بہ روپوش هو، پليخانوف بہ روپوش هو، ٽراٽسڪي بہ روپوش هو، سوشلسٽ انقلابي بہ روپوش هئا، مينشويڪ بہ روپوش هئا، بالشويڪ بہ روپوش هئا، سڀ جيلن ۾ ويندا هئا، سڀ سائبيريا ۾ جلاوطن ٿيندا هئا، ڪيترا ڦاسين تي لٽڪندا هئا يا انتارين ۾ پساهہ پورا ڪندا هئا پاڻ ۾ نظرياتي بحث مباحثا سدائين ڪندا هئا. سائبيريا، لنڊن، جنيوا، برلن، پئرس، ماسڪو، پيٽروگراڊ جي وچ ۾ نظرياتي طوفان ۽ جوابي طوفان اٿندا هئا، هڪٻئي خلاف پئمفليٽ لکبا هئا، ڪتاب ڇپبا هئا، وچ وچ ۾ سياسي گارين بہ ملنديون هيون پر ڪنهن بہ اهو نخرو ڪونہ ڪيو تہ ”اسين پردي دار آهيون. اسان جو نالو ڪير بہ نہ وٺي!“

## قومي جدوجهد پس پيش طبقاتي جدوجهد ڇو ۽ ڪيئن ٿي ٿئي؟

قومي ٽڪر ۽ مقابلا پس پيش نيٺ وڃيو طبقاتي ٽڪر ۽ مقابلا ثابت ٿين ٿا. هڪڙيءَ قوم جو ٻيءَ قوم تي حملو حقيقت ۾ ڇا آهي؟ غور ڪري ڏسبو تہ ڇڙهائي

ڪندڙ قوم جي مختلف مخالف طبقن جا ڪجھ ماڻھو (سردار، وڏيرا، واپاري، دانشور ۽ هاري، مزور، ڪمي ڪاسبي طبقي جا سپاهي وغيره) عارضي طرح پنهنجا طبقاتي ٽڪر ۽ مقابلا، ٿڏا ۽ پاسيرا ڪري ٻيءَ قوم جي سمورن مختلف ۽ مخالف طبقن جي ماڻھن، گهَرن، ٻنين ۽ ملڪيتن تي حملو ڪن ٿا. حملي جا شڪار ٿيل مختلف ۽ مخالف طبقن جا ماڻھو بہ عارضي طور پنهنجا طبقاتي اختلاف، ٽڪر ۽ ويڙ وڙ ٿڏا يا پاسيرا ڪري دشمن سان مقابلو ڪن ٿا. جي حملو ڪندڙ ڪامياب ٿين ٿا تہ ڦرلٽ جي مال مان حملو ڪندڙ قوم جا سڀ فرد سندن پويان سڌو يا اڻ سڌو فائدو حاصل ڪن ٿا، چاهي اهي چڙهائيءَ ۾ شامل هجن يا گھر وينا هجن ۽ چاهي سندن نيت چا بہ هجي. (درحقيقت جيڪڏهن ڦورو ۽ ظالم قوم جو ڪو ماڻھو نہ بہ چاهي ۽ ڪوشش ڪري تہ مون کي مظلوم قوم جي ڦرلٽ جو حصو پتي نہ ملي تہ بہ هو ائين ڪري نٿو سگھي، ڇو تہ اها ڦرلٽ ايترا تہ سوين هزارين ظاهر ۽ ڳجها، پڌرا ۽ اڻ لڪا روپ وٺي چڪي ٿي ۽ ٻين ايترين تہ لڪين شين، ڳالهين ۽ نفعن نقصانن سان ڳنڍجي سڌجي، ملي هڪ ٿي وڃي ٿي، جو ان کي ٻين کان الڳ ڪرڻ، نروار ڪرڻ، سڃاڻڻ ۽ قبول نہ ڪرڻ، ناممڪن هوندو آهي).

پر جيتوڻيڪ ڦريل قوم کان ڪيل ڦرلٽ جي مال ۾، ڦريندڙ قوم جا سيني طبقن جا ماڻھو سڌي يا اڻ سڌي طرح حصيدار ٿين ٿا تڏهن بہ هر طبقي جي پتي هڪجيتري ڪانہ ٿي ٿئي. ڦرلٽ ڪندڙ ۽ غلام بنائيندڙ قوم جا مٿيان طبقا ڦرلٽ جي مال جو مکڻ مٿان ئي مٿان ڪايو وجن ۽ ٻيا طبقا خاص ڪري پورهيت طبقا وجيو جهنگر ۽ ڪٽيءَ لسيءَ جي لپ تي بيهن. ساڳيءَ ڦريل قوم جا ڦرجن سڀ طبقا ٿا پر هڪجهڙا ۽ هڪجيترا نہ. ڦريل قوم جا مٿيان ڦريل طبقا سڀ کان گھٽ نقصان سهن ٿا ۽ دشمن سان ٺهن بہ سڀ کان پهرين ٿا. هو جلد ئي دشمن جي آڻ مڃي ساڻس ملي، پنهنجي ڦريل قوم جي ڦرلٽ جي ڪم ۽ مال ۾ دشمن سان ننڍا حصيدار بنجي وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح هو عام طرح غلاميءَ جي حيثيت ۾ هوندي بہ عام قومي غلاميءَ جي دائري اندر رهندي بہ، وري بہ، وجيو پنهنجي قوم جا ڪنهن نہ ڪنهن ليول جا حاڪم رهن. اهڙيءَ ريت سندن حيثيت ۽ ڪردار بہ چاپڙو ۽ ابتڙ رهي ٿو. هو هڪ پاسي پنهنجي قوم جي ٻين طبقن جيان ڦريل، غلام ۽ مظلوم بہ هوندا آهن تہ ٻئي پاسي ساڳئي وقت ڦريندڙ قوم جي ڦورئن سان گڏ سندن گماشتي ۽ چوٽي پائيوار طور پنهنجي ڦريل قوم تي ظلم ڪندڙ ظالم بہ. پهرين حيثيت ۾ هو هڪڙي پاسي ڪن ڳالهين ۾ ڪنهن حد تائين پنهنجي قوم جي ٻين طبقن سان ٻڌي ڪري ڏارين سان ڪنهن نہ ڪنهن قسم جو مقابلو ڪرڻ جي

ڪوشش ڪن ٿا. تہ بہ حيثيت ۾، ڪن ڳالهين ۾ وري ڪنهن حد تائين ڌارين سان ٻڌي ڪري پنهنجن جا مارا ٿي رهن ٿا.

اهڙيءَ طرح قومي مقابلي ۾ ٽلهي ليکي برابر هڪڙي سڄي قوم ٻي سڄي قوم سان وڙهي ٿي ۽ ڏورو توڙي ڏريل هر قوم جا سمورا طبقا ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين ڪنهن نہ ڪنهن نموني ان قومي مقابلي ۾ حصو وٺن ٿا. پر بنيادي، فيصلو ڪندڙ توڙ تائين مرڻ جيئڻ جو مقابلو وري بہ طبقاتي ٿئي ٿو. جو تہ ڏکهي ۽ اينگهايل ويڙهہ ڪان پوءِ ڏريل قوم جي ڪجهہ ڪاميابين ڪان پوءِ ڏورو قوم جي ڪجهہ شڪست ڪان پوءِ، ڏورو قوم جا هينيان طبقا جن کي ڏرلٽ جي مال مان ڪو نالي ماتر حصو مليو ٿو ۽ ويڙهہ ۾ وڏ ۾ وڏ نقصان سهڻو پوي ٿو سي ۽ ڏريل قوم جا مٿيان مفت خور طبقا جن ڪان هونئن ڏرلٽ نالي ماتر ٿئي ٿي ۽ ويڙهہ ڪري ڪين گهٽو نقصان رسي ٿو سي اڪثر قومي ويڙهہ ۾ پنهنجي طبقاتي نفعي گهٽ هجڻ ڪري وڏيڪ ويڙهہ ۾ دلچسپي رکڻ ڇڏيو ڏين ۽ بي دليا ۽ بيزار ٿيو پون. هنن جا جيڪي پنهنجي قوم جي ٻين طبقن سان اندروني طبقاتي ٽڪر هوندا آهن، سي ٻي قوم سان قومي ويڙهہ شروع ٿيڻ جي شروعاتي دور ۾ هو ڪوشش ڪري مانا، ٿڌا ۽ پاسيرا ڪندا آهن. اڳتي هلي اهي طبقاتي ٽڪر، تضاد ۽ وير وڌيڪ مانا رهي نہ سگهندا آهن. تان جو ڪنهن منزل تي ڏورو قوم جا پورهيت طبقا پنهنجي ڏورو قوم سان ۽ ڏريل قوم جا مفت خور طبقا پنهنجي قوم سان دلي ۽ پرپور ساٿ ڏيڻ ڇڏيو ڏين. پوءِ انهن ٻن مخالف قومن جي وچ ۾ هلندڙ قومي ويڙهہ ظاهري طرح ۽ ٽلهي ليکي قومي ويڙهہ رهندي پر حقيقت ۾ اها وچي طبقاتي ويڙهہ بنجندي. يعني هڪڙي سڄي جي سڄي قوم جا سمورا طبقا هڪڙي طرف هجن ۽ ٻي سڄي جي سڄي قوم جا سمورا طبقا ٻي طرف هجن ۽ پاڻ ۾ وڙهن، ائين نہ رهندو. هاڻ اصل مقابلو وڃي هر قوم جي فقط ڪن طبقن جو ٻي قوم جي فقط ڪن طبقن جي وچ ۾ رهندو. يعني هڪڙي پاسي هوندا ڏريل قوم جا پورهيت طبقا ۽ سندن مددگار ۽ ٻئي پاسي هوندا ڏورو قوم جا مفت خور طبقا ۽ سندن مددگار. اهڙيءَ ريت اها قومي ويڙهہ پس پيش وڃي طبقاتي ويڙهہ بيهندي. ان جو روپ قومي هوندو پر اصل جوهر طبقاتي هوندس.

[”تحريڪ“، ڊسمبر 1976ع]

# سڀ ملڪ جو عوامي جمهوري اتحاد، ڇو قائم ٿيڻ کپي ۽ ڪيئن قائم ڪجي؟

ڪي اهڙا عام ۽ بنيادي فطري قانون به آهن جي سموري انساني سماج، سموري زندگي سموري ڪائنات تي حاوي آهن. هن دنيا کي صحيح نموني پروڙڻ ۽ ان ۾ صحيح هلت ڪرڻ لاءِ انهن قانونن کي سمجهڻ ضروري آهي. فطرت جي انهن قانونن جون ڪي ٿلهيون ڳالهيون هي آهن:

دنيا ۾ ڪابه شيءِ يڪي ۽ سڄي ساري ڪانهي. هر ڪا شيءِ ڪن ابتڙ ڳالهين جي ميلاپ مان ٺهيل آهي. ڪابه شيءِ قطعي يا آخري، سدائين هڪ هنڌ بيٺل ۽ سدائين ساڳي حالت ۾ ڪانهي. هر شيءِ سدائين ڪنهن نه ڪنهن قسم جي چرپر ۾ آهي. سدائين منجهس ڪا نه ڪا ڳجهي يا پڌري، ظاهر ظهور يا اڻ لکي ڦير گهير پئي ٿئي. ڪابه شيءِ ٻين کان صفا الڳ يا پنهنجي سر مڪمل ڪانهي. مختلف شيون پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن، ۽ هڪٻئي اندر پيهيل آهن. ڪابه شيءِ مڪمل طرح آرام ۾ ڪانهي. هر شيءِ اندر ابتڙ شيون پاڻ ۾ ويڙهه پيون ڪن. هر وقت هر هنڌ چرپر هجڻ، ڦير گهير ٿيندي رهڻ، ابتڙ شين جي پاڻ ۾ ملڻ، ٽڪرجڻ، انهن مان نين شين جي پيدا ٿيڻ، وري انهن شين جي وڌڻ، ويجهڻ ۽ پاڻ مان اجا به ٻين نين شين کي جنم ڏيڻ، پوڙهي ٿيڻ ۽ ڪنهن ڏينهن ختم ٿي وڃڻ جا اهي بيشمار ۽ اڻ کٽ سلسلا ازل کان جاري آهن ۽ ابد تائين جاري رهندا.

دنيا تي نظر ڦيرائي ڏسبو ته هر ڳالهه، هر لقاءُ، هر حقيقت ۽ هر شيءِ تي انهن قانونن جو راڄ نظر ايندو. ماڻهن جي دنيا ۾ ڪوبه ماڻهو، ڪوبه ڪٽنب، قبيلو يا قوم، ڪوبه طبقو، ڪوبه سماج، ڪابه تهذيب انهن قانونن جي اثر کان ڇٽل ڪانهي.

اسان عوام دوست سياسي ڪارڪنن کي پنهنجي سياسي ڪم ۾ انهن قانونن مان ڪجهه سکڻو آهي ۽ ڪي سبق پرائڻا آهن:

1 ـ اسان کي سمجهڻ گهرجي ته اسان جو سماج ۽ ملڪي ماحول به ٻي دنيا وانگر لازمي طرح سدائين چرپر ۾ آهي، ۽ هر وقت بدلجي ۽ وڌي ويجهي پيو. ان ۾ هڪڙي پاسي هر وقت ڪيتريون نيون شيون ۽ حقيقتون جنم پيون وٺن ۽ ٻئي پاسي ڪيتريون ٻيون شيون پراڻيون ۽ پوڙهيون ٿي ختم پيون ٿين. اسان کي پنهنجي سياسي سمجهه ۽

عقل ۾ ان چرپرين، ڦيرين گهيرين ۽ واڌارن کي هر وقت ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ۽ ضرورت پوڻ تي پنهنجي ڊگهي حڪمت عملي، ۽ عمل جي واٽ، پنهنجن اندازن، پاليسين، پروگرامن ڪم جي طريقن ۽ اٽڪلن ۾ به، گهربل چستائيءَ ۽ تيزيءَ سان گهربل سڌارا، واڌارا ۽ ڦيريون گهيريون آڻيندو رهڻ کپي. نه ته اسان جو سماج ۽ اسان جو ماحول اسان جي اکين اڳيان بدلجي ۽ ڦري گهري اڳتي نڪري ويندو ۽ اسين ڪارڪن پويان پنهنجي مٿن تي مدي خارج اندازن ۽ اسڪيمن ۽ پاروٽن پروگرامن ۽ پاليسين جون پريون لڏيو، هاءِ هاءِ ڪندا، رڙندا، پاڪاريندا يا گاريون ڏيندا ۽ وقلندا رهجي ويندا سون.

2 ـ اسان جو سماج هڪڙي پاسي يڪو هڪڙو ۽ سچو سارو به آهي ته ان ۾ هڪبئي سان نه نهندڙ ۽ ابتڙ جزا يعني ڦورو ۽ ڦريل، حاڪم ۽ محڪوم، ظالم ۽ مظلوم مخالف طبقا به آهن. جن ۾ ميلاپ به آهي ته ساڳئي وقت سندن ۾ سدائين ويڙهه به پئي هلي.

3 ـ اسان جي وطن دوست جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند ماڻهن جي وچ ۾ هڪڙي پاسي پاڻ ۾ ڪيتريون هڪجهڙايون ۽ ساڳيا مفاد آهن انهيءَ جي ڪري اسين پاڻ ۾ هڪڙي يڪي شيءِ به آهيون ته ٻئي طرف اسان ۾ گهٽا فرق ۽ مفادن جا ٽڪر به آهن. ساڳيءَ طرح جيڪي ماڻهو اسان جا مخالف آهن انهن ۾ به هڪجهڙاين ۽ همخيالن سان گڏ ڪيترا فرق، اختلاف ۽ ٽڪر به آهن. اسان کي پنهنجي پاليسي ٺاهڻ وقت پنهنجي صفن اندر توڙي پنهنجي مخالفن اندر هڪجهڙاين سان گڏ اختلافن، ٽڪرن ۽ تضادن کي به پوري طرح ڌيان ۾ رکڻ گهرجي.

4 ـ اسين ۽ اسان جا مخالف سدائين هڪ هنڌ بيٺل ۽ ساڳيءَ حالت ۾ نٿا رهون. اسان جي توڙي هنن جي مفادن، موقعن، روين، ويڙهه جي حالتن ۽ طريقن ۾ هر وقت ڦيريون گهيريون ۽ واڌارا پيا ٿين.

انهن ڳالهين کان سواءِ اسان کي پنهنجي حڪمت عملي، واٽ ۽ پاليسي طئي ڪرڻ وقت هيٺيون ڳالهيون به ڌيان ۾ رکڻ گهرجن:

(1) اسين هن ملڪ جي مختلف صوبن ۾ رهندڙ ۽ مختلف ٽولن ۾ ورهايل ماڻهو جيڪي وطن دوستيءَ، جمهوريت پسنديءَ ۽ ترقي پسنديءَ جا دعويدار آهيون سي سڀ هڪڙيءَ پارٽيءَ ۾ نه آهيون ۽ اسان جا پروگرام ۽ پاليسيون ساڳيا نه آهن. گذريل ٽيهن سالن جي جدوجهد جي تجربي مان اها ڳالهه بلڪل چٽيءَ طرح ثابت ٿي ويئي آهي ته انفرادي طور اسان مان ڪوبه گروهه يا تنظيم ان پوزيشن ۾ نه آهي جو اسان جي سموري

عوام کي سجاڳ ۽ منظم ڪري سندن اڳواٽي ڪري، سندن هٿان سندن دشمن کي شڪست ڏياري، عوام جا مطلب حاصل ڪرائي سگهون.

(2) انهن سببن جي ڪري جيڪڏهن اسان کي فتح حاصل ڪرڻي آهي ته پوءِ اسان کي پنهنجي پنهنجي اڪيلي ٽولي جي قوت کان سواءِ ٻي به ڳچ طاقت هٿ ڪرڻي پوندي. ٻي حالت ۾ اسين پاڻ کي جڻ رڳو ثواب خاطر وطن دوست جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند سمجهيو ۽ سڏايو ويٺا هونداسين. باقي جنهن مقصد لاءِ اسان جدوجهد کي شروع ڪيو آهي تنهن جي حاصل ٿيڻ جو امڪان خير ڪو هوندو.

(3) اها واڌو طاقت اسان کي ٻن طريقن سان هٿ اچي سگهي ٿي. پهريون ته اسين پنهنجي پنهنجي گروهن ۽ تنظيم جون ڪوششون تيز ڪريون ۽ گهڻن کان گهڻن ماڻهن جي تائيد ۽ مدد حاصل ڪريون، ٻيو ته اسين پنهنجا اتحادي پيدا ڪريون.

(4) اسان وطن دوست ترقي پسند جمهوريت دوست ماڻهن جا مکيه مطالبا ٽن قسمن جا آهن. اسين سڀ ڊڪٽيٽرشپ ۽ فاشزم بدران جمهوري حق، جمهوري آزاديون ۽ حڪومت جو جمهوري طريقو گهرون ٿا. اسان مان ڪي قومي ناانصافين، نابرابرين، ڦرلٽ ۽ ظلم جو خاتمو گهرن ٿا. ڪي ڪي وڏيرا شاهي، سرمائيداري هٿان عوام جي خلاف طبقاتي ڦرلٽ ۽ ظلم جو خاتمو گهرن ٿا. پر اسان مان فقط ڪي ٿورا اهڙا آهن (جهڙوڪ: سنڌي عوامي تحريڪ) جي انهن ٽنهي مسئلن جي اهميت ڀرپور نموني سمجهن ۽ تسليم ڪن ٿا. اسان مان ڪي انهن ٽن مسئلن مان ڪنهن نه ڪنهن مسئلي کي مسئلو ئي نٿا سمجهن. ڪي طبقاتي مسئلي کي ڇڏي جمهوري ۽ قومي مسئلي جي اهميت سمجهن ٿا (جهڙوڪ: ڪي سنڌي، بلوچ ۽ پشتون وطن دوست) ۽ ڪي وري قومي مسئلي کي ڇڏي فقط جمهوري ۽ طبقاتي جدوجهد کي اصل مسئلو سمجهن ٿا (جهڙوڪ: ڪي مهاجر پنجابي ڪابي ڏر وارا) اهو ئي سبب آهي جو اسين موجوده ڦورو ۽ ظالم سماجي نظام جا سمورا مخالف پاڻ ۾ سورهن آنا متفق نه آهيون ۽ هيستائين ڪنهن هڪڙي سياسي پارٽي جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿي نه سگهيا آهيون.

سڄي ملڪ جي عوام جي ضرورت اها آهي ته انهن ٽنهي اهم مورچن تي ڀرپور جدوجهد ٿئي. عوام دشمن ٽنهي مورچن تي گهيري ۾ اچن ۽ کين اهو موقعو نه ملي جو هو ڪنهن هڪڙي مورچي تي پنهنجون رجعت پرست قوتون ڪٺيون ڪري ان کي هڪ ڌڪ سان ناس ڪري سگهن.

درحقيقت خود اهي ٽولا جي انهن مان فقط ڪنهن خاص هڪڙي ٻن مورچن جي اهميت سمجهن ٿا ۽ ٿئي جي ٿا سمجهن تن جي نقطه نظر کان ٻه اها ڳالهه فائدي واري آهي ته ٿنهي مورچن تي ويڙهه ٿئي.

مثلاً: ڪراچي ۽ پنجاب جا ڪي ڪاٻي ڌر وارا مزور هاري طبقاتي مسئلي کي اهميت ڏين ٿا. البت هو قومي مسئلي کي اهڙو اهم نٿا سمجهن. پر ڪين اها ڳالهه آساني سان سمجهه ۾ اچڻ کپي ته جيڪڏهن سندن دشمن پنجابي مهاجر حاڪم طبقن ۽ سندن دلال سنڌي، بلوچ ۽ پشتون وڏيرن، سردارن ۽ خانن سان سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد ۾ قومي برابريءَ لاءِ ويڙهه هلندڙ هوندي ۽ هو ويڙهه ۾ رڌل هوندا ته هو ڪراچي ۽ پنجاب ۾ مزورن ۽ هارين سان ايتري آڪڙ سان هلي نه سگهندا. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن سموري ملڪ ۾ مزور هاري طبقاتي جدوجهد زور هوندي ۽ حاڪم طبقن جا حواس ان ڪري خطا هوندا ته هو سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي مظلوم ماڻهن سان اهڙي بي حيائي واري تيس مار خاني ڪري نه سگهندا.

ساڳي طرح ملڪ م جمهوري جدوجهد هلندڙ هوندي ته ٻه عوام جو پاسو حاڪم طبقن کان ڳرو ٿي ويندو.

ان ڪري ٿيڻ ته ائين گهرجي ته اسين سڄي ملڪ جا سڀ عوام ٽنهي جدوجهدن کي پنهنجي جدوجهد سمجهون ۽ انهن ۾ سرجوشي سان حصو وٺون. پر جي ائين نه ڪري سگهون ته ٻه اسان کي ايترو ضرور سمجهڻ گهرجي ته انهن مان هر جدوجهد اسان جي دلپسند جدوجهد کي هٿي ڏئي ٿي ۽ اسان تان دشمن جو دٻاءُ گهٽائي ٿي ۽ دشمن تي دٻاءُ وڌائي ٿي. ان ڪري هر سچي جمهوريت پسند، هر سچي محب وطن هر سچي ترقي پسند جو فرض آهي ته هو انهن ٽنهي جدوجهدن کي ملائي هڪ ڪري ۽ ٽه طرفي لڙائي ڪري. ٻي حالت ۾ ٻه اها وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪجي ته انهن ٽنهي جدوجهدن ۾ لڙندڙ عوام جا سمورا ٽولا پاڻ ۾ ٻڌي ڪري هڪٻئي سان ٻانهن ٻيلي ٿين. جنهن حد تائين ائين نه ٿي سگهي تنهن حد تائين ٻه ڪوشش اها ٿيڻ کپي ته گهٽ ۾ گهٽ ايترو ضرور ٿئي ته سڄي ملڪ جي سيني علائقن جا سمورا جمهوريت پسند پاڻ ۾ متحد ٿين، سمورا وطن دوست پاڻ ۾ متحد ٿين ۽ سمورا ترقي پسند پاڻ ۾ متحد ٿين.

موجوده حالتن ۾ اسان ننڍن صوبن جي ماڻهن جي سياسي قوت حاڪم طبقن ۽ سندن دلالن جي گڏيل قوت جي ڀيٽ ۾ ايتري مختصر آهي جو اسان لاءِ اهي ٽيئي جدوجهدون اشد ضروري آهن ۽ انهن ٽنهين مورچن تي لڙندڙ قوتن جو پاڻ ۾ اتحاد ٻه اسان لاءِ ايترو ئي ضروري آهي.

ان ڪري عوام دوست قوتن ۾ گهٽي ۾ گهٽ اتحاد ڪيئن ٿئي ۽ سندن وچ ۾ موجوده تضاد ڪيئن حل يا مانا ٿين سو سوال اسان ماڻهن لاءِ حياتي ۽ موت جو سوال آهي.

بدقسمتيءَ سان في الحال انهيءَ ڳالهه جو تمام گهٽ امڪان آهي تہ ڪو سچي ملڪ جا ماڻهو ۽ عوام دوست سياسي ڪارڪن انهي تنهين اهم مسئلن بابت پاڻ ۾ متفق ٿي هينئر ڪان ئي ڪا زبردست گڏيل جدوجهد شروع ڪندا. ان منزل تي پهچڻ لاءِ وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوندي ۽ ان ۾ ڪافي وقت گهرجي. ان ڪري اسان ڪي وڌ ۾ وڌ تائيد حاصل ڪرڻ ۽ اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ هڪ يڪي وڏي ملڪ گير اتحاد لاءِ ڪوشش ڪرڻ سان گڏوگڏ وڏي هنرمنديءَ، ڏاهپ ۽ ڪاريگري سان مختلف مورچن تي مختلف ڌرين سان الڳ الڳ ننڍيون ننڍيون ٻڌيون قائم ڪرڻيون پونديون. مثال طور سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جا ڪي وطن دوست ماڻهو طبقاتي جدوجهد جي ضرورت متعلق متفق نہ آهن تہ اسان ڪي طبقاتي جدوجهد جي سوال ڪي في الحال پاسيرو رکي ساڻن فقط قومي سوال بابت ٻڌي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پاسيري رکڻ مان اسان جي مراد اها نہ هئڻ گهرجي تہ اسان مورڳو طبقاتي جدوجهد جنهن ڪي اسين پنهنجي عوام جي جدوجهد جي ڪاميابيءَ لاءِ بلڪل لازمي ۽ ضروري سمجهون ٿا؛ ان تان ئي دستبردار ٿي وڃون. نہ، اسان ڪي ائين هرگز نہ ڪرڻ کپي. اسان ڪي صاف گوئي ۽ سچائي سان اهڙن دوستن ڪي چوڻ گهرجي تہ ”اسان جو ۽ توهان جو طبقاتي جدوجهد بابت موقف الڳ ۽ ابتڙ آهي. پر ان ڪري پاڻ پاڻ ۾ وڙهنداسون ڪونہ ۽ قومي سوال جنهن تي پاڻ متفق آهيون تنهن تي ٻڌي ڪرڻ کان ڪونہ روڪباسون. طبقاتي سوال بابت توهان بہ ڀلي پنهنجي موقف تي قائم رهو. اسين توهان ڪي ميار نہ ڏينداسين. اسين بہ هن معاملي ۾ پنهنجي موقف تي قائم رهنداسون ۽ طبقاتي جدوجهد جي اڳي وانگر حمايت ڪندا رهنداسين، اوهان ڪي بہ ان تي رنج نہ ٿيڻ کپي.“ ساڳي طرح سنڌ جي ڪراچي شهر ۽ پنجاب جي ڪابي ڌر وارن مان جيڪڏهن ڪي جمهوري ۽ طبقاتي مسئلن سان گڏ قومي مسئلي ڪي بہ چڱيءَ طرح سمجهن ٿا ۽ سچيءَ دل سان ان جدوجهد ۾ شريڪ ٿين ٿا تہ اسان ڪي سيني مورچن تي ساڻن ويجهي، گهري ۽ وسيع ٻڌي قائم ڪرڻ کپي. پر جي ڪي اهڙا آهن جي قومي مسئلي تي اسان سان مور متفق نہ آهن تہ پوءِ بہ اسان ڪي ساڻن ٻڌي ڪرڻ گهرجي. پر اها فقط طبقاتي ۽ جمهوري جدوجهد ۾ ٻڌي هوندي. قومي مسئلي بابت اسان ڪي پنهنجي موقف تي مضبوطيءَ سان قائم رهڻ گهرجي. سندن موقف جنهن ڪي اسين صحيح نہ سمجهندا هونداسين ان تي اسان ڪي

دوستاڻي تنقيد ڪندو رهڻ گهرجي. ۽ اها ڪوشش ڪندو رهڻ ڪپي ته هنن جو موقف انهي مسئلي تي آهستي آهستي ۽ درجي به درجي درست ٿئي. ساڳي طرح جيڪڏهن هنن اسان تي دوستاڻي تنقيد ڪئي ۽ اسان جي ڪن غلطين جي اپٽار ڪئي ته اسان کي انهيءَ تي ارهي ٿيڻ بجاءِ سندن ٿورائتو ٿيڻ ڪپي. انهي سلسلي ۾ اسان کي "ساڳي وقت ٻڌي ۽ مناسب ۽ واجبي تنقيد" جي اصول تي عمل ڪرڻ ڪپي.

عوام دشمن حاڪم طبقا جيڪي ظاهري طرح يڪي جا يڪا عوام جي سر جا ويري آهن انهن جي مفادن ۾ به ڪئين فرق، اختلاف ۽ ٽڪر آهن ۽ سندن اسان سان دشمني جي سطح ساڳي ڪونهي. انهيءَ ۾ ڪئين هيٺ مٿاهيون آهن. مثال طور حاڪم طبقا طبقاتي جدوجهد جي باري ۾ عوام جا ڪٽر مخالف آهن پر انهن مان ڪيترا فرد ۽ ٽولا جمهوري جدوجهد ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار آهن. تنهن ڪان سواءِ ننڍين قومن جي حاڪم طبقن مان ڪيترا وڏيرا، سردار ۽ خان قومي جدوجهد ۾ شريڪ هوندا آهن يا شريڪ ٿيڻ لاءِ تيار هوندا آهن. اسان کي انهن گهٽ وڌاين کي ڌيان ۾ رکي حاڪم طبقي جي اهڙن جمهوري ۽ قومي لاڙا رکندڙ ماڻهن ۽ ٽولن سان ٻڌي ۽ تنقيد جي اصول تي ٻڌي ڪرڻ ڪپي. ساڳي طرح اسان کي حاڪم طبقي جي پارٽين جي اڳواڻن ۽ انهن ۾ ڪم ڪندڙ ڪارڪنن ۽ پوئلڳي ڪندڙ عوام جي موقفن ۽ مقصدن ۾ جيڪي فرق آهن انهن کي ڌيان ۾ رکي رجعت پرست ليڊرشپ جي مخالفت ڪرڻ واري ڳالهه تي قائم رهندي عوامي لاڙا رکندڙ ڪارڪنن ۽ پوئلڳي ڪندڙ عوام سان ٻڌي ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ ڪپي ۽ ڪين پنهنجي ڪچي يا پڪي اتحاديءَ طور وڌ ڪان وڌ پنهنجي طرف ڪرڻ جي جدوجهد ڪرڻ گهرجي. ساڳي طرح سان جن ماڻهن جو عوام ۽ سندن مسئلن ڏانهن موقف ڪلهه هڪڙو هو ۽ اڄ ٻيو آهي انهن جي موقف ۾ انهي فرق کي به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن اڄ ڪنهن جو موقف ڪلهوڪي عوام دشمن موقف کان بهتر آهي ته ان ڏانهن مٿي ذڪر ڪيل اصولن موجب اتحاد ۽ ٻڌي جو هٿ وڌائڻ ۾ نه رڳو عيب ڪونهي پر اهو عوام جي وسيع مفادن لاءِ لازم به آهي. تنهن ڪان سواءِ ڪي ماڻهو ٿي سگهي ٿو ته عوام جي فائدي وارين هڪڙين ڳالهين جي مخالفت ڪن ۽ ٻين ڳالهين ۾ عوام جي حمايت ڪن. ان حالت ۾ سندن يڪي مخالفت ڪرڻ بدران سندن ٻين ابتڙ موقفن ۾ جيڪو فرق آهي سو ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ۽ مخالفت جي بدلي ۾ مخالفت ۽ حمايت جي بدلي ۾ ساڻن ٻڌي ڪرڻ ڪپي. ڪي ماڻهو ٻين سان گڏجي عوام جي سخت مخالفت ڪندا هجن پر جيڪڏهن هو عوام جي مخالفت ڪندي ڪن ڳالهين ۾ منجهيل، مڏا، ٻڏتر ۾ هجن ته پوءِ اهڙن ٻڏتر ۾ پيل ماڻهن ۽ عوام جي ڇتن

مخالفن جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي ان کي ڌيان ۾ رکڻ کپي. ڪوشش ڪرڻ کپي تہ هو يا تہ عوام جي مخالفت کان صفا باز اچن يا گهٽ ۾ گهٽ ان ۾ تتا ۽ مڏا رهن.

انهن سيني ڳالهين کان سواءِ اسان کي هڪڙي ڳالهہ بہ سدائين ڌيان ۾ رکڻ کپي تہ جيڪي ماڻهو ڪلهہ عوام جا مخالف هئا ۽ اڄ بہ آهن سي ممڪن آهي تہ سياڻي ساڳيا اڄا بہ وڌيڪ چتا مخالف رهن. پر اهو بہ ممڪن آهي تہ هو عوام جي مخالفت ۾ سياڻي ايڏا سرگرم نہ رهن يا مورڳو عوام جي مخالفت ترڪ ڪري ان جا حامي بنجي وڃن. ساڳيءَ طرح ڪلهوڪا ۽ اڄوڪا عوام دوست بہ ممڪن آهي تہ سياڻي عوام جا دشمن بنجي وڃن. بلڪ ممڪن آهي تہ خود اسين بہ غلط لاڙن جو شڪار ٿي سياڻي ڪنهن عوام دشمن سوچ، موقف ۽ هلت جي اوڙاهہ ۾ ڪري پئون. ان ڪري اسان کي پنهنجي پنهنجي اتحادين جي توڙي مخالفن جي موقفن ۽ هلت چلت تي هر وقت نگاهہ ڪرڻ گهرجي ۽ ان ۾ جيڪي بہ ڦيريون گهيريون اچن انهن کي ڌيان ۾ رکي پنهنجي سوچ، پاليسي ۽ عمل ۾ گهربل تيزيءَ سان گهربل ڦيريون گهيريون، سڌارا ۽ وڌارا ڪرڻ کپن. بي حالت ۾ اسين وائڙا ۽ بتال ٿي ويندا سون.

## آل پاڪستان سياست کان بيزاريءَ جا سبب

آل پاڪستان پارٽين جي باري ۾ اسان کي جيڪو هيستائين تجربو ٿيو آهي ان جي احوال مان اسان کي خبر پوي ٿي تہ مسلم ليگ هجي يا نعپ يا پي پي ڪا آل پاڪستان پارٽي، آل پاڪستان پارٽين مان اسان کي فائدو گهٽ ۽ نقصان تمام گهڻو پهتو آهي. ان ڪري ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ 'اسان کي ڪنهن بہ قسم جي آل پاڪستان سياست مان ڪوبہ فائدو رسڻو ئي ناهي. اسان کي ان جي ويجهو ئي نہ وڃڻ گهرجي اسان کي فقط سنڌ جي سياست ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجا تنظيمي لاڳاپا ۽ ڳنڍيون بہ فقط سنڌ تائين محدود رکڻ گهرجن.'

ان باري ۾ هيٺيون ڳالهيون ذهن ۾ رکڻ گهرجن:

1 ـ جن ڏينهن ۾ اسان جا سياسي ماڻهو پهرين پهرين انهن آل پاڪستان پارٽين ۾ شامل ٿيا تن ڏينهن ۾ اسان سنڌي ماڻهن جي سياسي ڄاڻ، سمجهہ ۽ تجربي جي سطح اها نہ هئي جيڪا اڄ آهي. اڳ اها تمام شروعاتي ڏاڪي تي هئي.

2 ـ اڪثر حالتن ۾ اسان جا ماڻهو جڏهن انهن پارٽين ۾ شامل ٿيا هئا تڏهن وٽن پنهنجو تنظيمي تڏو خيرڪو هو. اسان سياسي طرح جڻ تہ تن ڪپڙن ۾ گهران ٿي

نڪتاسين ۽ پنهنجو سڄو لڏو انهن جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنوسين. پس پيش پنهنجي بچت رکڻ لاءِ ۽ لٽي پٽي عزت سان پوئتي موٽڻ لاءِ ڪو گس ۽ ڪا واٽ اڳوات رٽي، هٿ ڪري ڪانهَ تي ڇڏيسون.

3 ـ ان وقت سنڌي سياست مڪمل طرح زميندار طبقي جي هٿ ۾ هئي. عام سنڌي ماڻهن ۽ ڪارڪنن کي سياسي فيصلن ۾ ڪوبہ واسطو رکڻ ڪونہ ڏنو ويندو هو. ان ڪري ان سياست جو سڄو دارومدار ڪنهن هڪ اڌ زميندار سياستدان جي عقل تي هو ۽ نہ عوام جي گڏيل عقل ۽ ڏاهپ تي.

## انقلاب جا رجعت پرست ٺيڪيدار

4 ـ ان وقت تائين سڄي دنيا جي عوام جيڪو قومي جدوجهد توڙي طبقاتي جدوجهد جو تجربو گڏ ڪيو هو ۽ ان جي آڌار تي جيڪو عالمي نظريو نهيو هو سو سنئون سڌو اسان جي ماڻهن تائين پهتل ڪين هو. ان زماني ۾ انهي عالمي تجربي ۽ انقلابي نظريہ جي سمجهاڻي ڏيڻ ۽ ان جي تشريح ڪرڻ جو ٺيڪو ڪن ٻاهرين ڪٽر نسل پرست، تعصبي، تنگ نظر، ۽ رجعت پرست ٽولن جي هٿ ۾ هو، اهي ٽولا ظاهري طرح تہ پاڻ کي ڪابي ڌر جا عوام دوست ۽ ترقي پسند ٽولا ظاهر ڪندا هئا پر حقيقت ۾ هو بنيادي طرح ساڄي ڌر جي عوام دشمن ۽ رجعت پرست ذهنيت رکندڙ هئا. سندن ذهني پرورش هتان هزارين ڪوهہ پري مغل سامراج جي مرڪز ۾ هڪڙي اهڙي ڪٽر عوام دشمن ۽ رجعت پرست جاگيرداري ثقافتي، سياسي ۽ سماجي ماحول ۾ ٿي هئي، جنهن جي نس نس ۾ اڻ ورهايل هندستان جي ستايل مظلوم قومن لاءِ ٻهراڙي، جي ماڻهن لاءِ ۽ هارين پورهيتن لاءِ دلي ڌڪار، نفرت ۽ دشمني سمايل هئي، جو تہ هنن جي گذران ۽ سماجي وجود جو مدار ئي انهن مظلومن کي ڦرڻ لٽڻ، ڪين ڪچلڻ ۽ غلام ڪري رکڻ تي هو. انهيءَ سامراج پرست عوام دشمنن ۽ رجعت پرست مرڪزي جاگيردار طبقي ۽ ان جي حواري وچين طبقي جا سياسي ۽ سماجي قدر بہ هندستان جي سمورين قومن جي ماڻهن جي ابتڙ هئا. هندستان جون سموريون مظلوم قومون دهلي جي سامراجي مرڪز ۽ ان جي جابر شهنشاهن، سندن ڇاڙتي جاگيردار طبقي ۽ سندن ڦورو، ظالم ۽ ڊڪٽيٽري مرڪزي راڄ کي پنهنجو جاني دشمن سمجهنديون هيون. اڻ ورهايل هندستان جي ماڻهن جي سڄي تاريخ هنن ڦورن، ظالمن ۽ جابرن سان حياتي موت جي مقابلن سان ٽمٽار آهي. پر جاگيردار ٽولي جا حواري جن مان متيان ٽولا پيدا ٿيا آهن سي انهن مرڪزي ڦورن، ظالمن ۽ جابرن کي پنهنجو ڪعبو قبلو ڪري ليکيندا هئا ۽

آهن. اڻ ورهايل هندستان جا عام ماڻهو چاپلوسي، جي حضوري، سازش، فتني انگيزي، مڪر، ٻهروپ، دوکي وغيره کي ذليل ۽ ڪريل ڳالهيون ڪري ليکيندا هئا ۽ آهن پر مٿين، مرڪزي جاگيردار طبقي جا اڳيان توڙي هاڻوڪا ساجي توڙي کاٻي ڌر وارا پوئلڳ اهي ڳالهيون وڏي قابليت ۽ فخر جون ڳالهيون ڪري ليکيندا هئا ۽ آهن. پاڪستان جي اصلوڪن سنوَن سڌن ماڻهن کي سماجي ۽ سياسي قدرن جي انهيءَ بنيادي تضاد جي خبر ئي ڪانه هئي. ان ڪري هو سيني سان پنهنجن اصلوڪن اعليٰ سماجي ۽ سياسي قدرن موجب هلت ڪندا رهيا ۽ موٽ ۾ هنن کان به اهڙي شريفاڻي هلت جي اميد رکندا رهيا. هو سوچي به نٿي سگهيا ته ڪي ههڙا ظاهري طرح مهذب ۽ ڏسڻا وائسڻا ماڻهو به ڪي ههڙيون سوچون رکندا هوندا ۽ ههڙا ڏنڌا به ڪندا هوندا.

## منافق، ٻهروپي ۽ دل پليت سياست

5 ـ هتي جا سڌا سادا ماڻهو ههڙي زبان جي مٺي ۽ اندر جي ڪاري ۽ دل پليت، سماجي هلت چلت ۽ ههڙي منافقي ۽ ٻهروپي سياست سان مقابلي ڪرڻ جو ڪو به سياسي تجربو رکندڙ نه هئا. دل ۾ هڪڙي ڌارڻ ۽ ٻاهران ٻي ڪرڻ، خوشامد، چاپلوسيءَ ۽ جي حضوريءَ سان اڳلي جو دماغ خراب ڪري وائڙو ۽ بتال ڪري، پوءِ سندس ترا ڪڍي ڇڏڻ؛ تيليءَ مان تنبو ۽ ڳالهه مان ڳالهوڙو بنائڻ؛ رات کي ڏينهن ۽ ڏينهن کي رات چوڻ ۽ زور ڪري مڃارائڻ؛ ڪوڙي ۽ زهريلي پروپيگنڊا بازيءَ کي هڪڙو قومي فرض ليکي، هڪڙي پيشي يا ڌنڌي طور بلڪ هڪڙي اعليٰ ۽ عزت واري فن طور هلائڻ، اندر ۾ ساڙ، ڪينو، بغض ۽ حسد سانڍيو؛ ٻهران مِٺ مِٺ ڪري، اڳلي کي ويساهي اوچتا ڏک هڻڻ؛ مظلومن مان چاڙتا پرتي ڪري انهن کي باقائدي تربيت ڏيئي ڪين ٻهروپ سيڪاري ڪانئڻ پنهنجي عوام ۽ وطن خلاف غداريون ڪرائڻ، ڪين ويس بدلرائي مسڪين مظلوم سڌن سادن ماڻهن جي تنظيمن ۾ گهيڙڻ ۽ سندن هٿان انهن تنظيمن ۾ ڦوٽون ۽ تفرقا وجهائڻ ۽ ڪين ويڙهائڻ؛ مخالف تنظيمن اندر چمڙاپوش ڪرائي لڪائي ويهاريل چاڙتن هٿان ساڳي قوم جي مختلف وطن دوست ماڻهن ۽ تنظيمن جي وچ ۾ ڦوٽيون ۽ تفرقا وجهائڻ، مختلف مظلوم صوبن جي وطن دوست ماڻهن ۽ تنظيمن جي وچ ۾ ۽ پاڪستان جي سمورن صوبن جي مظلوم عوام جي وچ ۾ جيڪي حقيقي اختلاف موجود آهن تن کي وڌائي وڌ ڪري سندن وچ ۾ اجان به بيا نوان تضاد ۽ دشمنيون پيدا ڪري منجهن ڏڦيڙ وجهڻ ۽ ڪين هڪٻئي جي نالي کان بر ڪرڻ، هڪڙي اهڙي خاص منافق ۽ مڪار پروپيگنڊا فوج تيار ڪرڻ جنهن جا ماڻهو عوام جي اکين ۾

ڏوڙ وجهڻ لاءِ پنهنجي آقائن ۽ سندن چاڙتن کي گاريون ڏيئي پاڻ کي غيرجانبدار ثابت ڪري، پوءِ پنهنجي آقائن جي حڪم موجب هٿ ڌوئي تن جي پويان پون جن کي سندن آقا تباهه ڪرڻ گهرندا هجن، سندن آقائن جو مڪر ڪري پنهنجن چاڙتن کي پنهنجو ماڻهو ئي تسليم نه ڪرڻ، ٻنهين ڌرين جي هڪٻئي کان صفا لاتعلقي ظاهر ڪرڻ ۽ هڪٻئي جي گلا ڪرڻ؛ اتحاد جي بهاني اڳلي کي گلي لڳائي، ڏاڍا ٻڪ وجهي، سندن هڏ گڏ پيجي چڏڻ، اڳلي سان دوکو ڪري وري اٿلو مٿس اکيون ڦوٽاري ڪيس ئي مياري ڪرڻ، ڪنهن ڌر کي هٿ سان تباهه ڪري وري وٽس ۽ سندس همدردن وٽ وڃي سدائين همدرديءَ جا ڳوڙها ڳاڙيندو رهڻ؛ اهي ۽ اهڙا ٻيا انيڪ خوفناڪ سياسي ۽ سماجي هٿيار جڏهن هتي جي ماڻهن خلاف استعمال ٿيا تڏهن هتي جا سنوان سڌا، سادا سودا ماڻهو جن هزار سالن جي سامراجي سياست جي ناهيل انهن قاتل هٿيارن کان پاڻ بچائڻ جي ويجهڙائي ۾ ڪا به تربيت ڪانه ورتي هئي، سي انهن هٿيارن جي سٽ جهلي نه سگهيا ۽ چڻ هڪ ڌڪ سان ختم ٿي ويا. آل پاڪستان پارٽيون انهن ٽولن ۽ سندن جاگيردار سرمائيدار جوڙيوالن ۽ سندن حوارين جي هٿن جون باز بنجي ويون.

## نئين سوچ جي اوسر

6 ـ پاڪستان ۾ هاڻ طبقاتي طاقت جي توازن ۽ سياسي سوچ ۾ ڪافي تبديلي آئي آهي. اڳي ڦورو ۽ ظالم حاڪم طبقا ۽ قومي گروهه علي الاعلان عوام دشمن ڳالهيون ڪري، دڙڪا داٻ ۽ دهشتون جمائي، ڪلم ڪلا غنڊاگردي ذريعي ملڪ تي راڄ ڪري سگهندا هئا. هاڻ جڏهن ان اگهاڙي پاليسي جي ڪري ملڪ جو وڏو اڌ حصو ڪسجي ويو آهي ۽ باقي بچيل اڌ ۾ به حالتون نازڪ ٿي ويون آهن تڏهن حاڪم طبقن چڱيءَ طرح محسوس ڪيو آهي ته سواءِ عوام مان ڪي اثرائتا طبقا، ٽولا ۽ ڌريون چني پنهنجي پاسي ڪرڻ ۽ عوام سان هيناهين ونڻ جي، اڳ جيان رڳو ڏنڊي جي زور تي حڪومت هلائي نه سگهنداسون. ٻئي طرف اڳ جيڪو ڪن ماڻهن جو اهو خيال هو ته هڪ صوبي جا ماڻهو مڙس ماڻهو ٿي ڏنڊو ڪڻندا ته هڪدم پنهنجا حق تڙي ڪڙي وٺي ويندا ۽ ڪين ٻئي ڪنهن سان اتحاد ڪرڻ جو لاچار ئي ڪونه پوندو، سا ڳالهه موجوده حالتن ۾، عوام جي سجاڳيءَ جي موجوده سطح جي مدنظر، صحيح ثابت نه ٿي آهي. ننڍن صوبن جا جيڪي ماڻهو روزمره جي عملي سياست ۾ سرگرم آهن تن مان گهڻو ڪري سيني ليڊرن ۽ ڪارڪنن چڱيءَ طرح محسوس ڪيو آهي ته موجوده صورتحال ۾ طاقت جو توازن اهڙو آهي جو ڪنهن به صوبي جا ماڻهو موجوده حالتن ۾ اڪيلي سر

پنهنجا مقصد حاصل ڪري نٿا سگهن. تنهن ڪان سواءِ فقط ننڍن صوبن جا ماڻهو رڳو پاڻ ۾ ٻڌي ڪن تہ بہ جيتري ٻڌي عوام جي سجاڳيءَ جي هاٺوڪي حالت ۾ هينئر ممڪن آهي ۽ جيتري ايندڙ ويجهڙائيءَ واري وقت ۾ ممڪن آهي تنهن جي زور تي سڄي ملڪ جي عوام دشمنن کي قطعي ۽ فيصلي ڪن شڪست ڏيئي سگهن سا ڳالهہ جيڪڏهن بنهہ ناممڪن نہ تہ تمام گهڻو مشڪل ضرور نظر اچي ٿي. خود اهڙا ماڻهو جيڪي سمجهن ٿا تہ حاڪم طبقن جا پرڪار اهي ئي رهندا تنهنڪري صوبن جو پاڻ ۾ گڏ گذارو ڏاڍو ڏکيو آهي سي بہ محسوس ڪرڻ لڳا آهن تہ معاملي جو پس پيش حل کهڙو بہ ڪڍي ٿئي پر سواءِ سيني صوبن جي گڏيل جدوجهد جي اهو ليکو ڪونہ چٽندو.

ٻئي طرف پنجاب ۽ ڪراچي شهر جي پورهيت ۽ جمهوريت پسند قوتن 30 سال زور آزمائي ڪري ڏٺو آهي تہ سواءِ ننڍن صوبن جي عوام جي حمايت جي هو پنهنجا طبقاتي ۽ جمهوري حق هرگز هرگز حاصل ڪري نہ ٿا سگهن. ان ڪري ملڪ ۾ هڪڙا بہ مخالف ۽ ساڳئي وقت هڪٻئي سان ميل ڪائيندڙ سياسي لاڙا پيدا ٿيا آهن. پهريون هي آهي تہ نہ رڳو وڏي ۽ بالادست صوبي پنجاب جي عوام ۾ پر ڪنهن نہ ڪنهن حد تائين ڪراچيءَ جي نون ماڻهن ۾ بہ، نہ رڳو طبقاتي سجاڳي وڌي رهي آهي پر ڪين اها خبر پوڻ شروع ٿي آهي تہ قومي مسئلي تي حاڪم طبقي جي واٽ ونڻ سان ڪين فائدو گهٽ ۽ نقصان گهڻو پهچي رهيو آهي. هنن ڏٺو آهي تہ اسان 30 سال اها واٽ ورتي آهي پر مکيہ فائدو رڳو ڦورو ۽ ظالم حاڪم طبقن ۽ سندن چاڙتن ورتو آهي. ان جي ابتڙ ٻيو لاڙو ننڍن صوبن ۾ اهو اُسري رهيو آهي تہ پنجاب ۽ سنڌ جي ڪراچي شهر جي عوام جي سياسي ۽ طبقاتي سجاڳي جيتري وڌيڪ هوندي، ننڍن صوبن جي عوام جي حق پرست جدوجهد کي اوتري وڌيڪ هٿي اچي سگهي ٿي. آهستي آهستي اها ڳالهہ سيني صوبن جي سمجهو ۽ عوام دوست ماڻهن کي صاف نظر اچڻ لڳي آهي تہ پنجاب ۽ ڪراچيءَ جي مزدورن، هارين ۽ ٻئي عوام جي طبقاتي ۽ جمهوري جدوجهد ننڍن صوبن جي عوام جي قومي جدوجهد لاءِ ۽ قومي جدوجهد انهن علائقن جي عوام جي جمهوري ۽ طبقاتي جدوجهد لاءِ نقصانڪار ناهي. انهن جدوجهدن جي وچ ۾ ٽڪر هئڻ بدران پاڻ ساٿ هئڻ گهرجي ڇو تہ اهي جدوجهدون هڪٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. ۽ في الحال ائين ٿو نظر اچي تہ انهن مان ڪابہ هڪڙي ٻيءَ کان الڳ ڪامياب مشڪل ٿي سگهي. سيني کي ياد آهي تہ ايوبي آمريت خلاف جدوجهد شروع سنڌ، بلوچستان، سرحد مان ٿي، اڳتي بنگال وڌائي، ۽ ان جو ڪامياب انت سيني صوبن ۾ گڏ هلايل آخري زبردست جدوجهد ذريعي ٿيو. ڀٽي صاحب جي حڪومت جي مخالفت بہ پهريائين ننڍن صوبن مان

ٿي. اهي صوبا هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏين ها تہ پوءِ واري وڏي تحريڪ اهڙي آسانيءَ سان هلي ئي ڪانہ سگهي ها. پر ان پوئين تحريڪ کان سواءِ وري ننڍن صوبن جون جدوجهدون مشڪل ڪامياب ٿين ها. ساڳيءَ طرح سڄي ملڪ جا ڪيترا ايماندار ۽ سمجهو ماڻهو پراڻي قسم جي سورهن آنا نڳي، فريب ۽ بدمعاشيءَ واري آل پاڪستان سياست کي سموري عوام لاءِ نقصانڪار سمجهڻ لڳا آهن. هاڻ اهو لاڙو آهستي آهستي اُسري ۽ زور وٺي رهيو آهي تہ عوام جي سيني ڏرين کي هڪٻئي سان وهنوار ڪرڻ ڪپي ۽ حاڪم طبقن جي چوڻ تي لڳي هڪٻئي سان رڳو گهوٻيون نہ هڻڻ گهرجن نہ تہ ملڪ جي عوام جي سياست جو چرخو هلي نہ سگهندو.

## پنهنجو تنظيمي تڏو، پنهنجو نظريو

7 ـ اڳ سنڌ ۾ ننڍن صوبن جي قومي ۽ طبقاتي سياست جي ٺيڪيداري ڪراچي جي هڪ خاص ٽولي جي هٿ ۾ هوندي هئي، جيڪو ملڪ جي مظلوم عوام سان ساٿ ڏيڻ بدران جماعت اسلاميءَ سان سنگت رکيو ۽ ننڍن صوبن جي ڪن سردارن، خانن ۽ وڏيرن کي پنهنجي هٿ ۾ رکيو انقلابي سياست جو چوڌري ۽ جمعدار بنيو وينو هو. هاڻ اها هڪ هٽي واري جاگيردار پرست ۽ رجعت پرست سياست سڄي دنيا جي سامهون ناڪام ثابت ٿي چڪي آهي. سردار، خان ۽ وڏيرا هڪڙو هڪڙو ٿي سندن هٿن مان طوطي وانگر اُڏامي ويا آهن ۽ اٿلو متن سخت چوهہ پيا چندين. جماعت اسلاميءَ کي ٻيا بهتر يار ملي ويا آهن. معلوم ٿو ٿئي تہ ان ٽولي جي اندر بہ هاڻ عوام دشمنن ۽ رجعت پرستن جو پڇ تي لٽڪڻ واري سياست خلاف ڪافي بي اطميناني پيدا ٿي چڪي آهي. جيتوڻيڪ في الحال اها آس رکڻ تہ اجائي ٿيندي تہ هو رات وچ ۾ بااصول ۽ عوام دوست انقلابي ٿي ملڪ جي عوام ۽ خاص ڪري مظلوم صوبن جي عوام سان سدا ٿي هلندا! پر تہ بہ اهو وسهڻ لاءِ ڪافي سبب آهي تہ هو عام حالتن کان ۽ سندن غلط پاليسي تي ٿيل اندرين توڙي ٻاهرين نڪتہ چينين کان متاثر ٿي پنهنجي حڪمت عملي ۽ چالن ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ سڌارا ضرور آڻيندا ۽ سندن غلط لاڙن ۾ ڪجهہ گهٽتائي ٿيندي.

8 ـ سنڌي عوام وٽ هينئر طبقاتي، قومي ۽ جمهوري جدوجهد جو خود پنهنجو نسبتاً مڪمل نظريو موجود ٿي چڪو آهي جو هن سڄي دنيا جي تاريخي نظريي ۽ تجربي جي نچوڙ ڪڍڻ ۽ خود پنهنجي تاريخي تجربي جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ذريعي حاصل ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح اسان وٽ پنهنجا عوام دوست ۽ وطن دوست تنظيمي تڏا ۽

آزمايل ڪارڪن بہ موجود آهن. هاڻ اسان کي ڌارين جي تنظيمي درن تي ڌڪا جهلڻ ۽ پنهنجي سموري سياسي لڏ انهن تي لاهي، پاڻ بادو بي ميار ٿي ويهي رهڻ جي ڪابہ ضرورت ڪانهي.

## اتحاد جو صحيح نظريو

9 ـ مختلف اختلافي ڌرين جي پاڻ ۾ اتحاد ڪرڻ ۽ ان کي ڪاميابيءَ سان هلائڻ جو نظريو بہ هاڻ بلڪل صاف ۽ واضح ٿي اسان جي اڳيان آيو آهي. ان جو تت هي آهي:

(1) اتحاد انهن سان نہ ٿيندو آهي جيڪي اسان سان سورهن آنا متفق هجن پر انهن سان ٿيندو آهي جيڪي اسان سان ڪجھ اختلاف رکندا هجن.

(2) اتحاد جي معنىٰ اتحادين جي رڳو تائيد ڪرڻ ڪانهي پر ساڻن اختلاف ڪرڻ ۽ مٿن تنقيد ڪرڻ بہ آهي.

(3) اتحاد رڳو هڪڙي ڌر سان ڪري فقط ان تي ياڙي ويهڻ جي ضرورت ڪانهي، ٿي سگهي تہ انهن سمورن ڌار ڌار ماڻهن سان ڌار ڌار اتحاد ٿيڻ گهرجن جيڪي اسان سان بہ چار آنا، يا ڪن حالتن ۾ رڳو آنو ٽڪو يا مورڳو پئسو پائي بہ اتحاد ڪري سگهندا هجن ۽ باقي سمورين ڳالهين ۾ اسان سان اختلاف رکي پلي اسان جي مخالفت بہ ڪندا هجن.

(4) پنهنجي سموري سياست جي لڏ ڪنهن خاص اتحاد تي لاهي ان ۾ ضم ٿي ويهي نہ رهڻ گهرجي. اتحاد کان الڳ پنهنجو تنظيمي وجود نہ رڳو باقائدي قائم رکجي پر ان کي زور وٺائي مضبوط بہ ڪندو رهجي، نہ تہ ماڻهو گهٽائيءَ واري ۽ زوراور اتحادي ڌر جو محتاج ٿي پوندو ۽ اتحاد ناڪام ثابت ٿيندو.

(5) اتحاد اندر توڙي ٻاهر مقرر حدن اندر پنهنجي خودمختاري ۽ عمل جي آزادي اهڙي نموني برقرار رکجي جو اتحاد کي بہ اجايو ڇيهو نہ رسي ۽ پنهنجي عوام جي خدمت جي صلاحيت بہ برقرار رهي ۽ وڌندي، ويجهندي رهي.

(6) اتحادي ڌرين اندر ضرور ڪيترائي ڪٽر رجعت پرست هوندا. انهن مان اها اميد هرگز نہ رکڻ گهرجي تہ ڪي هو اتحاد ڪرڻ شرط اشراف ٿي ويندا ۽ پنهنجون حرڪتون بند ڪري ڇڏيندا. اهي اتحاد جو ناجائز فائدو وٺي پنهنجون حرڪتون پاڻ اجا بہ وڌائيندا ۽ تيز ڪندا. ان ڪري اتحاد جو لحاظ ڪري، اهڙين بدمعاشيءَ وارين ڪٽر رجعت پرست حرڪتن کي سدائين برداشت ڪندو رهڻ جو ڪوبہ ضرور ڪونهي. ائين ڪرڻ سان پاڻ هنن جو من وڌي ويندو. ان ڪري جڏهن بہ مقابلي لاءِ واجبي سبب هجي ۽

ان ۾ سرسي ڪرڻ لاءِ حالتون سازگار هجن تڏهن ڀرپور تياري ڪري مناسب ۽ موزون وقت ۽ حالتن ۾ رجعت پرستن کي ضرور به ضرور لغام ڏيڻ گهرجي. البت ڪنهن به جهيڙي کي اجائي ڊيگهه ڏيڻ کان پرهيز ڪرڻ کپي. فيصلو ٿي سگهي ته بنا دير ڪري ڇڏڻ گهرجي.

(7) اتحاد جي حرص ۾ پنهنجي عوام کان ڪڏهن به هرگز هرگز ڪٽجي نه وڃڻ گهرجي. ائين نه ٿئي جو اتحاد جي گڏيل طاقت جي نشي ۾ ماٺهو اهڙو ڇُور ٿي وڃي جو ڪيس پنهنجي پرائي جو سماءُ ئي نه پوي.

(8) پنهنجي ڪارڪنن کي اتحادين کان خراب لاڙا پرائڻ نه ڏجن. سندن هر وقت رهبري ڪندو رهجي ته جيئن هو خوشامد، فتني ۽ سازش جو شڪار ٿي ڪاڏي پيتي، معتبري ۽ لئي بازي، آڪڙ ۽ تڪبر، لالچ ۽ هوس جي علتن ۾ مبتلا ٿي خراب ۽ گندا نه ٿي پون.

(9) ممڪن آهي ته اتحاد هلندي اتحاد ۾ شامل ڪي رجعت پرست اتحاد جي چوغي ڪي عوام دشمن مقصدن لاءِ ڪتب آڻيندي، پاڻ ۾ سازش ڪري، عوام ۾ ڪوڙيون گلائون ڪري، سندس اصل موقف کي ٺوڙي مروڙي، ڪيس عوام کان ڪاٽڻ ۽ ختم ڪري ڇڏڻ جون ڪوششون ڪن. ان لاءِ هر وقت خبردار ۽ پهري سجاڳ رهڻ گهرجي ۽ هر قسم جي سازش ۽ فتني کي منهن ڏيڻ لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي. ڪڏهن به غافل ۽ ويسلو نه رهڻ گهرجي.

(10) اهڙي طرح اها ڳالهه چڱيءَ طرح سمجهي ڇڏڻ کپي ته سياسي اتحادين جي ڪري سياسي اختلاف ۽ تضاد، سياسي ڇتاپيٽيون ۽ مقابلا صفا ختم نٿا ٿين پر رڳو هڪڙو نئون روپ اختيار ڪن ٿا. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي ته ڪن خاص گڏيل مقصدن خاطر اختلاف، تضاد، ڇتاپيٽيون ۽ مقابلا هڪڙي مقرر حد اندر محدود ڪيا وڃن ٿا ۽ ڪين هڪ مقرر روپ ڏنو وڃي ٿو. پر ڪين صفا ختم نٿو ڪيو وڃي.

(11) انهن ڳالهين کي هر وقت ۽ پوري طرح ڌيان ۾ رکندي، پنهنجي اتحادين سان سچائي، خلوص ۽ برابريءَ جي هلت ڪرڻ گهرجي ۽ اتحاد جو ناجائز فائدو وٺڻ نه گهرجي. اتحادين خلاف سازش ۽ فتني کان پرهيز ڪرڻ گهرجي. پنهجي ذات ۽ ٽولي جي مفادن بدران عوام جي وسيع ۽ ڊگهي عرصي وارن ٺوڙي ٻين مفادن جو خيال رکڻ گهرجي. هر وقت اها ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته اتحاد عوام جي فائدي لاءِ وڌيڪ وسيع ۽ وڌيڪ گهرو ٿئي ۽ زور وٺي.

## اتحاد بابت غلط لاڙن سان مقابلو ڪريو

جيڪي ماڻهو اتحاد جي ضرورت ڪي اصولي طرح قبول ڪن ٿا تن سيني جو اتحاد ڏانهن رويو ساڳيو ڪونهي. ڪي اهڙا بہ هوندا جي اتحاد ڪي فقط پنهنجي تنگ ذاتي ۽ ٽولي بازيءَ وارن مفادن لاءِ ڪتب آڻڻ گهرندا. هو سچو پچو، سيني جي پلي جو ۽ عوام جي وسيع مفادن مطابق اتحاد ڪونہ گهرندا. هو فقط پنهنجي لئي وڏائڻ ۽ اتحاد جي آڙ ۾ ٻين ڪي قبضي ۾ ڪري، ختم ڪرڻ گهرندا.

اهڙي قسم جا ڪي ماڻهو ننڍين قومن جي ماڻهن تي منايل آهن. هنن 30 سال انقلاب ۽ عوام جي نالي ۾ مٿن جمعداري هلائي آهي ۽ سندن ترا ڪڍيا آهن. ٿيڻ تہ ائين کپي تہ ان قسم جا ماڻهو انقلابي جذبو ڏاري پاڻ تي تنقيد ڪن، پنهنجي ڪيئي تي پڇتائين، پنهنجي عوام خلاف ڪيل ڪمن ڪان توبهہ تائب ٿين، عوام کان سچائيءَ ۽ ڪليءَ دل سان معافي وٺي پنهنجا ڏوهہ بخشائين، غلط عوام دشمن واٽ ڇڏي عوام سان سچائي، خلوص، خيرخواهي ۽ حقيقت بيانيءَ جي واٽ وٺن تہ پوءِ يقين آهي تہ عوام ڪين سندن ڏوهہ معاف ڪندو ۽ ڪين نئين سر موقعا ملندا تہ گذريل غلطين جي تلافي ڪن ۽ پاڻ ڪي عوام جا سچا خادم ثابت ڪري، سچن انقلابين جي صفن ۾ جائز طرح داخل ٿين. اجا بہ بهتر ٿئي ها جيڪڏهن اهڙا ماڻهو پنهنجي خوشيءَ سان اعلان ڪن ها تہ ”اسان 30 سال ملڪ جي ماڻهن تي خاص ڪري ننڍن صوبن جي ماڻهن تي پنهنجي غلط قيادت زوري ۽ اٽڪل سان مڙهي آهي ۽ ان جي وسيلي عوام کي هيترا سال وڏا نقصان پيا آهن. تنهنڪري اسين هاڻ رضا خوشيءَ سان ننڍن صوبن جي عوام جي زبردستي اڳواڻ ٿيڻ واري ضد تان لهي ٿا وڃون ۽ سچيءَ دل سان سندن پٺ وٺڻ لاءِ تيار آهيون. هو جيڪا بہ صحيح ۽ انقلابي واٽ اسان کي ڏسيندا. اسين سچيءَ دل سان ان تي هلنداسون.“

پر ڏسجي ٿو تہ اهڙي قسم جي ماڻهن ۾ اهڙي سڌاري جي اجا نوبت ڪانہ آئي آهي. هينئر ان قسم جا ماڻهو اٿلو عوام جي مٿان پنهنجي غلط بالادستي ۽ جمعداري وڌيڪ ڄمائڻ جي لاءِ ڪوشش ۾ مصروف ڏسبا. هو چاهين ٿا تہ ننڍن صوبن جا عوام، خاص ڪري سنڌي عوام سدائين سندن ڏيج، رعيت ٿي رهن. هو سنڌ جي عوام ۽ سندن ڪارڪنن کي پنهنجي سياسي هوم سراءِ جون سريتون ڪري هلائڻ گهرن ٿا ۽ پائين ٿا تہ هو جيڪا بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ گهرن سا فقط ساڻن ڪن ۽ ٻي ڪنهن سان بہ نہ ڳالهائين. جي ٻئي ڪنهن سان ڳالهائڻو هجين تہ سندن موڪل سان ۽ سندن معرفت ڳالهائين، نہ تہ

نہ. سنڌي ماڻهو ملڪ جي ٻين ماڻهن يعني بلوچن، پناڻن ۽ پنجابين وغيره مان ڪنهن سان بہ پنهنجي منهن نہ ڳالهائين.

سنڌي ماڻهن جون وطن دوست تنظيمون سندن چاڙتن جون بہ چاڙتيون بنجي رهن ۽ سندن اشارن تي هلن. عوامي تحريڪ عوام جي فائدي لاءِ ملڪ جي گهٽين وطن دوست، عوام دوست ۽ جمهوريت دوست ڌرين سان لاڳاپا رکندي آئي آهي؛ اها سڄي ملڪ جي ماڻهن جي وسيع عوامي جمهوري اتحاد لاءِ پاڻ پتوڙيندي رهي آهي. عوامي تحريڪ جي انهيءَ عوام دوست پاليسيءَ کي روڪڻ ۽ ناڪام بنائڻ لاءِ ان قسم جي ماڻهن پنهنجي مختلف ٻهروپن ۾ لڪل ڪن چاڙتن هٿان سندن رسالن ۾، عوام دوست پاليسيءَ جي اڻ سڌي طرح مخالفت شروع ڪئي آهي ۽ ڌمڪيون ڏيڻ لڳا آهن تہ جي اسان جي موڪل بنا ملڪ جي ٻين ڌرين سان ڪا ڳالهہ ٻولهہ ڪندا تہ اسين توهان جي خلاف ڪوڙيون پروپئگنڊائون ڪري توهان کي ختم ڪنداسون. ظاهر آهي تہ ننڍن صوبن جا عوام ۽ خاص ڪري سنڌي عوام ۽ عوامي تحريڪ جهڙي انقلابي وطن دوست پارٽي هن قسم جا بي واجبي ۽ ناجائز مطالبا قبول نٿا ڪري سگهن.

## سنڌي عوام کي اڪيلو رکڻ جي سازش ناڪام بنايو!

عوام چون ٿا تہ اها بلڪل بي واجبي ڳالهہ آهي تہ جڏهن سڄي ملڪ جا وڏيرا، جاگيردار، سرمائيدار جيڪي سڄو ڏينهن هڪٻئي جون ڏاڙهيون پيا پٽيندا هئا سي اڪ چنبي ۾ پاڻ ۾ هڪ ٿي وڃن ٿا، تڏهن ان تي ڪنهن کي بہ ڪوبہ اعتراض نٿو ٿئي؛ جڏهن بلوچستان ۾ هيڏي فوجي ٽڪر ۽ خونريزيءَ کان پوءِ بلوچن ۽ پناڻن جو اڳواڻ ولي خان فوج جي ڪمانڊر انچيف سان ڪچهريون ڪري ٿو تہ ان ۾ ڪنهن کي ڪابہ اربع خطا نظر نٿي اچي ۽ جڏهن ڪراچيءَ جا ساڄين توڙي کاٻين ڌرين جا سياسي ٽولا پنجاب جي سياسي ٽولن سان هردم ڪچهريون ۽ ٻٽيون ڪن ٿا ۽ هڪٻئي کي ڀاڪريون پائين ٿا تہ ان ۾ ڪنهن کي بہ ڪا اعتراض جوڳي ڳالهہ نظر نٿي اچي. باقي جيڪڏهن سنڌ جا عوام سرحد، پنجاب ۽ بلوچستان جي اڳواڻن سان ملڻ جي ڳالهہ ڪن تہ پرمارن ۽ سندن لڪل مڪاني چاڙتن کي ڊپ پٽ مچائڻ جو ڪهڙو حق آهي؟ صاف ظاهر آهي تہ سنڌ جا دشمن ۽ سندن ظاهري توڙي لڪل چاڙتا هڪ طرف سنڌين کي زبردستيءَ اڪيلو، بي واهو ۽ نڌڪو ڪري رکڻ گهرن ٿا ۽ ٻئي طرف سندن خلاف پنهنجي طاقت پنجوٽي ڇهوٽي رکڻ گهرن ٿا، ان ڪري هو هڪڙي پاسي سنڌين کي ڪنهن ٻئي سان ڳالهائڻ نٿا ڏين تہ متان ڪير سندن ساٿي نہ بنجي پوي ۽ سندن طاقت وڌي نہ وڃي تہ

ٻئي پاسي هو پاڻ نہ رڳو ملڪ اندر پر ان ڪان ٻاهر بہ سڄيءَ دنيا ۾ ننڍن صوبن جي ماڻهن خلاف ناپاڪ اتحادن جو هڪڙو وسيع ڄار وڇايو ويٺا آهن. ان صورتحال جو برقرار رهڻ ۽ سنڌين جو سڄي ملڪ کان ۽ سڄي دنيا کان ڪٽيل رهڻ ۽ پرمارن جو محتاج ٿي رهڻ اهي ڳالهيون سنڌي عوام لاءِ بلڪل نقصانڪار آهن. ان مان فائدو رڳو عوام جي دشمنن کي رسي ٿو.

## پلي پيا رنيون ڪن

تنهنڪري سنڌي عوام ۽ عوامي تحريڪ ان صورتحال کي قبول يا برداشت ڪري نٿا سگهن. پرمار ۽ سنڌن چاڙتا پلي ڪٽي ڪيڏيون بہ رنيون ۽ ٻاڪارون ڪن، ڪيڏيون بہ اکيون ڦوٽارين ۽ دهمان ٻڌن پر سنڌي ماڻهو ۽ سنڌن انقلابي وطن دوست پارٽي، عوامي تحريڪ ملڪ جي سمورين وطن دوست، عوام دوست ڌرين سان ڪيترن بہ اختلافن جي هوندي بہ ساڻن سڀ طرفا لاڳاپا قائم ڪرڻ ۽ وڌائڻ جون ڪوششون جاري رکندي، ڇو تہ اها ڳالهہ سنڌي عوام جي ڀلائيءَ لاءِ لازمي آهي. سنڌي ماڻهن کي ضرورت آهي تہ کين معلوم هجي تہ ولي خان، خير بخش مري، بزنجو، عطا الله خان وغيره ۽ سنڌن پوئلڳ سي ملڪ ۽ خاص ڪري سنڌ بابت ڇا ٿا سوچين ۽ هو اسان سان ڪيتري حد تائين تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهن. اسان کي خبر پوڻ ڪپي تہ شير محمد مري، افضل بنگش، ميجر اسحاق، سي ـ آر اسلم، عزيز السلام بخاري، ۽ ٻين ان قسم جي ڪابي ڌر جي ماڻهن جي ملڪي سياست بابت سوچ ڇا آهي ۽ هنن مان اسان کي ڪيتري ۽ ڪهڙي قسم جي سلوڪ ۽ ساٿ جي توقع رکڻ ڪپي. مطلب تہ اسان کي هر وقت بدلجندڙ ملڪي سياسي صورتحال تي چوويهہ ڪلاڪ نظر رکڻي آهي، ۽ پنهنجا سڀ ڳس ۽ رستا هر وقت کليل رکڻا آهن. قومي ۽ طبقاتي سياست هڪڙي روزمره جو پورهيو ۽ ڏنڌو آهي. اهو روز ۽ هر گهڙي پيو ڪبو ۽ پنهنجي عوام جي مرضيءَ ۽ فائدي موجب ئي ڪبو. پرائي مرضيءَ تي هلبو تہ نقصان ٿيندو.

## اتحاد لاءِ اورچائيءَ سان جدوجهد جاري رکو!

ٻئي طرف انهن غلط ڳالهين ڪرڻ جي باوجود اهڙي قسم جا ماڻهو جنهن حد تائين پنهنجي حرڪتن کان باز آڻي سگهجن ۽ کين عوام لاءِ جنهن حد تائين ڪارائتو بنائي سگهجي، ان حد تائين ساڻن محدود اتحاد تي سگهي ٿو ۽ ڪرڻ ڪپي. ڇو تہ عوام کي هن وقت هر قسم جي پکن، اڌ پکن ۽ ڪچن، سڄن ٽوڙي اڌ گيدن مددگارن جي

ضرورت آهي. جيڪڏهن اهڙا ماڻهو پنهنجي پاليسي ۾ بنيادي سڌارا آڻين ته پوءِ ساڻن وڏيڪ ويڪرو ۽ گهرو اتحاد ٻـ ڪري سگهجي ٿو ۽ ٿيڻ کپي.

اتحاد بابت اهي ۽ ٻيا ڪئين مسئلا نه رڳو اتحاد کان اڳ موجود آهن پر جيڪڏهن ڪو اتحاد ٿيو ته ان کان پوءِ ٻـ اهي ساڳيا مسئلا رهندا بلڪ اجا زور وٺندا ۽ نوان مسئلا ٻـ پيدا ٿيندا رهندا. تنهنڪري انهن حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان کي ذهني، تنظيمي ۽ سياسي طرح اڳواٽ ئي تيار رهڻ گهرجي. آخر ۾ اسان کي ان لاءِ ٻـ اڳواٽ تيار رهڻ گهرجي ته اسان جي بهترين ۽ پورين پورين ڪوشش جي باوجود ٻـ ڪو ٻـ ڪارائتو اتحاد في الحال قائم نه ٿي سگهي يا جيڪڏهن ٿئي ٻـ ڪٽي ته ٻـ ترت ڊهي پوي. انهن ٻنهي حالتن ۾ اسان کي هرگز مايوس ٿيڻ نه گهرجي ۽ حالتن کي وڌيڪ بهتر بنائڻ لاءِ جدوجهد جاري رکڻ گهرجي.

جيڪڏهن انهن ڳالهين کي ڌيان ۾ رکي سچائي، خلوص، اورچائي، دوراند يشيءَ ۽ ڌاهپ سان لڳاتار اڻانگي جدوجهد ڪبي رهبي ته نيٺ ڌاڪي ٻـ ڌاڪي يا آهستي آهستي سڄي ملڪ جو وسيع عوامي جمهوري اتحاد قائم ڪري سگهبو ۽ ان کي سلامت رکي، وڌائي ويجهائي ڪاميابيءَ سان هلائي سگهبو.

["تحريڪ"، جنوري 1978ع]

★

ٽيڪسٽ انٽري ۽ اِي بُڪ ڪمپوزنگ: سڪندر علي ابڙو، قمبر علي خان

سنڌي عوامي برقي ـ ڪتاب
Sindhi Awami e-Books

وڌيڪ برقي ڪتابن لاءِ ڪِلڪ ڪريو: http://geocities.com/sindhiawami